# مُنھنجي مُئي ڪانپوءِ

(ڪتاب ”شھر شھر زخمي“ ۽ ”ڏاڍو سارينديون“ سميت باقي ڪلام)

## زخمي چانڊيو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر







# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو هڪ نئون ڪتاب **”منھنجي مُئي ڪانپوءِ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. شاعريءَ جو هي ڪتاب ناميارې شاعر **”زخمي چانڊيو“** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ڪتاب ”شهر شهر زخمي“ ۽ ”ڏاڍو سارينديـن“ سميت باقي شاعري شامل ڪئي وئي آهي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

”شهيد زخمي چانڊيو جي زخمي روح جي درد ڪٿا جو درد اهي پتنگ ۽ عشاق ئي ڄاڻي سگهن ٿا، جن جو من زميني صحيفن ۽ تلخ حقيقتن جي سچائي جي سگهه سان سرشار هجي. زخميءَ جي ڌرتيءَ لاءِ تڙپ ۽ پڪار جا سنيها اڄ بہ سندس شاعريءَ مان ليئاڪا پائيندي ڪجهه ڪرڻ جي آرزوءَ جو پيغام ڏين ٿا، زخميءَ پنهنجي شاعري جي هر صنف ۾ فراخدلي سان اندر جي اظهار ڪي اهڙي نموني تہ اپاريو آهي جنهن ڪي قلمبند ڪرڻ ڪان اڳ اڄ جي دور ۾ ڪنهن بہ قلمڪار جو قلم فل اسٽاپ يا ڪاما جي پابندين سان جڪڙيو ضرور پوي، پر هن ڪويءَ پنهنجي زندگيءَ جيان پاڻ ڪي شاعريءَ ۾ بہ ڪرو، سچو ۽ بي ڊپو ٿي ثابت ڪري پاڻ وٽايو آهي.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





**ڪتاب نمبر 33**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | منھنجي مُئي ڪانپوءِ |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | زخمي چانڊيو |
| مرتب: | ساجد چانڊيو |
| ڇاپو پھريون: | آڪٽوبر 2016ع |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: | خالد چانڊيو ۽ شاهزيب ميمڻ |
| ٽائيٽل: | رضوان گل |
| ڇپائيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گھٽي ڳاڙهي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلھ: 400 روپيا**

***MUNHINJE MUAE KHAN POE***
**(*Poetry*)**
***By: Zakhmi Chandio***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
پيٽائي ڪتاب گھر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گھر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گھر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گھر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

# پبلشر نوٽ

شهيد زخمي چانڊيو جي زخمي روح جي درد ڪٿا جو درد اهي پتنگ ۽ عشاق ئي ڄاڻي سگهن ٿا، جن جو من زميني صحيفن ۾ تلخ حقيقتن جي سچائي جي سگهہ سان سرشار هجي. زخميءَ جي ڌرتيءَ لاءِ تڙپ ۽ پڪار جا سنيها اڄ بہ سندس شاعريءَ مان ليئاڪا پائيندي ڪجهہ ڪرڻ جي آرزوءَ جو پيغام ڏين ٿا، زخميءَ پنهنجي شاعري جي هر صنف ۾ فراخدلي سان اندر جي اظهار ڪي اهڙي نموني تہ اپاريو آهي جنهن ڪي قلمبند ڪرڻ کان اڳ اڄ جي دور ۾ ڪنهن بہ قلمڪار جو قلم فل اسٽاپ يا ڪاما جي پابندين سان جڪڙيو ضرور پوي، پر هن ڪويءَ پنهنجي زندگيءَ جيان پاڻ ڪي شاعريءَ ۾ بہ ڪرو، سچو ۽ ٻي ڊپو ٿي ثابت ڪري پاڻ وٽايو آهي، هونئن بہ زخمي چانڊيو سنڌي شاعري جي انهن املهہ موتين منجهان هڪ آهي جن پنهنجي قول ۽ فعل ۾ ڪڏهن بہ تضاد نہ رکيو.

زخمي ڄام خان چانڊيو جي شاعريءَ ۾ جيئن ڌرتيءَ سان بي پناهہ محبت، ڏاڍ، انياءَ ۽ دشمن خلاف للڪار سميت حق ۽ سچ جي آواز جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ محسوس ٿين ٿا تيئن سندس زندگي بہ مسلسل عملي جاکوڙ جي نموني طور ڪنهن کان بہ لڪل ناهي رهي. سنڌ ڌرتيءَ جا اهڙا ڪردار جن تي سنڌ واسي هميشہ ڳاٽ اوچو ڪري فخر محسوس ڪري سگهن، شهيد زخمي چانڊيو بہ انهن مان هڪ هو، جنهن سنڌ ڌرتيءَ جي نعري هيٺ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين بنا ڊپ ڊاءَ جي نہ فقط سنڌ دشمنن مٿان قلمي هٿيار سان ڀرپور وار ڪيا پر پنهنجي وجود مٿان مشڪلاتن ۽ تڪليفن جا انبار پڻ سَٺا. شال سندس ٻاريل مشعل ڪليات "منهنجي مُٺي ڪانپوءِ" جي روپ ۾ هڪ هٿ کان ٻئي هٿ پهچندي هميشہ روشن رهي ۽ پنهنجي مقصديت جي حاصلات سان همڪنار ٿئي.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**






# زخمي چانڊيو سڄڻ ۽ ساٿيهہ جو شاعر

عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي ۽ سرڪش سنڌي اسانجا عوامي ۽ مزاحمتي شاعر آهن، جن ۾ شهيد زخمي چانڊيو بہ پنهنجي هڏ ڪاٺ سان شامل آهي، ڏٺو وڃي تہ ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ پنهنجن ملڪي ماڻهن هٿان زور شور سان استحصال (Exploitation) پئي ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان وارن جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙن واري حالت رهي آهي ۽ ائين استحصال جي حوالي سان مزاحمتي ادب جي نئين سِر تاريخ مرتب ٿي آهي، جنهن ۾ شهيد زخمي چانڊئي جو نالو بہ سونهري اکرن ۾ لکيل نظر ٿو اچي. سنڌ جي غضب ڪيل حقن جي جاکوڙ جي حوالي سان اسان کيس مزاحمت جو شاعر (Poet of Rebellion) جهڙي لقب سان سڏيو تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

شهيد زخمي چانڊيو سڄڻ ۽ ساٿيهہ جو شاعر آهي. ڀنڀي ڏاڙهي، ڦٽي ڏنل شهپرن، چاق چوبند، پُوري هڏ ڪاٺ ۽ سُهڻي مُهانڊي واري اسانجي شاعر شهيد زخمي چانڊئي تي ڪجهہ لکندي، دل مان صدا ٿي اُٿي تہ ڪاش هُو اسان سان اڃان گڏ هجي ها! هُو جتي بہ آهي، يقين آهي تہ سنڌ ماتا جي گود ۾ ئي هوندو، سنڌ ۽ سنڌ وارن جا ئي خواب لهندو هوندو.

**تاجل بيوس**
**(ڪتاب: "شهر شهر زخمي" جي مهاڳ جو اختصار)**

# ”زخمي: سچ چوندڙن ۾ سگهارو نالو“

زخمي چانڊئي کي مون جيئن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو:
زخميءَ ۾ بنا ڪنهن ذاتي مفاد جي، پاڻ ارپڻ وارو جذبو موجود هئو.
هيءُ يارُ علم ۽ انصاف لاءِ سڄي عمر جاکوڙيندو رهيو.
هر واهڻ هر وستيءَ ۾ سجاڳيءَ جو سوجهرو پکيڙيندو رهيو.
سندس قول ۽ فعل ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه هوندو هئو.
ذات جي ڏيهه ۾ هن جي ڏاهپ ۽ ڏانءُ جرڪندي نظر اچن ٿا.
هن پنهنجي ذاتي مسئلن کي قومي مامرن تي ڪڏهن به ترجيح نه ڏني.
هن جي سموري سوچ توڙي لوچ ديس واسين کي ارپيل هئي.
هُو هڪ غيرمعمولي عوامي انسان هئو.
هُو انساني خوبين جو پيڪر ۽ سنڌ جو سرمايو هئو.
سندس اکين ۾ سنڌ جي آجپي جا سپنا سجايل هئا.
پاڻ ڪڏهن به مايوس ۽ نااميد نظر نه آيو.
کيس يقين هئو ته سنڌ جو مستقبل ضرور روشن ٿيندو.
هن ارڏي ۽ اڏول انسان جي حياتيءَ جو مقصد سنڌي ماڻهن جي سرهائي ۽ سنڌ جي آزادي هئو.
سنڌ امڙ سان نينهن جو ناتو نڀائڻ لاءِ عملي جاکوڙ ڪيائين ۽ ان ۾ وسان ڪونه گهٽايائين.
سنڌ جي هر پنڌ ۽ پيچري تي سندس پيرا پسي سگهجن ٿا.
سندس شعرن جي گونجار ۾ صرف ۽ صرف سنڌ جو پڙاڏو آهي.
سنڌ جا اڪثر ماڳ مڪان شاهد آهن ته هو سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ سجاڳيءَ جو سنيهو کڻي هر هنڌ پهچي ويندو هو.
سندس شعر پڙهڻ جو انداز به سندس شخصيت وانگر رعبدار هو.
سندس شعر، ٻڌندڙ ماڻهن جي دلين ۾ قومي جوش آڻي ڇڏيندو هو.
سنڌ جي وسندين مان سندس آواز اڀري، اقتداري ايوانن تائين پهچندو رهيو، ظالمن ۽ جابرن کي للڪاريندو رهيو.
هن جي شعرن ۾ ارڏن جذبن جا اڪيچار رنگ سمايل آهن.
هن جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي حقيقت سان لاڳاپيل ڪردارن جون ڪٿائون صحيح صورت ۾ پڙهي ۽ ڏِسي سگهجن ٿيون.
سمجهجي ٿو ته هو ڄائي ڄم کان سچ ۽ انقلاب جي ميراث کڻي آيو هئو.
سچ چوندڙن ۾ ”زخميءَ“ جو نالو به انتهائي سگهارو نالو آهي.

**راشد مورائي** **04/01/2005**



www.sindhsalamat.com



# (ڪتاب: ”ڏاڍو سارينديس“ جي مهاڳ جو اختصار)
# زخمي هر دل واري جو آواز

انسان دوستي، سنڌي ادب جو هڪ مکيه موضوع ۽ حوالو رهيو آهي، انسان دوستيءَ لاءِ تخليقون سرجيندڙ سرجڻهارن ۾ زخمي چانڊيو به هڪ مُک ڪردار آهي. زخمي هڪ آدرشي انسان هئو، جنهن جا ڪي خواب هئا، ڪي ارادا ۽ عزم هئا، سندس شاعري اُن جو کُليو اظهار هئي. هن وٽ انسانذات جي ڀلائي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو درد هن جا آدرش هئا. روشن مستقبل جا خواب هئا ۽ ان لاءِ فڪري محاذ تي جاکوڙ جاري رکڻي هئي، هن جي پنهنجي دنيا هئي. زخمي دنيا جا درد پنهنجي سيني ۾ سمائي ”زخمي“ بڻيو.

دنيا ۾ سماجي اڻ برابري، اخلاقي ڏيوالپڻي ۽ قومي معاملن ۽ مسئلن تي لکڻ کان سندس قلم رهي نه سگهيو، تڏهن ته تيز ترار جيان مزاحمت ڪيائين ۽ ڪنهن پل به ڪا مصلحت نه رکيائين. زخمي جا عزم ۽ ارادا ڪي اڻ ڇاتا نه آهن، هن جا سپنا سونهن جي ستارن وانگر ڌرتيءَ جي سينڌ ۾ ٽانڪيل آهن، هو ڌرتيءَ جو سگهارو آواز ٿي اڀريو.

قومي ۽ عوامي رنگ ۾ رتل هڪ ارڏو ۽ بي ڊپو شاعر پنهنجي مقصدن کي ماڻڻ لاءِ هڪ لمحي لاءِ به حوصلو نه هاريو. هر نيڪ دل شاعر وانگر هُن جي اندر ۾ به انسان ذات لاءِ اڻ مَيو پيار هئو، هُو دنيا جي ڪم ڪار، غم دوران کانسواءِ غم جانان ۾ به گرفتار رهيو، جتي سچو ۽ کرو رهيو اتي محبتي ۽ سڪ سان سرشار شاعر به هو.

زخمي چانڊيو سماج جو هڪ متحرڪ ڪردار هئو، جنهن کي هُن پنهنجي مختصر حياتيءَ ۾ ڀرپور نموني سان نڀايو، زخمي ان سٿ جو مسافر هئو، جيڪي زندگيءَ جي لاءِ سُک ۽ سلامتيءَ جي ڳولا ۾ جتن ڪندا رهيا، جن سچ ۽ سڪ جو سنيهو ڏنو، جن جا لفظ ماڻهن جي پيڙا جا پڙلاءَ هئا، انهن ۾ عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي، راشد مورائي، سرڪش سنڌي، حافظ محمد بخش کان وٺي گدا خاصخيلي، حليم باغي، جمن دربدر، سرمد چانڊيو، خليل ڪوسي تائين وقت جي گونج بڻجي ويا.

زخمي وقت جي رفتار سان، زماني جي تبديلين کي سامهون رکي پنهنجي فڪر جو ڦهلاءُ ڪندو رهيو، هو لوڪ ڪٿائن کان ڪمپيوٽر جي دور کي پنهنجي شعرن جو موضوع بڻايو ۽ ان ڪري سائنسي تبديلين سان سماجي تبديلين کي سلهاڙي ٿو، سندس شاعري ان جي احساسن کي ڇتوبيان ڪري ٿي.

زخمي وقت شناس ۽ زندگيءَ جو شاعر هئو، ان ڪري زندگيءَ جا حادثا ،ماجرائون ۽ معاملا هُن جي سِٽ سِٽ جو سرمايو آهن. زخمي هر دل واري جو آواز آهي.



www.sindhsalamat.com

**مختيار ملڪ**

# نئين نسل جو مزاحمتي شاعر: زخمي چانڊيو

”زخميءَ“ جي قول ۽ فعل جا ٻئي پُڙ ٻنا ڪاڻ جي ڏنا ويا آهن، قلمڪاريءَ جي چانوَ ۾ تہ ساڻس گڏ ٻيئل وڏا ننڍا سڀ آهيون، پر عمل جي تحريڪ ۽ تحريڪ جي عمل ۾ گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ ڪيس پهچي نہ سگهيو آهيان. مون هن ڪان اڳ بہ اها ڳالهہ ڪئي هوندي تہ ساڳئي ماحول ۾ مان پنهنجي والد بزرگوار ۽ ڪٽنب جي سمورن فردن سميت رهيو آهيان، پر پنهنجي جيڏن يا پاڻ ڪان ننڍن ۾ ايتري شعوري سگهہ پيدا ڪري نہ سگهيو آهيان/سگهيا آهيون، (جيڪڏهن بہ ان جو چڏيل ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر، انهيءَ ڏس ۾ مددگار ٿيو هجي سا خبر مون کي نہ آهي.) هن ماڻهو ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي اهڙا ساڃاهہ وند نوجوان پيدا ڪري وڏا آهن، جنهن لاءِ شرم ـ گڏاڙيل خوشيءَ جو احساس رکندو آهيان.

زخمي پيلي ۾ شينهن جهڙو يا شينهن لاءِ پيلي جهڙو آهي، پنهنجي جيءَ ۾ مٿي انسان دوستي، هيٺ قومپرستي، بي پناهہ محبت، سچائي ۽ روين جي صفائي رکي ٿو، جنهن ڪان سمورا يا گهڻا دوست واقف آهن. سندس دوستيءَ جو حلقو بہ سندس محبتن جيان وسيع آهي. بهرحال ”زخمي“ وڏو شاعر نہ سهي، باضمير ضرور آهي.

**سرڪش سنڌي**
(**ڪتاب ”ڏاڍو سارينديَن“ تان ورتل**)





ڏاڍو ســـاريـــنـــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
اخــبــارن ۾ تــعــزيــتــون،
ڏهہ ڏهہ ڏيــاريــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
جيئري قدر ڪو نہ ڪيئہ،
ڳــوڙهــا ڳــاڙيــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
اوچــنــگــارون ڏئي لاش تــي،
راڄَ روئــاريــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
جهرجهنگ مُنهنجي شاعري،
نيــٿ جُهــونــگــاريــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
قــبــر جــو ڪــتــبــو پــڙهــي،
گُــل وِڇــائــيــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.
”زخميءَ“ لئہ ماتم ڪري،
نــيــٿ وســاريــنــديــن،
منهنجي مُئي ڪانپوءِ تون.

ڇــوٽــا ٿـيــو مـايــوس،
مِـڙي سـيـئـي مُـٺ ٿـيـو.
گهـر گهـر ۾ تـعـلـيـم جو،
روشــن ڪــيــو فـانُــوس،
مِـڙي سـيـئـي مُـٺ ٿـيـو.
ٻاهر ٻاڦ نـہ ڪـا سَـلـيـو،
تــاڙي ٿــو جــاسُــوس،
مِـڙي سـيـئـي مُـٺ ٿـيـو.
هـمـت وارن جـي اڳـيـان،
ٽُـــٽــي پــوي ٿــو روس،
مِـڙي سـيـئـي مُـٺ ٿـيـو.
نـاهـي مـحـفـوظ ڏيـهـہ ۾،
نــنــگ تــوڙي نــامــوس،
مِـڙي سـيـئـي مُـٺ ٿـيـو.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مٽي ڪانڀوءِ : زخمي چانڊيو

پــيــار امــن جـي ڌرتــيءَ تــي آ،
مـــــارن ۾ ڦـــــڙڦـــــوٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.
ڳـولـي ڳـولـي مـاريـا ويـا هِـن،
ارڏا ءِ اٺـــــمـــــوٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.
ڌاڙيـلـن جـي ڪـاه تـي آهـي،
ٻـــــارن ۾ ٻـــــرڙوٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.
شــاديءَ واري رات ۾ نــاحــق،
گـهــايــل ٿــيــو آ گـهــوٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.
ڪالهہ هو جنهن سان جِيءَ جو رستو،
ســـوئـــي ڏئـــي ٿـــو ڦـــوٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.
ڏينهن ڏٺي جو پڪڙيو ويو آ،
ڇــاڇـــيءَ ســـان ڏيـــروٽ،
گـهــوڙا ڙي گـهــوڙا.

سـڪـنـدي سـال ويـا هـن گـذري،


www.sindhsalamat.com

ڪين ڪئي تو موٽ،
گهوڙا ڙي گهوڙا.
پاپي آهن پيرَ ڪيڏي ويا،
مذهب جي ڏئي اوٽ،
گهوڙا ڙي گهوڙا.
اڄ ٿو ڏند ڏيکاري ڏائڻُ،
ڪاله وتا جنهن ووٽ،
گهوڙا ڙي گهوڙا.
”زخمي“ ڪنهن جي ڳالهه ڪندين تون،
سڀ ڪنهن ۾ آ کوٽ،
گهوڙا ڙي گهوڙا.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

ڪيڏو هي انسان،
خطري ۾ پئجي ويو!
سامَ تي سِرُ هو ڏبو،
پر ڇو اڄ مهمان؟
خطري ۾ پئجي ويو!
هيٺن همت ڪئي جڏهن،
ڏاڍن جو دهمان،
خطري ۾ پئجي ويو!
مون ڪئي پُوڄا سُونهن جي،
ويچارو پيگوان،
خطري ۾ پئجي ويو!
تاهَه ٽڳيءَ اسٽيج تي،
سرڪاري اعلان،
خطري ۾ پئجي ويو!
ڪيسي ۾ پئسو نه هو،
”زخميءَ“ جو درمان،
خطري ۾ پئجي ويو!


www.sindhsalamat.com

ڪڏهين ٻيڙان ٻوڙ تہ ڪڏهين،
چالي چالي چَپ،
تنهنجو نينهن سنڌوءَ جهڙو آ.
ڪڏهين روح رهاڻيون آهن،
ڪڏهين گهري چُپ،
تنهنجو نينهن سنڌوءَ جهڙو آ.
ننڍڙي ٻار جي ڪيڏوڻي ڪي،
اوءِ ڪنارا جَهپ!
تنهنجو نينهن سنڌوءَ جهڙو آ.
گهاتوءَ جي ننڍڙي خواهش ڪي،
تون ٻہ نہ هاڻي ڪَپ،
تنهنجو نينهن سنڌوءَ جهڙو آ.
سپني جي سُندر پنيوري،
ٻالڪ! جلد جهڙپ،
تنهنجو نينهن سنڌوءَ جهڙو آ.





شل ڪوئي سمجهي سگهي!
هڪڙو ئي الله،
ماڻهوءَ منجهہ رهي پيو.
گونگا جذبا سمجهجن،
پوپٽ جهڙو چاهہ،
ماڻهوءَ منجهہ رهي پيو.
ويساهہ گهاتيءَ ساڻ گڏ،
پختو ڪو ويساهہ،
ماڻهوءَ منجهہ رهي پيو.
اندر ۾ ٻنواسُ آ،
اڪڙين ۾ درياهہ،
ماڻهوءَ منجهہ رهي پيو.
اونداهيءَ جي رات ۾،
جُگنوءَ جو اتساهہ،
ماڻهوءَ منجهہ رهي پيو.

گُم ٿي وِيو آهيان،
مون کي ڳول نہ تون.
جاٿي ڳولين ٿو پيو،
اُتڙي ڪاٿي هان!
مون کي ڳول نہ تون.
اکڙيون بند ڪري مٿِي!
سپنن جي پرسان،
مون کي ڳول نہ تون.
گُم ٿي ويندينءَ ميڙ ۾،
ءِ تنهائيءَ مان،
مون کي ڳول نہ تون.
وسري ويندو سانءِ مان،
منهنجي يادن سان،
مون کي ڳول نہ تون.


www.sindhsalamat.com



ڪالهہ پيو هو گهائجي،
گهل گهل گوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!
ڏارئي جيلر ڪيئن ڏِسُ،
واڙيو ڪوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!
لاش هُيو فُوٽ پاٿ تي،
ماءُ جي جهوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!
گهوگهِيو ويو ”راجيش“ هو،
ٻاتي ٻوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!
لوڙهيو ويو ڪارو ڪري،
سنڌوءَ چوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!
ڌرتيءَ لئہ وڙهندو رهيو،
رت جي هوليءَ ۾،
ڪُونڌر سنڌي قومَ جو!

❊ معصوم راجيش: جنهن کي گهوگهي قتل ڪيو ويو.




www.sindhsalamat.com

ظلم ستم ڪيڏو،
آهه اجان جاري،
جمهوريت جي ديس ۾.
ماني پَچائيندي ٿئي،
عورت ٿي ڪارِي،
جمهوريت جي ديس ۾.
آنُ وڏيرو وِيو ڪٽي،
زور اڳيان زاري،
جمهوريت جي ديس ۾.
سؤ ڏهه ۾ چالان ٿيو،
بيڏوهي هاري،
جمهوريت جي ديس ۾.
ڏانداريءَ سان ماءُ جي،
سِيند آ پُٽ ڏاري،
جمهوريت جي ديس ۾.
”زخمي“ سِرَ تي ڪيئن ڪٽي،
خُواريءَ جي ڪاري،
جمهوريت جي ديس ۾.






ها مَرو يا ماريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
ڪم ڪرايو ڪين پل،
فائيل ڏيڪاريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
دهشتگردن سان مِلي،
سينا ٿا تاريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
پاڙ پنهنجن جا وڄي،
ڪير پلي ڪاريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
ڊيم پي منظور آ،
ڏارين ڪي ڏاريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
لانگ بُوٽن سان اُٿي،
ماڻهن ڪي ماريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
امن خاطر چور يا،
ڀاڳين ڪي واڙيو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!
پيءُ سان اڄ پُٽ چو؟
ويرُ ڪٽي واريو،
ڪُرسي ٿي گهرجي!

دوڪي جي ديوار ڪي،
پوڙهو ٿوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
مالوند ميهار جو،
سُهڻي پوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
ڪربلا ۾ جو اڇي،
خيما ڪوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
مانجهي منزل تي پُڄي،
پڳهہَ ڇوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
پيرِيءَ ۾ پي هُو اچا،
مِلِ ۾ لوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
چُوڙيليءَ جي چاهہ مان،
پانهَن مروڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
ڏات ڏٺي جو ڏينهن رات،
خُون ولوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!
ڌارين جي يلغار تي،
ڏند پِڪوڙي ٿو،
ڪجهہ تہ جوڙي ٿو!





سُورهيہ ٿو سرويچ سَڏائين،
تورو اوري آڃُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.
پونءِ اجهو وِيا پيلي ڌاريا،
پرواني جان پَڃُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.
سِرَ جو سانگو لاهي پاهي،
نانگو ٿِي اڄ نَڃُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.
دل مانِ ڪوري يار ڪڍي ڇڏ،
ڪُوڙُ ڪُپت ۽ ڪَڃُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.
سنڌي بيروزگار ڪيا وِيا،
سُورَ سَليون ڪي ڳَڃُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.
"زخمي چانڊئي" خوب چيو آ،
سُوريءَ تي پي سَچُ الا،
جعفر ٿيڻ ڪان بَڇُ.

*رسڪ ڪٽي جو،
سَچُ ڳالهايم،
لوڪُ جَلِي ويندو!
پيار نگر جو،
پنڌ پُڄايم،
لوڪُ جَلِي ويندو!
دين ڪان اڳ ۾،
ديسُ بَچايم،
لوڪُ جَلِي ويندو!
محفل ۾ هڪ،
گيت جي ڳايم،
لوڪُ جَلِي ويندو!
هڏڪيءَ تي جي،
نانءُ اُچاريم،
لوڪُ جَلِي ويندو!

*رِسڪ: جوکم





عزت عظمت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
نفرت، نفرت آ رُڳي،
ميت محبت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
سياست هوئن شانائتي،
اڄ جي سياست جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
ذاتي غيرت جامُ آ،
قومي غيرت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
هرڪو قائم هَٿ تي،
نياز ۽ نوڙت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
جاڏي ڏِسُ آلودگي،
سُندر فطرت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
ڪيڏو قرضي هردفعي،
ڪُڙمي، ڪُڙمت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!
سچ چڙهي ويو دار تي،
جوڏي جُرئت جو،
هيءُ جنازو ٿو وڃي!

لالچ خاطر ٻي وڙا!
سنڌ امڙ وڪڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.
اذيتن جي صليب تي،
ڪوئي راز ڏَسِڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.
ڌارين جي ان لوڌ ڪي،
جِيءَ ۾ جايُون ڏيڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.
آزاديءَ جي راهہ تان،
ڪانئر! هٿ ڪڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.
ڪنهن مَها انسان تي،
ڪوئي ڪُوڙ هڻڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.
زندگي خيرات جان،
پيرين پئي ٻہ وٺڻ،
مون کان ڪو نہ پُڄي سگهي.






سائنس جي هنِ دؤر ۾،
تون مان پِيا سي آٿجي،
ڌرتي وئي ٻُوساٿجي.
اميدن جي آسري،
چهرا وِيا ڪاراٿجي،
ڌرتي وئي ٻُوساٿجي.
چولا نياڻين جا جڏهن،
پنهنجن کان وِيا ڦاٿجي،
ڌرتي وئي ٻُوساٿجي.
سيٺ جي ڳاڙيءَ هيٺ،
پورهيت وِيو چيپاٿجي،
ڌرتي وئي ٻُوساٿجي.
ڏنڊ بيگر ۾ هاريءَ جو،
سپ حصو ويو ڪاٿجي،
ڌرتي وئي ٻُوساٿجي.

ايڏي جُنڊا پَٽ!
سائنس جي هن دور ۾!
فوجيءَ جي هڪ ٺٺ سان،
ڪنن ۾ زُوڪٽ.
سائنس جي هن دور ۾!
تنهنجا ٺڏڙا ساهَہ هِن،
نانگ جيان ڦوڪٽ.
سائنس جي هن دور ۾!
روز ڪرين ٿي چوپلا،
سائنڻ! تون ڪرمَٽ.
سائنس جي هن دور ۾!
حال اسان جو هيءُ اٿئي،
چڳل آ گهرِ ڪٽ،
سائنس جي هن دور ۾!
هَلُ تہ اسان سان سانوري!
جبل مٿي جَهٽ.
سائنس جي هن دور ۾!





رُوح گُهري ٿو رَس،
مارئي ڳاءِ نہ سينڍِ ۾!
ٻولَ مٺا ڪي ٻول تون،
ڏيهہ سڄي ڪي ڏس،
مارئي ڳاءِ نہ سينڍِ ۾!
پرهہ ڦٽي ڪَرَ موڙيا،
لوڪ پڳو آرس،
مارئي ڳاءِ نہ سينڍِ ۾!
قرب ڪچهريءَ جو هُجي،
چاهہ وچائي چَس،
مارئي ڳاءِ نہ سينڍِ ۾!
ڪهڙا ڏوراپا ڏيان،
يار! هجيئي جَس،
مارئي ڳاءِ نہ سينڍِ ۾!

ڪي ڪي ڪن ٿا،
خوب نظارا،
چو سولن تي ويهي.
ڪي تہ هڻن ٿا،
جوش مان نعرا،
چو سولن تي ويهي.
ڪڏهن رُسي ٿا،
پَون پيارا،
چو سولن تي ويهي.
ڪي ڪي تڙپي،
ساهہ ڏين ٿا،
چو سولن تي ويهي.





پاپ نگر ۾ شاهد رهجان،
رنڍا ٿا روڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
سينا تاڻي گولين سان ٿا،
نينهن پيا جوڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
شاهہ، سچل ۽ ساميءَ واري،
منزل ٿا ووڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
ارڏا ٻڌجي موت قبوليون،
نڪُ نٿا ڀوڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
گهاٽن پرسان جنگم ٻڌجي،
خيما ٿا کوڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
سارو جوڀن زندانن ۾،
مُرڪي ٿا لوڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!
گهوٻي، پين، پاني سان "زخمي"،
رت پيا وِلوڙيون،
تنهنجي لاءِ ڌرتي!

\

تَرَ جي پِير وڏيري کي،
پيرين ڪونہ پَوڻ تي،
زخمي ماريو ويو!
ڏوهہُ بہ ڪوئي ڪين هو،
پنهنجي حق گهرڻ تي،
زخمي ماريو ويو!
رِياءُ رکي فتوئا ڏنئي،
فيصلي کي نہ مڃڻ تي،
زخمي ماريو ويو!
ڪُوڙن جي سنسار ۾،
آهي سچ لِکڻ تي،
زخمي ماريو ويو!





تنهنجي واعدن تي،
تارا ڳڻيندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!
لُڇ پُڇَ جي حالات ۾،
پاسا مَٽيندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!
عابدہ مُڪيش جون،
ڪيسيٽون ٻُڌندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!
بي چينيءَ مان بلب جان،
اندرُ ٻاريندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!
هر هر ڪَرَ ٻَدلي ٻَدلي،
اوٻاسيون ڏيندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!
باک ڦٽيءَ جي شاعري،
تولئہ سرجيندي،
ننڊ ڦِٽي وئي سانوري!

ڪاڇو 'لاڙ' اتر پيي ساجن،
خوب ڏنم پٽڪي،
الاڙي توسان دل اٽڪي!
تنهنجي خاطر تنهنجي در جي،
روز پريم مَٿڪي،
الاڙي توسان دل اٽڪي!
تنهنجي رقيبن تي اوراٽا!
ڪيئن پيم ڪڙڪي،
الاڙي توسان دل اٽڪي!
تنهنجي خاطر موت قبولي،
ٿياس پيم لٽڪي،
الاڙي توسان دل اٽڪي!





ڪولي بند ۾،
ايرا سيرا،
ڳالهائن ٿا.
مقتل گاهہ ۾،
جسم جا ٽڪرا،
ڳالهائن ٿا.
فوجي راڄ ۾،
سنڌ جا خطرا،
ڳالهائن ٿا.
تقرين ۾،
تنهنجا تبرا،
ڳالهائن ٿا.
ڪڍيل نَنهن تي،
رَتُ جا قطرا،
ڳالهائن ٿا.

پاپي پنجاب جو،
ڪونه ڇڏيندءِ جندُ،
نيٺ ٻوڙيندءِ سندُ!
حيلو ڪر هوشيار ٿي،
ڪين جُهڪائج ڪنڌ،
نيٺ ٻوڙيندءِ سندُ!
تباهه ڪاريءَ کان اڳي،
سوچ جو اڏجي بَندُ،
نيٺ ٻوڙيندءِ سندُ!
جنگ بقا جي وڙههُ پيو،
ٿورو باقي پنڌ،
نيٺ ٻوڙيندءِ سندُ!





ڪالهه وڏيري ڪُڙمياٽيءَ جي،
ڪئي آ لڄالُٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
ننگن وچ ۾ نپٽ نپاڳا،
تون نه مُڇن کي وَٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
شايد تنهنجي دل تي آهي،
خوب چڙهي وئي ڪٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
ڪنهن چيو ٿي پيءُ ۽ ڀاءُ جي،
ڌُهل تي ڏاڙهي پَٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
پاڻ وَٽائڻ لاءِ ڪيو ٿي،
ڏاڙهي مُڇن کي چَٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
انا ڪارڻ احمق ايڏو،
ڀانءِ نه ٻين کي گهٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
ڪِيڻ، گهوڙي ۽ ٻين ڀاني تي،
ليڪ لِڪُ جهٽ پَٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!
پرچڻ جي ڪر وگهري ويو آ،
”زخمي“ دل جو ڦٽ،
ويٺو چَپ نه چَٽِ!

تنهائي جو تو تئي،
شدت سان احساس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ!
تنهنجي خطن آ ڏنو،
خوشبوئن جو واس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ!
تو ريءَ آيو ڪينڪي،
هڪڙو پل پي راس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ!
روزانو تيندو وڃي،
ڏاڍو من اُداس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ!
تان دل جي پئي ٽُتي،
چيهُون تيو وشواس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ!





سُوريءَ سچ چيوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!
روزانو نئين سج جو،
ڪونه سلام ڪيوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!
بدل بلاول جو بٽي،
گهاٽي ڪي چاهيوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!
پنهنجي رَتُ مان ڪِلڪَ ڪي،
پوڙي گيت رچيوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!
پالو، پائي پاڪرين،
ڪنهن ڪي ڪين هنيوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!
ماريءَ ڪي شل مار پئي،
ڳليءَ ڳايوم،
پاڻُ وَٽايان ڪيئن ڙي!

پــوتــر ڌرتـــيءَ جــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
ســاڙولـي ســاڙي ويــا،
وســتــي وســتــيءَ جــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
قـرضـي آهيـان ڪـيـترو،
ڪــرڙي، ٽــلــٽــيءَ جــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
ســاري آهــن لاهــڻــا،
اڳ ۾ ســرتـــيءَ جـــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
منهنجي وڏڙن جي ڪـيون،
غـلـطـي غـلـطـيءَ جـو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
وڙهندي وڙهندي مارجان،
قــوم پــرســتــيءَ جــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
ڏاڍ سَـنـا سُـون ڏاڍ جـي،
هسـتـي مسـتـيءَ جـو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.
دهشـتـگـردن ڪـان ٿـيـا،
زخــمــي زخــمــيءَ جــو،
قـرض آ مـونـکـي لاهـڻـو.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مٽي ڪانئوءِ :زخمي چانڊيو

دل جـي اونـهـي گـهـاوَ جـي،
ڪـنهـن ڪـي ڏيـنـدس دانهـن،
پـولـيـو ٿـي پـيـو پُـٽ ڪـي!
بـابـا! تـنـهـنـجـي نـانءَ تـي،
حـمـلـو ٿـيـو ڪـيـڏانـهـن،
پـولـيـو ٿـي پـيـو پُـٽ ڪـي!
ڏات رچـيـنـدڙ مـنـهـنـجـي،
سُـڪـي پـئـي آ ٻـانـهـن،
پـولـيـو ٿـي پـيـو پُـٽ ڪـي!
آشـــائـــون ارمـــان ربّ!
ســپ مُــڪــم تــوڙانــهــن،
پـولـيـو ٿـي پـيـو پُـٽ ڪـي!


www.sindhsalamat.com

اڄ نه سياڻي چئي،
ڪُوڙن قسمن جا،
پتر نه هَڻُ جاني!
مامَ جي رومال ۾،
ويڙهي لفظن جا،
پتر نه هَڻُ جاني!
مُئي پُڄاڻان تون،
قبرين ڪتبن جا،
پتر نه هَڻُ جاني!
مجروح دلڙيءَ کي،
گهرن زخمن جا،
پتر نه هَڻُ جاني!
ڪمپيوٽر جي دؤر ۾،
ريتن رسمن جا،
پتر نه هَڻُ جاني!





ڪوئي ڪنهن انسان جا،
ڪِيتا تو لوڙي پيو!
ڪوئي هڪ سؤ ٻارڙن،
راشد ۽ ذيشان جا،
ڪِيتا تو لوڙي پيو!
ڪوئي ڪُوڙي ساک ڏئي،
گيتا ۽ قرآن جا،
ڪِيتا تو لوڙي پيو!
ڪوئي پَوتر نارِ تي،
ڪارَنهِن جي بُهتان جا،
ڪِيتا تو لوڙي پيو!
ڪوئي مُوسيٰ رُوپ ۾،
اِبليسي ارڪان جا،
ڪِيتا تو لوڙي پيو!

پيارا ايڏو ضِدُ هي مونسان،
نيت ڪيئہ چاڪاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
ڏينهن جُمعي جو آهہ سدورو،
رات چوڏهينءَ چانڊاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
سنڌوءَ پر تي ميلي جهڙو،
هوندو مَتل مانڊاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
سيرُ، ٻئراج ڪان ٻيلي تاءِ،
ٻيڙيءَ ۾ ڪيئون پاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
تنهنجي هٿ سان پرت پريل ٿو،
پائي هَلان پَهراڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
ياد پَروڪيءَ آندي آهي،
اکڙين ۾ آلاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
ڏينهون ڏينهن وڃي پئي ٿيندي،
چاهت جُوان جماڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!
ڪونہ لڳو ٿي شايد پيارا،
”زخميءَ“ جو ڪو ٻاڻ،
الاڙي هَلُ تہ لَبِ مهراڻ!



www.sindhsalamat.com



هاٺي توسان ناهي ٿيٺو،
پاپي ڪو پرچاءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
ناهي ڌرتي آيل جي پر،
ڄايل جي آ ماءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
تنهنجي دهشتگرديءَ جو آ،
ڏيهہ اندر ڌهڪاءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
آڙ وَٺي اسلام جي ڌاريا!
ڪيئن ڪرين ٿو داءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
انگ اُگهاڙن ٿر واسين تي،
ڪونہ آيئي ڪهڪاءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
هُونئن تہ سيرُ سڏائين ٿو پر،
پُورو ناهين پاءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
ارغونن تُرخانن جهڙو،
تنهنجو آ ورتاءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!
”زخميءَ“ ۾ آ ساهُہ اجا پي،
پل جان سامهون آءُ،
الاڙي تون ڪيئن مُنهنجو پاءُ!



www.sindhsalamat.com

شام سحر مان آلاپيان ٿو،
سُڏڪن جو سرگم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
سنڌي قوم ڪري ٿي ساري،
تانڊن تي ماتم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
گهر گهر چولين چيماڙين جا،
لال اُيا پرچم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
رشوت ريءَ نہ ٿئي ٿو هتڙي،
ڪنهن جو ڪوئي ڪم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
مُنشي، ادل، گل، بزمي، تڙپيا،
سرڪش ۽ تبسم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
روز لچالت، اغوائن تي،
رت روئي آدم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!
”زخمي“ دل جو وگهري ويو آ،
گَهِرو يار زخم،
چوين ٿو: چوٿو لُڇين هردم!







تنهنجي دل تان لهي وياسين.
دردن سان تهي وياسين.

اڳ ڪَڪُ بہ نہ سَهبو هو،
اڄ ڇا ڇا سهي وياسين.

هِت روح نہ ٿو ريجهي،
تو وٽ جو رهي وياسين.

مُرڪن ڪي ورهائيندي،
لُڙڪن ۾ وهي وياسين.

تو نظر جو ڦيرائي،
’زخمي‘ ٿي ڍهي وياسين.

ڪا سار تہ لهبي آ.
رُڳو هام نہ هڻبي آ.

ايڏو ضد بہ چڱو ناهي،
ڪنهن پئي جي بہ ٻُڌبي آ.

سا ڳالهہ ڪجي ڇا لئہ؟
جا پاڙي نہ سگهبي آ.

فُرصت جي گهڻي ناهي،
هڪ رات تہ رهبي آ.

هُن خط آ لکيو 'زخمي'،
ڪا چوٽ بہ سهبي آ.



www.sindhsalamat.com



چُپ چاپ لڏي ويو آن.
غيرن جي تڏي ويو آن.

گڏ ڪيڏياسين جاتي،
سا جُوءِ ڇڏي ويو آن.

مَئي پيار جي پيئاري،
ڪيڏو تہ آڏي ويو آن.

ماريندي اڪيلائي،
غم ۾ جو گڏي ويو آن.

'زخميءَ' کي ڏئي صدما،
وجهي وَهم وڏي ويو آن.



www.sindhsalamat.com

توتہ دڙڪو بہ مُرڪي ڏنو هو، مُون تہ راتين جون راتيون رنو هو.
توتہ چرچو ڪيو پنهنجي پَرِ ۾، مُنهنجو ڳوڙهن سان دامن پنو هو.

ڏوهہ منهنجو مٺا ڪونہ هو پيو، ويندي تنهنجي هٿن ڪي چُميو هو،
سڄي محفل جي سامهون ڏئي جهٽڪون، هَٿُ هَٿَ مان توزوري ڇنو هو.

جڏهن مون ڪان ڪيا تو ڪنارا، تنهنجا فوٽوءَ خط ٿيا سهارا،
مونکي پوءِ پيي شڪايت نہ آهي، ڇوتہ تنهنجي ڏني ٿيو ٻنو هو.

ماڻهو جيئرن سان جاڙُون تہ ڪن ٿا، مُئي ڪانپوءِ ڇو هُو روئن رڙن ٿا،
مُئي ڪي ماڻهو مکڻ ڪيئن چون ٿا، جيئري ’زخمي‘ تہ ڪوجهو ڪِنو هو.





دل مان ٿڌڙو ساهہُ ڪڇي ويو.
جيئڻ تان ارواحُ ڪڇي ويو.

مسجد مان معصومُ ٿيو اغوا،
پاڻ ئي جڻ اللهُ ڪڇي ويو.

دانگيءَ تي رَتُ ڪونہ وري ٿو،
رشتن تان ويساهہُ ڪڇي ويو.

رئيس تہ زوري واهہُ ڪٽايو،
هوڏي آ درياءُ ڪڇي ويو.

وڏن ماڻهن جي ڪوٺ نہ هُئي پر،
غريب غلام الله ڪڇي ويو.

مڇي نہ ڏيڻ تان ڏينهن ڏني جو،
ٻانڌي تان ملاح ڪڇي ويو.

ٻئي ڪي بچائيندي ٿي ’زخمي‘،
*ڪيزيوئلٽي همراهہ ڪڇي ويو.

*ڪيزيوئلٽي: شعبہ حادثات

فلسفو تنهنجي خوديءَ جو جا بجا جاري سچل.
’جوئي آهيان سوئي آهيان‘ خلق ويچاري سچل.

’ڪم ڪجي اهڙو ڪجي جو خود خدا وانگي ٿجي‘،
فڪر اهڙي سان ڪري شل سنڌ سرداري سچل.

ديس جي سرسبز سائين! پونءِ ٿي پئي پيلجي،
جي نہ ويندا جُوءِ مان هي تاب تاتاري سچل.

موهہَ جي مهٽي وچن ٿيون اڄ بہ ماريون مارويون،
روز مومل جي ٿئي ٿي ڪاڪ پئي ڪاري سچل.

منهنجي باغن ڪي لتاڙن هاءِ هيڏا لانگ بُوٽ،
ڪئن رهندي رُت بسنتي، گُل ۽ گلزاري سچل.

در درازن جا سدائين ٻهڪندا ڪلندا رهن،
ٿي ڪپي تنوير جهڙي دل ۾ دلداري سچل.

روح ’زخمي‘ جيڪڏهن آهي تہ ڪهڙي نئين صدي!
ايڪويهين ٿي اچي شل آجپي واري سچل.





محبوب جو پاڙو هو.
ڄڻ عيد ڏهاڙو هو.

آوازُ ٻُڌي در تي،
اُٿيو پيرين اُگهاڙو هو.

هُن ڪي هو وسارڻ يا،
پيرن تي ڪُهاڙو هو.

ڪِل پوڳ ۽ ساروٽيون،
تاڙي تي تاڙو هو.

’زخميءَ‘ جي گهر ۾ چو؟
اڄ روڄ ۽ راڙو هو.

هيءَ ٻه گهڙي زندگي آهي!
جو سڀ ڪنهن جي بندگي آهي.

ڪو نَڪَ ڪپڻ تي ڪين مُڙيو،
ڪنهن جي طعني تي خودڪشي آهي.

هن نفسانفسي جي عالم ۾،
پنهنجو ٻه ڄڻ اجنبي آهي.

اي وقت گواهه رهجان تون،
منهنجي ڪنهن سان نه دشمني آهي.

توڪانسواءِ پل پيي نه ٿي سَري،
تنهنجي مَن ڪيئن سَري آهي.

هر ماڻهو ٿو سمجهان محترم،
هيءَ ڪيڏي نه سادگي آهي.

سُڪن جي تلاش ۾ ’زخمي‘،
ڏکن سان ٿي دوستي آهي.






زندگي تو سوا ٿي پئي آ ٻُسي.
تون رُسي وئين ته ويئي خُدائي رُسي.

تنهنجو منهنجو ملڻ ڄڻ ته معراج آ،
پوءِ معراج ۾ هيءَ ڇا جي وِٿي.

تنهنجي مُرڪڻ سان قائم هي ڪائنات آ،
تنهنجي ناراضپي ساڻ قيامت ٿُٽي.

’تو سِوا ڪيئن جيئان‘ تنهنجا الفاظ ها،
تيرُ دل ۾ ٿُنبي، تو مُڪي هُئي ڇِتي.

آءُ سنگدل اڇي ڪوئي آٿت ته ڏي،
تند دل جي ٽُٽي، پئي نه ’زخمي‘ مَري.

نوابن جي دنيا.
عذابن جي دنيا.

ٻُڏي سُون شرابن،
ڪبابن جي دنيا.

اسان جي دنيا آ،
ڪتابن جي دنيا.

خزان ۾ نہ رولِيو،
گلابن جي دنيا.

چڏيا ڪين پوڙها،
خضابن جي دنيا.

گناهن ۾ ويڙهيل،
ثوابن جي دنيا.

اوهان ريءَ وَسايم،
سرابن جي دنيا.

بنائي آ 'زخمي'،
خوابن جي دنيا.





رئيس يا امير ناهيان.
مُرشد يا پير ناهيان.

حاتم بہ سڏجان ها پر،
ايڏو امير ناهيان.

ڪوڙا ڏٽا نہ ڏيندس،
اڄ جو وزير ناهيان.

حق ڪي چني مان وٺندس،
پينو فقير ناهيان.

ڏاڍيون پُڇان هان خبرون،
مُنڪر نڪير ناهيان.

ڳولهي ڪُهان ها ڏاريا،
خنجرُ يا تير ناهيان.

هر سُور مون سَٽو آ،
ٿوڙهيءَ اسير ناهيان.

سڀ ڪجھ ٿو سمجهان اچڪلھ،
مان ڪو صغير ناهيان

غيرت سُجاڳ آهي،
مان بي ضمير ناهيان.

’زخمي‘ ضرور آهيان،
قادر، بشير ناهيان.


www.sindhsalamat.com



جي ڪرڻ مونسان گهُرين ٿو دل لڳيءَ جي ڳالھ ڪر.
دشمنيءَ جا ورق ڦاڙي دوستيءَ جي ڳالھ ڪر.

ڏينهن ٻن جي گڏ رهڻ ۾ آ مزو ڪهڙو پرين،
گڏ رهڻ جي لاءِ ساري زندگيءَ جي ڳالھ ڪر.

امن کي پيگوان پنهنجو جي بنايو آھ تو،
پيار جي سجدن ۾ گُم ٿي بندگيءَ جي ڳالھ ڪر.

واءُ جي جهُوٽي ۾ ايڏا زلف برهم ڪيئن ٿيا،
حسن وارن جي ءِ تن جي برهميءَ جي ڳالھ ڪر.

گل مٺان پوپٽ ٿا اڏرن، ڳل مٺان هٿ ڪيئن رڪان،
عاشقن سان عاشقن جي عاشقيءَ جي ڳالھ ڪر.

عشق جو موضوع ڇيڙين ٿو تہ ’زخميءَ‘ ساڻُ ڇيڙ،
آءُ هِن سُقراط سان ڪا وهُہ- وَٿيءَ جي ڳالھ ڪر.


www.sindhsalamat.com

تيل پنهنجي پاڻ ئي ٿي زندگي ڪرڻي پوي.
وقت تي قربان ڪيئن ٿي هر خوشي ڪرڻي پوي.

بي رحم ظالم زماني آ گهُٽڻ جو ڪنيو قسم،
ڪيترو مجبور ٿي، ٿي خودڪشي ڪرڻي پوي.

دل گهُرئي محبوب جو، جي گهرُ هُجي مسجد قريب،
پوءِ تہ رب جي رات ڏينهن ٿي بندگي ڪرڻي پوي.

هِن سڄي سنسار ۾ مونکي سڃاتو آ ڏکن،
تن سان نڀائڻ واسطي ٿي مئڪشي ڪرڻي پوي.

جنهن کي حاصل آهي ڪرڻو، سو ڪبو حاصل ضرور،
چونہ 'زخميءَ' کي اتي ڪا سرڪشي ڪرڻي پوي.



مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

جيون سوچ جي گهيرن ۾ آ.
درد الم جي ديرن ۾ آ.

وک وڌايان منزل ڏي ڪيئن؟
نيلُ لڳل جو پيرن ۾ آ.

ٿاڪَ منجهند جو دَرَ تي سُوالي،
صاحب پوءِ پيي نيرن ۾ آ.

ماني سُڪي ٿو ڳُڙ سان ڪائي،
باهہ لڳي چو جيرن ۾ آ.

بازُ اڳي شهباز هُيو پر،
هاڻي مُنجهي پيو ڳيرن ۾ آ.

ڪوئي هر هر ويسَ مَٽائي،
عُمر سڄي ڪو ميرن ۾ آ.

ڏوهُہ نہ پنهنجن ڏي آ 'زخمي'،
گوڙ سمورو غيرن ۾ آ.

ستم تون ٻہ پنھنجو گھٽائي نہ سگھندين.
مگر منھنجي ٻولي مَٽائي نہ سگھندين.

ٻُڌي چڱ ارادو اٽل ٿئہ اسان جو،
ڪڏھن ٻي، قسم تي ھَٽائي نہ سگھندين.

مجال ٿو اڏيءَ تي ڪُھين ٿو تون ڪونڌر،
سوين سِيَس ليڪن ڪَٽائي نہ سگھندين.

جڏھن منھنجو ھَٿُ ٻي گريبان تي پُھتئہ،
ستمگر تِري پو ڀَٽائي نہ سگھندين.

ھي ھارين جي ڏرتي، مزورن جي ڏرتي،
انھن جون تون پاڙون پَٽائي نہ سگھندين.

ڏسي ھاٺي مونکي پَچڻ جي نہ ڪر تون،
ائين موت ڪان تون نٽائي نہ سگھندين.

ٻلي لاش ’زخميءَ‘ جو لوڙھي لٽي چڏ،
مگر نانءُ منھنجو لَٽائي نہ سگھندين.


www.sindhsalamat.com

مُنھنجي مُٺي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

ڪنھين ڪي ستائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.
اُچائڻ رنجائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

غريبن يتيمن ڪي اغوا ڪرائي،
ائين پُنگ ڪائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

پَڪو پختو واعدو ڪري پل ڦِري ھُو،
وچن ڪي وسارڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

نہ چورن سان ياري، نہ ٿاڻي تي اچ وَڃُ،
ٻَڌائڻ چڏائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

اسان ڪي ڏسي جيئن ڪيو تو ھو پاسو،
ائين مَن! لنوائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

ٻُڌائڻ گھُرون ٿا فقط سُور توکي،
گھڻن ڪي ٻُڌائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.

جُھڪڻ جو نہ ڏي عيبُ ’زخميءَ‘ ڪي قاتل!
جَبين ڪي جُھڪائڻ اسان ڪان نہ ٿيندو.


www.sindhsalamat.com

آيو هو مهمانن وانگي.
بڻجي پيو بيمانن وانگي.

تنهنجي سوچ لڳي ٿي اهڙي،
ارغونن، تُرخانن وانگي.

تنهنجا فوٽو ڪاٺ ـ ڪنڌيءَ تي،
رحل مٿان قرآنن وانگي.

جيئون ٿا مسواڙي بڻجي،
شاديءَ جي شاميانن وانگي.

هُو ٿو حق پراوا ڪائي،
سوپاري ۽ پانن وانگي.

روزُ ڪندو هُو ويل رهي ٿو،
برساتي طوفانن وانگي.

نيڻ اچن ٿا پرجي ’زخمي‘،
ساقيءَ جي پيمانن وانگي.





جيون سارو جيلن وانگي.
زنجيرن ۽ نيلن وانگي.

ڏاريو حق ٿو ڪائي ويٺو،
زيتونن ۽ ڪيلن وانگي.

قدم قدم تي دير لڳي ٿي،
ڪوهن وانگي ميلن وانگي.

سنڌ سڄي سُنسان ٿي وئي آ،
جبلن وانگي ٻيلن وانگي.

چونڪ چونڪَ تي لاش پيو آ،
قوم ڪُسي ٿي ڇيلن وانگي.

مسڪينن کي پِيڙهيو ويو آ،
سَرنهَن، تِرن جي تيلن وانگي.

ڏاڍن جي لئہ خُون تماشو،
فلمن وانگي کيلن وانگي.

’زخمي‘ هر هڪ سانحو اهڙو،
سانگيءَ جي ڇڻ ريلن وانگي.

سانگي اسٽيشن: ريلوي جو هاڻ ڏاريندڙ سانحو.

روز هُو مغرور ٿيندو ٿو وڃي.
قوم لئہ ناسُور ٿيندو ٿو وڃي.

تيزُ تر آ ❊مُووِمينٽ ڏينهن ڏينهن،
سنڌي ڏِس مجبور ٿيندو ٿو وڃي.

پُونءِ پنهنجيءَ تان ائين ڇو بي دخل،
هاري ۽ مزدور ٿيندو ٿو وڃي.

ديس پنهنجي جو ڏٺي ڌارين هٿان،
ڏينهون ڏينهن معذور ٿيندو ٿو وڃي.

سنڌ ٿي بيرُوت ويئي تنهن ڪري،
ماڻهو هر رنجُور ٿيندو ٿو وڃي.

قتل سنڌين جا ڪري هُو غير ڏِسُ،
شهر ۾ مفرور ٿيندو ٿو وڃي.

پَتِ اکيون، ٿيون مُفت جون ڪئمپون لڳن،
ڇو سنڌي بي نُور ٿيندو ٿو وڃي.

زخم ’زخمي‘ جو وڃي ٿو وِگهرندو،
تنهن ڪري منصُور ٿيندو ٿو وڃي.

❊ Movement = Progress





منهنجي چاهت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي نفرت اڄ بہ اُها ئي.

منهنجي الفت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي ڪُلفت اڄ بہ اُها ئي.

منهنجي رَغبت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي فرقت اڄ بہ اُها ئي.

منهنجي حالت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي عادت اڄ بہ اُها ئي.

منهنجي غربت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي دولت اڄ بہ اُها ئي.

منهنجي نِوڙت اڄ بہ اُها ئي.
تنهنجي طاقت اڄ بہ اُها ئي.

’زخمي‘ ٿي بدنام ويو پر،
تنهنجي شهرت اڄ بہ اُها ئي.

ارڏا ۾ اٺ موٽ اسان.
ڏارين لئه ٿڙڦوٽ اسان.

سُوريءَ تي سچ چوندا آهيون،
ڪونه رڪئون ٿا ڪوٽ اسان.

جيڪي ديس- دروهي ٿيندا،
تن کي چڪايون چوٽ اسان.

دڙڪن دهمانن تي ڪنهن ڪي،
ڏيندا ناهيون ووٽ اسان.

مسڪينن ۾ ماروئڙن لئه،
آهيون اولئون اوٽ اسان.

جيونُ، نوٽڻ راند آ سائين،
مَچَ ۾ ٿيون ڪا ڳوٽ اسان.

هُونئن ته گهايل گهايل آهيون،
پوءِ به آهيون گهوٽ اسان.

’زخمي‘ پنهنجي دل وڪٽي پو،
وٽندا ناهيون نوٽ اسان.


www.sindhsalamat.com



ٿاٽن ۾ ڪُٿرائيندو رَهُه.
ڏاڙهيون پيو پَٿرائيندو رَهُه.

آڻ نه مجبي تنهنجي مُورڪ!
زور پلي تون لائيندو رَهُه.

ٿاندو توپي پاڻ نه جاٽون،
ڳوٽن مان لَڏرائيندو رَهُه.

اڻ ڳُس اٽٿر ارڏا آهيون،
گهاٽن ۾ پيڙائيندو رَهُه.

بيگر تنهنجي مُور نه وهبي،
ڏنڀ پلي وجهرائيندو رَهُه.

توکي ’زخمي‘ آهِه سُڃاتو،
رُوپ پلي مَٿرائيندو رَهُه.


www.sindhsalamat.com

ڏسان ٿو رات سپني ۾ اهو اعلانُ ٿي ويو آ.
هٿيارن جو ڪَٺي گهر گهر وڏو سامانُ ٿي ويو آ.

پَڪا پوڙها مِڙي آيا، سڀئي سَنڌرو ٻَڌي بيٺا،
مَرڻ مارڻ جو مَردن لئہ کُليو ميدانُ ٿي ويو آ.

هَليون گوليون، ڏُڏي ڌرتي، اُٿيا شعلا، ٻُڌم چيخُون،
ڏٺو ٿم ديس پنهنجي جو وڏو نقصانُ ٿي ويو آ.

سَوين ڪُونڌر ڪُسي پيا ۽ وَهي پيو خُون سان سِنڌُو،
ڪڙو منچر ۽ ڪينجهر تي وڏو طوفانُ ٿي پيو آ.

ڪري جنهن جي وڏي آجيان رهايوسين اچي گهر ۾،
مَندو هِن ديس جو ڏاريو اُهو مهمان ٿي پيو آ.

اسان جنهن کي چڱو سمجهيو اُهو بدمعاش نڪري پيو،
شرارت ٿو ڪري ويٺو، وڏو شيطانُ ٿي پيو آ.

ڏسان ٿو ڳوٺ ساري ۾ گهُمي راڪاسُ ويو آهي،
لڳي ٿو شهر جڻ پنهنجو سڄو سنسانُ ٿي ويو آ.

مِلڻ تي يار آزادي هُئي پر جاڳ ٿي جَهٽ پَٽ،
هي سڀ ڪجهہ خواب هو 'زخمي' اهو ارمانُ ٿي پيو آ.



www.sindhsalamat.com



فيض تنهنجو سنڌ ۾ آ جابجا جاري لطيف.
تنهنجي دم سان ئي تہ قائم سنڌ آ ساري لطيف.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏنو تو دنيا جو اعليٰ فڪر،
سنڌين جي تو سراپا آهي دل ٺاري لطيف.

بيت تنهنجا لعل ۽ هيرا سڀئي موتي مٺيا،
تنهنجي پٽ جي سون ورني آ سڄي واري لطيف.

بند ڪوٽن ۾ پيون هِن، اڄ بہ ڪيئي مارِوِيُون،
روز مُومل جي ٿئي ٿي ڪاڪ جڻ ڪاري لطيف.

سنڌ جي سرسبز سائين پُونءِ ٿي پئي پيلجي،
موت ۾ مزدور آ ۽ ويل ۾ هاري لطيف.

تنهنجي هوندي سنڌ ٿي بيرُوت سڄي ڇو پلا؟
ڇو اسان ڪان ٿي ويو آن، تون پلا عاري لطيف.

ڇا ڪري 'زخمي' پلا تعريف تنهنجي شعر ۾،
ڪيئن ڪيان تنهنجو ادا مان بارُ هِي ڀاري لطيف.



www.sindhsalamat.com

هيلوڪي هن هاريءَ وانگي.
هارايل جُوئاريءَ وانگي.

جذبا جاڳيا آزاديءَ لئہ،
آهن ڏيءَ ڪنواريءَ وانگي.

پاليو آهي ڏرتيءَ مون کي،
پنهنجي ماءُ پياريءَ وانگي.

سُک جا سنگتي ڏک ۾ ٿي ويا،
مُٺ مان وهندڙ واريءَ وانگي.

سپنو ٿي پيو ساپيان ڪان اڳ،
عشق ۾ پوندڙ گهاريءَ وانگي.

پٿر دل سان پيار ڪرڻ آ،
مندر جي پُوڄاريءَ وانگي.

ڪيڏو پيارو لڳندو آهين،
’سرڪش‘ ’گل‘ ’بخاريءَ‘ وانگي.

جيون سارو چچريل ’زخمي‘،
مرندڙ ڪاروڪاريءَ وانگي.


www.sindhsalamat.com



دلبرن جي دلبري مُون ڪان نہ پُڇ.
ڳالهہ اهڙي اڄ وري مُون ڪان نہ پُڇ.

دشمنن جي دُشمني پوءِ پِي چڱي،
دوستن جي دوستي مُون ڪان نہ پُڇ.

جُهور پوڙهي پرٽي آ نينگر ننڍي،
رات ساري ڪيئن رَڙِي مُون ڪان نہ پُڇ.

خانصاحب جا ڪُتا ٿا عيش ڪن،
ڪيئن بُکي آڪَهِ سُتي مُون ڪان نہ پُڇ.

ڳَهہَ رکي گروي ڪيم پنهنجو علاج،
ڊاڪٽرن جي بي رُخي مُون ڪان نہ پُڇ.

آهَہ مُون هڪڙي پِرِي، اُپ ويو ڏکي،
ڪيئن ڏرتي پئي ڏُڏي مُون ڪان نہ پُڇ.

لوڪُ هي ڇا ٿو چوي ٻُڌندو نہ ڪر،
ڇا هَلي ۽ ڇا چلي مُون ڪان نہ پُڇ.

ڳالهہ ڪهڙي ٿو ڪرين ’زخمي‘ چريا!
ويهہُ تون خاموش ٿي، مُون ڪان نہ پُڇ.


www.sindhsalamat.com

ڪي ڪي جيءَ جيئارا ماڻهو.
ڪي ڪي اندر ڪارا ماڻهو.

ڪي ڪي ماڪي مکڻ ماڻهو،
ڪي ڪي ٽُوهَہ ڪسارا ماڻهو.

ڪي ڪي پارس پاھڻ ماڻهو،
ڪي ڪي يار مَڪارا ماڻهو.

ڪي ڪي ٻُڪ ۾ پاھُہ ويا ٿي،
ڪي ڪي خُوب مٽارا ماڻهو.

ڪي ڪي شاهي ڪاڏو ڪائن،
ڪي ڪي ڏُٿ گذارا ماڻهو.

ڪي ڪي پنهنجي پاڇي تي ڏين،
باز جيان لامارا ماڻهو.

ڪي ڪي شوخ ۽ چنچل ماڻهو،
ڪي ڪي قرب قرارا ماڻهو.

ڪي ڪي نفرت ساڻ نهارين،
ڪي ڪي چنڊ چڪورا ماڻهو.

صافُ جنين جي نيت ’زخمي‘،
سي ئي آهن پيارا ماڻهو.

ڪي ڪي ڪوسا جهولا ماڻهو.


www.sindhsalamat.com





ڪي ڪي پيار جي ڳولا ماڻهو.

ڪي ڪي سادا سُودا ماڻهو،
ڪي ڪي هر فن مولا ماڻهو.

ڪي سونهن ۽ سوڀيا وارا،
ڪي ڪي باندر ڀولا ماڻهو.

ڪِن جو ناڻو اڻ ڪُٽُ آهي،
ڪي تہ ڪپائن ڇولا ماڻهو.

ڪي ڪي ٻاهر ٻاڦ نہ ٻاڦن،
ڪي ڪي ڪاڏل ڪولا ماڻهو.

ڪي ڪي زاهد عابد ماڻهو،
ڪي ڪي رهزن ٽولا ماڻهو.

ڪي ڪي بي رنگ بي بُو ماڻهو،
ڪي ڪي رنگ رَتولا ماڻهو.

ڪي ڪي ڏنگا ڏڪيا ماڻهو،
ڪي ڪي سَستا سؤلا ماڻهو.

ڪي ڪي ٽرڙا ٽانءِ ڏسي ٽين،
پنهنجا ئي پاڇولا ماڻهو.

ساڃَهہ جن کي سنڌ جي ’زخمي‘،
سي ئي مُڙس پَٽولا ماڻهو.


www.sindhsalamat.com

اڪڙين جي آلاڻ نہ سمجهيئہ.
ڇهري جي پيلاڻ نہ سمجهيئہ.

دل جو دريا اکين ۾ ڏس،
اُتلي پيو مهراڻ نہ سمجهيئہ.

تنهنجي هٿ سان پرت پريل هي،
پاتل آ پهراڻ نہ سمجهيئہ.

اوکي پنڌ هِن پير پٿون ڪيا،
ڇاتيءَ جي ڇڪتاڻ نہ سمجهيئہ.

ٻين کان منهنجي لاءِ پُڇين ٿو؟
ايلي! پنهنجو پاڻ نہ سمجهيئہ.

اڻ واقف هِن شهر ۾ سڄڻي،
آيس ڪنهن جي ڪاڻ نہ سمجهيئہ.

تنهنجي ئي سندر گيتن ۾ مان،
هيڏي ڪئي واڪاڻ نہ سمجهيئہ.

سوچن جي چو لوڊ شيڊنگ ۾؟
چوڏهينءَ جي چانڊاڻ نہ سمجهيئہ.

’زخمي‘ خالي در تان موٽيو،
چوءِ ڇا جي ڪاڻ نہ سمجهيئہ!





توڙي سامهون آفت هوندي.
تنهنجي منهنجي محبت هوندي.

پيءُ، پُٽ، پائر پاڻ ۾ سائين،
ويڙهائيندي دولت هوندي.

محبت ۾ جن دوکو کاڌو،
تن کان نيٺ ٿي غفلت هوندي.

سنڌي قوم جي نيٺ سچاٽپ،
سنڌي ادبي سنگت هوندي.

جيئري مجموعو جنهن نہ ڇپايو،
سمجهو ان جي غربت هوندي.

جيڪو سنڌ جي سينڌ سنواري،
ان کي قومي غيرت هوندي.

جيڪو سنڌ جي سينڌ اُجاڙي،

ان ڪان مون کي نفرت هوندي.

ووٽ وٺي پوءِ جيڪو وساري،
اُن جي ڪُوڙي سياست هوندي.

ڌرتي ڪيڙي سونُ ميڙيو جنهن،
هاري تنهن ڪئي محنت هوندي.

جنهن ۾ سڀ ڌرو ئي ناهي،
ان جي ڪيئن طبيعت هوندي.

جنهن ڏينهن 'زخمي' ڏيهُہ ڇڏيندو،
تنهن ڏينهن گهر گهر قيامت هوندي.





ڪندس مان بہ توسان وفا قبر تائين.
ڪندو تون بہ رهجاڻءِ جفا قبر تائين.

ڪَٿي جيلُ وڃبو سڄڻ زندگيءَ جو،
ڏني جو اٿيئي سزا قبر تائين.

قدرُ توکي جيئري اسان جو نہ آهي،
مرڻ کان پوءِ رُئندين مٺا قبر تائين.

اوهان جي ستم جا ڏنل گهاوَ گهرا،
ڇُٽي ڪونہ پيارا ڇُٽا قبر تائين.

اسان ڳُڻ اوهان جا تَڪا سين نہ ڳائي،
پلي تون ڪندو رَهُہ گلا قبر تائين.

اوهان کي خُدا ڏي حُسن جواني بخشي،
جوانيءَ کي ناهي بقا قبر تائين.

مرڻ کان پو مُنهنجي، اکيون تنهنجون کُلنديون،
جڏهن دوست دُشمن رُنا قبر تائين.

وڏا قاتَ قاتي ڀون ها اي 'زخمي'،
لِکان ها جي ڊائري الا قبر تائين.

وسارڻ جون ناهن ڀتائيءَ جون ڳالهيون.
ڀُلايون ڀلا چو ڀلائيءَ جون ڳالهيون؟

عُمر مارئيءَ جي اچي اوٽ ۾ هُو،
ڪري ٿو وطن سان وفائيءَ جون ڳالهيون.

ٿي سسئي پُنهل واسطي جهنگ جَهر ۾،
ڀُڏائي ٿو سپ ڪي جُدائيءَ جون ڳالهيون.

سبق هيٺ ڪان هيٺ ڏي ٿو رهڻ جو،
ڪري ٿو نہ هرگز وڏائيءَ جون ڳالهيون.

خُوشامد جون ڳالهيون ڪري ڪونہ چاٽي،
ڪري ٿو محبت مٺائيءَ جون ڳالهيون.

حقيقت، حليمت، حُريت، نصيحت،
چئي ويو آ چارئي چڱائيءَ جون ڳالهيون.

ويو آهي هر دل تي لکجي ۽ چيچي،
اهي ئي تہ آهن ڪمائيءَ جون ڳالهيون.

بظاهر چئي بيت ’زخمي‘ اسانکي،
سُٺائي ويو آ، سچائيءَ جون ڳالهيون.





سوالن ۾ ملجان.
جوابن ۾ ملجان.

حجابن ڪي ٽوڙي،
مذاقن ۾ ملجان.

ڏسن ڪين ماڻهو،
نقابن ۾ ملجان.

نہ ساپيان جي سنپرين،
تہ خوابن ۾ ملجان.

رقيبن جي مُنهن تي،
نقابن ۾ ملجان.

گهڻو ڏور ناهيان،
ڪتابن ۾ ملجان.

لهڻ سار خاطر،
عذابن ۾ ملجان.

زخم چاهين ميٺڻ،
گلابن ۾ ملجان.

سائنس واري آدم کان اڄُ،
گوءِ ڏسو، شيطان ڪٽي ويو.

ڪائي پي آ هَنڌ ڪٿولو،
رات ٿِڪي مهمان ڪٽي ويو.

هاري ٻڌائيءَ ڏينهن ٻه قرضي،
آنُ سيئي گُل خانُ ڪٽي ويو.

پيٽ ٻُڪارئي ٻار جي هٿ مان،
ڪانءُ ڪسي ڪيئن نانُ ڪٽي ويو.

ڍور ڍڳي يا ڳاهه ڀريءَ لئه،
چورُ ڏسو قرآن ڪٽي ويو.

واهه زمانا! ڀُنگ وٺڻ لئه،
انسان کي انسان ڪٽي ويو.

’زخمي‘ سُک نه سنڀري ڪڏهين،
مرندي پي ارمان ڪٽي ويو.





حال مارن جا ڏسي ٿيا نيڻ هِن آلا لطيف.
چوته پنهنجا ٿا وجهي پاڪر، هٽن پالا لطيف.

تنهنجي ڌرتي تي نياڻين جون لڄُون لُٽجن پيون،
پوءِ به آهن چو زبانن کي لڳل تالا لطيف.

تنهنجي سڄڻن کي پلا را جا لقب چو ٿا ملن،
مان لِکي ڪنهن جا لکان هن شعر ۾ نالا لطيف.

ڪونه هو ڪارڊ ته مونکي وئن مان لاٿو پوليس،
هاءِ رشوت لئه ڪپايم ڏيءُ جا والا لطيف.

ڊيم ڊاهڻ لئه ڪفن سِرَ سان ٻَڌي نڪتا آهيون،
تون استقبال لئه اچجان سُري هالا لطيف.

سنڌ ڌرتيءَ کي ورهائڻ جون سِٽي جو سازشون،
پيرُ ڪپُرَ تي پئيس ۽ ٿئيس مُنهن ڪالا لطيف.

جُوان پڙهيل ڪي مُڙس ملي ويو،
پوڙهو چرسي، توبه زاري.

جيئري سُک جو ساهُ نہ هڪڙو،
مُئي تي ورسي، توبه زاري.

چاپلوسن جي ٿي وئي آهي،
هر هنڌ سَرسي، توبه زاري.

وقت وجائي، ويلي خاطر،
رات پيو ترسي، توبه زاري.

’زخمي‘ ديس کي وڪڻي کيائين،
پياري ڪُرسي، توبه زاري.



www.sindhsalamat.com



جيل جونِ سختيون ڇا هِن سنڌڙي!
حاضر آ جند جان بہ تولئہ.

شام سحر پيا پاڙ پٽوڙن،
آدرشي انسان بہ تولئہ.

پيار امن ۽ آزاديءَ جا،
ارڏن جا اعلان بہ تولئہ.

هوشو، هيمونءَ جهڙا دودا،
دولهہ دريا خان بہ تولئہ.

ايلي ٻاگهين جي اُرهن تي،
ڏارين جا نيشان بہ تولئہ.

وردين وارن، ويڙهيچن جا،
ويڙها ڪيا ويران بہ تولئہ.

سانڍي سُور وڃان ٿو رکندو،
آشائون ارمان بہ تولئہ.

’زخمي‘ قوم سَٽا هي ڪيڏا،
تاريخي نقصان بہ تولئہ.



www.sindhsalamat.com

ڏينهن رات ولوڙيم خون سڄو،
پر پيٽ گذارو ڪونہ ٿيو.

هِن ظلم ستم جي پيڙا ۾،
ڪو ڪنهن جو سهارو ڪونہ ٿيو.

آ دنيا چنبڊ تي پهتي پر،
هت ڪوبہ سڌارو ڪونہ ٿيو.

آ سچ جي ٻيڙي لُڏندي پر،
چو ٻُڏندي ڪنارو ڪونہ ٿيو.

اڄُ چارڻ چوريو چَنگ وري،
پر چاهہ جو چارو ڪونہ ٿيو.



www.sindhsalamat.com



انسان جي عظمت جا قاتل!
انسان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

ٻَل نازڪ تي چَڪُ ڳولُ ٿهيل،
نيشان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

احسان فراموشي ماڻهو،
احسان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

او سامَ ڪُهائيندڙ ظالم!
مهمان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

قُربان جا نانءُ سَڏائيندڙ!
قُربان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

اڄ دل جي دريا ٻيڙيءَ ۾،
طوفان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

فنڪشن جي صدارت ڪان اڳ ۾،
اعلان جي قيمت سمجهي ڇڏ.

او ناحق جيل وِجهائيندڙ!
زندان جي جي قيمت سمجهي ڇڏ.

دل ’زخمي‘ آ تہ بہ گهورَ ڪبي،
دل جان جي قيمت سمجهي ڇڏ.



www.sindhsalamat.com

سَچُ سراپا سارو پورهيت.
آهي هوڏ هزارو پورهيت.

ڏرتي ڪيڙي سون ٿو ميڙي،
ڪيڏو آهي سگهارو پورهيت.

ڏينهن ۾ لوڙي مس ڪري ٿو،
پنهنجو پيٽ گذارو پورهيت.

پُٽ جي بيماريءَ خاطر پئسو،
وٺندو آهي اُڌارو پورهيت.

ٻين ڪي سُگداسي ڪارائي،
پاڻ ٿو ڪائي ڌارو پورهيت.

آڪَهِہ پالي مزدوريءَ تي،
سانوڻ توڙي سيارو پورهيت.

مِلِ جي مالڪ پيجارو سان،
ماريو ڪالهہ ويچارو پورهيت.

نيٺ شڪاگو وانگر هتڙي،
’زخمي‘ هڻندو نعرو پورهيت.






هر شام ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم، هر رات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.
ڏَس ڀيو ڇا اوهانجي نانءُ ڪيان، پرڀات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.

تنهنجي ريت رسڻ وارين رمزن، مون ڪي شام و صحر بي چين ڪيو،
اکڙين جا وسائي پيار جي سا، برسات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.

تنهنجي فُرقت ۾ تڙپي ۽ لڇي هر شعر لکيو جو رت سان مون،
مونکي تنهنجو قسم سنگدل سانول، سا ڏات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.

هڪ ڏينهن رقيبن سان توکي گڏ گهمندي ڏٺم، ويا پير نڪري،
ان ويلَ قهرَ جهڙي جاني، جذبات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.

افسوس ستمگر! ’زخميءَ‘ ڪي ڏئي گهرا گهاوَ تون وئين دل تي،
سڪرات مرڻ واري دلبر! فڪرات ٻہ تنهنجي نانءُ ڪيم.

مـتـا نـيـنـهـن لائـي چـنـڻ کـو چگـو آ؟
ائـين مُنهـن اوهان کـي مَـٽـڻ کـو چگـو آ؟

ڏئـي پـيـار پـهـريـون کسـي چـيـنُ دل جو،
ائـيـن ڀـيـرو تـوکـي ڀـجـڻ کـو چگـو آ؟

کـري پـنهـنجو پيارا دغا ڏئـي اسان کـي،
رقـيـبـن ڏي مـائـل ٿـيـڻ کـو چگـو آ؟

گـهـڙيـون قُـرب واريـون اجـا يـاد آهـن،
پـريـن پـيـار ايـڏو پَـلـڻ کـو چگـو آ؟

اٿـئي ڏيـهـ ۾ هِـت گـهـڻا ماڻهـو ڏانـئڻ!
ائـيـن خـواه مـخـواه ڏِسُ رُلـڻ کـو چگـو آ؟

اسان تُنهنجي خاطر ٿي ’زخمي‘ پـيـاسين،
پـرين! تـنهـنجو هاڻـي ڇڏڻ کـو چگـو آ؟


www.sindhsalamat.com



مُنهـنجون وفائون اڄ ٻـي ساڳـيون.
تـنهنجون جـفـائون اڄ ٻـي ساڳـيون.

مُنهنجون صدائون اڄ ٻـي ساڳـيون.
تنهـنجون ادائون اڄ ٻـي ساڳـيون.

مُنهـنجون دعائون اڄ ٻـي ساڳـيون.
تنهـنجون گلائون اڄ ٻـي ساڳـيون.

مُنهنجون خطائون اڄ ٻـي ساڳـيون.
تنهنجون سزائون اڄ ٻـي ساڳـيون.

’زخـمـي‘ ويـتـو ڏسـنـدو آهـي،
تـنهـنجون راهون اڄ ٻـي ساڳـيون.


www.sindhsalamat.com

وٽي واڳون مون ڏرتيءَ جون جهليون اهڙيون جو ڇا چئجن.
قطارون ڪامريڊن جون هليون اهڙيون جو ڇا چئجن!

اڇو جوڏؤ، هٽي نعرو، پَٽيون اڄُ پيرَ غيرن جا،
انهن ڏارين سنديون دلڙيون ڀَليون اهڙيون جو ڇا چئجن!

ڏَڪيو آ ويسُ ڌرتي اڄُ صفا سائو خدا ڄاڻي،
ٻَنيون ٿم ديس پنهنجي جون ڀَليون اهڙيون جو ڇا چئجن!

ججهيون ساريون، مَڪائي، تِرَ، جُوئر، ڪَٽڪون، سَرنهَ، ڄانيو،
هتي ڀاڄين سنديون اُپريون وَليون اهڙيون جو ڇا چئجن!

سنڌي سادن سڀاجهن سان ڪري دوکو لُٽي ويا سڀ،
مِلايون چار ڳالهيون تن ٺلهيون اهڙيون جو ڇا چئجن!

رهيو 'زخمي' جي ڌرتيءَ تي ڪوئي رولاڪ يا ڏاريو،
ڪُهاڙيون ٿم رکيون تن لئہ مَليون اهڙيون جو ڇا چئجن!






جذبا زخمي.
جلوا زخمي.

پِير جي پيرين،
پتڪا زخمي.

ويتل وِياءَ جا،
سُڌڪا زخمي.

پير پِٿون ۾،
رستا زخمي.

ڪُوڙي واتان،
ڪلما زخمي.

بند ڪوٺن ۾،
پردا زخمي.

زاهد جي ٿي،
تقويٰ زخمي.

مولانا جي،
فتويٰ زخمي.

روزا زخمي،
سجدا زخمي.

ساروڻين ۾،
سپنا زخمي.

اڳ ڪاڏيءَ ۾،
تنخوا زخمي.

ٿوريءَ ڳالهه تي،
جهيڙا زخمي.

مُئي ڪانپوءِ ڀي،
وهوا زخمي.





جڏهن تنهنجون يادون اچي وينديون آهن.
خوشيون دل جو دل ۾ رچي وينديون آهن.

اچانڪ اچڻ سان ٻُسيون محفلون ڀي،
خدا ڄاڻي هڪدم مچي وينديون آهن.

جڏهن تون اسان جي اڱڻ تي آن ايندو،
تڏهن پيارَ پوڪون پچي وينديون آهن.

مَڌرُ گيت ڪوئي جڏهن آهي ڇيڙندو،
دليون درد واريون نچي وينديون آهن.

سَلڻ لاءِ ڳالهيون سَليون ڪوڙ 'زخمي'،
اچان دل جون ڳالهيون بچي وينديون آهن.

ٻين جي چئي تي اجايو لڳي او پرين.
ائين اسان کان تو دل ڇو ڀڳي او پرين؟

ڪالهه ناراض ٿيندي ڏٺو پاڻ هُئه،
ڪيئن رقيبن هنئي پئي ڪڄي او پرين؟

جيڪو وِڪَ وِڪَ تي سَوَ سَوَ ٿو سجدا ڪري،
تنهن سان محبت ۾ ڪهڙي مڃي او پرين؟

مان گنهگار ڪي ڪيڏو ڪٺي لوڪ جو،
پوءِ به توسان نه ڪئي آ ٺڳي او پرين؟

دل جي شعبي ۾ ’زخمي‘ ٿي داخل ويو،
آهه خطري جي گهنٽي وڳي او پرين؟





مُنهن ۾ نيمَڪُ نه ٿس.
ذلتن جي ڪري.

پاڻ جيئُون پيا،
دوستن جي ڪري.

هي جهان پيو هَلي،
محبتن جي ڪري.

عمل سوير هجن،
عظمتن جي ڪري.

پوک هاري ڪري،
غربتن جي ڪري.

ساهه ’زخمي‘ ڏنو،
قربتن جي ڪري.

جيڏو مولا سُهڻو بنايو اٿيئي.
تيڏو چونڊ مونسان نڀايو اٿيئي.

دلاسن جي دلبر ڏيئي آڪسيجن،
بهانا بنائي نٽايو اٿيئي.

زهر زندگيءَ جو پيئان ڪيستائين،
جيئڻ لاءِ ڇا ڀيو بچايو اٿيئي.

روئارڻ جون رمزون سِکي ڪو اوهان کان،
ڪڏهن ٻُلجي ڪنهن کي کِلايو اٿيئي.

پڙهي منهنجي نغمن ۾ دردن جون دانهون،
’نہ ڪر ڳڻتي زخمي!‘ چَوايو اٿيئي.



www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

وڏو ملندوَ ثواب جانان.
لاهيو جي مُکَ تان نقاب جانان.

نگاهون تِرشي ڪري ڏسو ٿا،
ڏئي ڪو مُنهن تي ڪتاب جانان.

اوهان جو جنهن ڏينهن نٿو ٿي درشن،
ٿئي ٿو نازل عذاب جانان.

وساريو ڇو ٿا تہ جيل مان نڪتي،
ڏنو اوهان هو گلاب جانان.

مجان ٿو ماڻهو اندر ڪارا هِن،
ناهي سچو جڳ خراب جانان.

ستم ڪريو ٿا سوال ٿين ٿا،
ڏيان ڇا تن کي جواب جانان.

زخم زخم سان ڏيئون ٿا دعائون،
اوهان ڪريو پيل حساب جانان.



www.sindhsalamat.com

اڌ رات.
فڪرات.

ڳوڙهن جي،
برسات.

ماتاري،
جذبات.

رَتُ رُني،
پريات.

ڪُرمش ۾،
ڪائنات.

زخمي آ،
هربات.


www.sindhsalamat.com



محبت درس آ جن جو، اڳڻ تن جي اچڻ گهرجي.
گهرائن جي سڌي سڪ مان، تڏي تن جي وجڻ گهرجي.

مخالف اُن لڏي جا هُون، ضميرن ڪي جي وڪڻن ٿا،
رُتل سنگت بہ پنهنجيءَ سان، هتي گڏ ٿي هلڻ گهرجي.

چتي تنقيد پلجان ڪر، مگر ترديد ڪان اڳ ۾،
توکي ڇُهنڊڙي ڪُک جي، سجڻ هلڪي سَهڻ گهرجي.

مُخالف ڊئم جا ناهيون، آهي ڏک چالبازيءَ جو،
بلاشڪ هو نهي پر، ٿر ۽ ڪاڇي ۾ ٺهڻ گهرجي.

جُڳن ڪان عيب ٿا سمجهن، سڏائڻ پاڻ کي سنڌي،
گُهرن ٿا سنڌ جو اڌُ ڪيئن! ٻُڌي تن کي مرڻ گهرجي.

ڏسو ڪُرسيءَ جي خاطر ڪيئن، هلي ٿي هيڏي جُنڊاپَٽ،
اهو لاشن جي سياست جو، وڏو بُت آ ڊهڻ گهرجي.

ويهاريل جيڪي نياٽيون هِن، وڏيري پِير مُرشد جون،
ڪيرائي ڪوٽ ظلمت جا، الا تن کي پڄڻ گهرجي.

زخم ايڏا نہ ڏي پيارا، سهڻ جي سگهہ نہ ’زخميءَ‘ کي،
خدا جي خوف ڪان پيي ڪجهہ، پرين توکي ڊڄڻ گهرجي.


www.sindhsalamat.com

مجيئون ٿا اسان سان مِلڻ عيد آئي.
اسان سان تہ آهي رُئڻ عيد آئي.

ڪري ڪيئن نہ سُواري مهانگائي تي ڏس،
غريبن جا ڳاٽا ڀڃڻ عيد آئي.

نوان ويس پائي، ڪائي طعام سَت رَش،
غريبن تي شايد کِلڻ عيد آئي.

سڄي سنڌ ڪشمير بڻجي وئي آ،
عذرخواهيون گهر گهر ڪرڻ عيد آئي.

وئي عيد گذري، ڏسو گيد آئي،
ائين پيرو پائو! ڀڃڻ عيد آئي.


www.sindhsalamat.com



ڪڏيا بُک ۽ بيروزگاري تَرا هِن،
تڏهن سارَ شايد لهڻ عيد آئي.

قتل ڌُم، اغوا ۽ نياٽيون ٿيون لُٽجن،
جمهوريت جون ساکون ڪٽڻ عيد آئي.

ڪلهوڪا ڌڪاريل، گهُرن سنڌ اڏُ ٿا،
انهن ڪي بُجو ٽُڪَ، هٽڻ عيد آئي.

قبيلائي جهيڙا وچن چوٽا وڏندا،
اهو سُوال سڀ کان پُڇڻ عيد آئي.

اُٿو ڊيم جي لئہ ڪيو ڪا بغاوت،
جيئڻ جون صلاحون ڏيڻ عيد آئي.

وڏي پيڙا پوڳي، لکيو شعر ’زخمي‘،
تڏهن شعر منهنجو ٻُڌڻ عيد آئي.

51


www.sindhsalamat.com

سون ورني سنڌ جي غدار تي لعنت وِجهان.
سامراجي، سازشي پرمار تي لعنت وِجهان.

جو غريبن کان وهائي راتو ڏيهان بيگرون،
تنهن لُچي ڪمدار ۽ پوتار تي لعنت وِجهان.

دوستيءَ جي اوٽ ۾ ٿي دشمني جنهن کان مِلي،
ڪُوڙي دوڪيباز اهڙي يار تي لعنت وِجهان.

ٻيمون ٺهرائي گهرائي، ڏاريا جيڪي سنڌ ۾،
مان انهيءَ ڪُرسي ٻُڪي سرڪار تي لعنت وِجهان.

سنڌ جي سؤدي ڪرائڻ لئہ مِلن سَوَ لالچون،
مان خدا ڄاڻي انهيءَ سهڪار تي لعنت وِجهان.


www.sindhsalamat.com



جنهن وَهايو خون ناحق اشرف الانسان جو،
مان بُري ڏائڻ انهيءَ هٿيار تي لعنت وِجهان.

جو ڦُرون، اغوا ڪرائي، پُنگ مان پَتيون وٺي،
تنهن وڏيري، پِير، ٿاڻيدار تي لعنت وِجهان.

رات کي جو ڏينهن چئي ۽ شينهن کي ڪوٺي گدڙ،
مان انهيءَ مردود ۽ مُردار تي لعنت وِجهان.

جو هيروئن، چرس، پنگ ٿو واپرائي ديس ۾،
تنهن واپاري ۽ سندس واپار تي لعنت وِجهان.

سچ وڏو آهي ڏوهاري پوءِ بہ ’زخمي‘ چوندو رهہ،
جو چِڙي ڏي گار، تنهن مان گار تي لعنت وِجهان.


www.sindhsalamat.com

هـاءِ جـيـون جـو مـزو ڪـاڏي ويـو.
اوچـتـو هـي ڇـهـڇـتـو ڪـاڏي ويـو.

لوڪ ڪي ٿـي پـيـو آنا جو ڪـيـنـسر،
ڪَـسُ ڪـشـر وارو قصـو ڪـاڏي ويـو.

زنـدگـي جـي حـادثـن جـو نـانءُ آ،
پـوءِ پـلا هـو حـوصـلـو ڪـاڏي ويـو.

زنـدگـي بـي بـنـدگـي شـرمـنـدگـي،
بـنـدگـيءَ جـو پـرجـهـلـو ڪـاڏي ويـو.

سچ ڪـي سُـوريءَ تـنـگـائـي ڪُـوڙ ٿـو،
پـر سـچـائـيءَ جـو سِـلـو ڪـاڏي ويـو.

سـنڌ سان ويساهـ گهاتي پـئي ٿـئي،
سـنـڌ جـو پُـٽ رُوپـلـو ڪـاڏي ويـو.

دلـبـري دلـجاءِ ڪـان خـالـي ڪـيـئـہ،
تـنـهـنـجـو ’زخـمـي‘ واعـدو ڪـاڏي ويـو.





مُنهنجي مٽي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

اقرار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو، انڪار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو.
ڪجهہ وقت ڪيڏي ڏک سُور پُڇڻ، اِهو يار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو.

چُپ چاپ ۾ ديد دونالين سان، قتلام ڪريو ٿا شابس ٿَوَ،
پنهنجي پيار محبت نفرت جو، اظهار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو.

منهنجي قرب جو ڪيس تہ ورهين ڪان، هو يار اوهان جي ڪورٽ ۾،
آزاد ڪرڻ يا قيد ڪرڻ، سرڪار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو.

سَـپُ آشائون ارمان ڪٽي، هي ’زخمي‘ نيت گذاري ويو،
منهنجي لاش ڪي غسل ڪفن ڏياري، سينگار اوهان ڪان ٿي نہ سگهيو.

ڪڏهن انسان ٿيڻو پيو، ڪڏهن ڀڳوان ٿيڻو پيو.
طبيعت ۾ ڪڏهن مشڪل ڪڏهن آسان ٿيڻو پيو.

فقيري ۾ مزو هو پر زماني جي رَوِشِ اُلٽي،
ڪڏهن گيڙو رتا ڪپڙا، ڪڏهن سلطان ٿيڻو پيو.

اٿم افسوس هُو جڏهن، ڪڍي ويو پير دوکي سان،
جُدا ان يار ڊوهي کان علي الاعلان ٿيڻو پيو.

گهڻو ڪيو پروسو توتي رکي تو ڀي نہ جي ڪاڏو،
اسان کي ڀي تڏهن تنهنجي مٿان بيمان ٿيڻو پيو.

ڪيوسين ڪوڙ منٿون پر اڳڻ تي هُو نہ پئي آيو،
سڄڻ کي اڄ مڃائڻ لئہ وٽس مهمان ٿيڻو پيو.

ڪڏهن ڀي پنهنجي فطرت ۾ وڏائي ڪانہ هئي ليڪن،
غلط جي حڪم ٿيا 'زخمي' تہ نافرمان ٿيڻو پيو.





اوهين ڏاڍا ڏکيا ٿيندؤ.
جي ڊيم نہ ڏيندؤ.

جي ڏرتي نہ سائي رهي،
ٻُڪ يار مَري ويندؤ.

غيرت سان جيئندؤ يا،
بي غيرت ٿي جيئندؤ.

خاموش اجان جي رهيؤ،
پاڻيءَ جي لئہ سِڪندؤ.

هِڪُ 'زخمي' ناهي دُکي،
سڀ ريهون ڪري رُئندؤ.

در در ڇو ٿا ڳوليو سائين.
پاڻ پيا ٿا روليو سائين.

حال غريبيءَ ۾ ٿي ويو آ،
ٻچڙي ڪي ڏِسُ پوليو سائين.

پيءُ ڪپائي واڪَ تي نياڻي،
تنهن ٻہ نہ ٻاڙو ٻوليو سائين.

مجروح دل جا زخم سِڀي پوءِ،
ڇوٿا تن کي کوليو سائين.

نيڻ وڇايان ڳل ڪري ٿو،
اچڻو آ اڄ ڍوليو سائين.

’زخمي!‘ مان ٻہ حياتيءَ مان ڇو؟
ڏاڍو آهيان اوليو سائين.


www.sindhsalamat.com



ٿُتل ڪنهن جو مقدر ٺهي ٿو وڃي.
ٺهيل ڪنهن جو مقدر ڊَهي ٿو وڃي.

ڪڏهن ڪوئي ڪنهن جو نہ ڪَکُ ٻہ سهي ٿو،
ڪڏهن ڪيڏو الميو سَهي ٿو وڃي.

گهڙي ڪونہ ترسي پيئي چانهہ پاڻي،
ٻہ ٽي راتيون سوئي رهي ٿو وڃي.

ڪڏهن ڪنهن جي اک مان نہ ڳوڙهو ڪِري ٿو،
ڪڏهن سمنڊ ٻڻجي وَهي ٿو وڃي.

ڪڏهن آڻ ڪنهن جي مڃي ڪونہ ’زخمي‘،
ڪڏهن ڪوئي ضد تان لهي ٿو وڃي.


www.sindhsalamat.com

تامي جي ٿي ڏرتي آهي.
جنگ بہ اوڪي شرطي آهي.

ديس جي خاطر دودو بڻجي،
دامن حق جي ورتي آهي.

هتڙي غير ڪي سَهڻو ڪونهي،
ڳالهہ اِها سربستي آهي.

هاڻ ڪجان تون سولي يا رب!
ڏرتي توڪي پرتي آهي.

ساهہ ڪان پياريون رکندو 'زخمي'،
ڏرتي توڙي سرتي آهي.





منهنجا جذبا اڄ بہ اُهي ئي.
تنهنجا جلوا اڄ بہ اُهي ئي.

منهنجون مِنٿون اڄ بہ اُهي ئي،
تنهنجا دڙڪا اڄ بہ اُهي ئي.

منهنجون ميڙُون اڄ بہ اُهي ئي،
تنهنجا جهڳڙا اڄ بہ اُهي ئي.

منهنجون واٽون اڄ بہ اُهي ئي،
تنهنجا رستا اڄ بہ اُهي ئي.

'زخمي' ويٺو ڏسندو آهي،
تنهنجا سپنا اڄ بہ اُهي ئي.

سُورن ۾ ساماڻو آهيان.
پوءِ بہ نہ ٿيو ويڳاڻو آهيان.

ديس ۾ جيڪي غير ٿا گهُورن،
مان پي تن لئہ گهاڻو آهيان.

رڳ رڳ مان ناسور ٿا نڪرن،
لوهہ جو چڻ ڪو چاڻو آهيان.

پنهنجن لئہ مان پارس اهڙو،
موتيءَ جو چڻ داڻو آهيان.

سُورَ سَهي ٿو سنيران ’زخمي‘،
شايد ڪاڪ جو راڻو آهيان.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

ڳنيڻ ڪم اسانجو، چنڻ ڪونہ چاڻون.
دغا دوکو ڪنهن سان ڪرڻ ڪونہ چاڻون.

اسان قول ڪڏهين ڪيئون ڪين ڪُوڙا،
مري پَئون مگر سي پڄڻ ڪونہ چاڻون.

ڪرڻ نانءَ روشن لئہ دولت لُٽائي،
سخا اهڙي سڪٽي ڏيڻ ڪونہ چاڻون.

اسان ماڻهو ڏوٿي، ڪکن ۾ گذاريون،
۽ محلن ۾ مورئون رهڻ ڪونہ چاڻون.

هي ڌرتي دليرن ۽ دودن جي آهي،
اسان ديسِ ڌاريو سهڻ ڪونہ چاڻون.

محبت جي ميدان تي مارجون ٿا،
ٿيون سخت ’زخمي‘ پڄڻ ڪونہ چاڻون.

57


www.sindhsalamat.com

نينهن-نگر مان آيو ڪاڳر، ڪير هلي.
نيڻن ۾ ڪو ناهي ساگر، ڪير هلي.

ڪير هلي جو وڇڙي هيل بهارن کان،
پائي خزان کي اونهو پاڪر، ڪير هلي.

راهيءَ سان گڏ پنهنجو پاڇو ناهي جو،
منزل ڏوران ڏور مسافر، ڪير هلي.

ڪير هلي جو وڇڙي زلف هُڳائن کان،
هاءِ اُجاڙي پنهنجو آڳر، ڪير هلي.

سو هلندو، جو رت جو ريج ڏئي سگهندو،
ڌرتيءَ ڪارڻ سنهري ساجهر، ڪير هلي.

ٻاڳ نه پنهنجو، جيسين ماڳُ نه پنهنجو آ،
جاڳيا موهن ۾ ڪارونجهر، ڪير هلي.

آزاديءَ جا اُجرا خواب سنڀالي ڪڻ،
نياپا ڏين ٿا، ٿر ۾ ٿوهر، ڪير هلي.


www.sindhsalamat.com



وِڪ وِڪ تي اڄ ويري سائين.
نيٺ ته ٿيندا ڍيري سائين.

پنهنجي ڀونءِ تي پنهنجن جي ڇو؟
ايڏي هيرا ڦيري سائين.

سنڌي ٻولي پنهنجي ٻولي،
ناهي تيري ميري سائين.

ڪيئن رکي ويا منهنجي گهر تي،
ڌاريا ڪوسي ڪيري سائين.

ديس دروهي ڪاڏي ڀڄندو،
ساڻ جڏهن آ پيري سائين.

روئڻ تي ڇو منهنجا رانول!
منهنجي دل تو هيري سائين.

’زخمي‘ سان اقرار ڪري پوءِ،
ڪاءُ نه هاٺي ڦيري سائين.


www.sindhsalamat.com

ويرين وچ ۾ وادي ڇو آ؟
گهر گهر ۾ بربادي ڇو آ؟

ڇور وتن ٿا گهمندا ٻاهر،
واڙيل هُو فريادي ڇو آ؟

ديس ڏٺي آ ڪئمپن ۾ ءِ،
ڌارين تي امدادي ڇو آ؟

روزانو تہ رُڪي ٿا ڪائون،
پوءِ بہ وائي بادي ڇو آ؟

نينگر جُوان جماڻ جي زوري،
پوڙهي سان ٿي شادي ڇو آ؟



www.sindhsalamat.com



دنيا چنڊ تي پهتي آ پر،
قوم سنڌي هيءَ سادي ڇو آ؟

ڪُوڙ جي مُنهن ۾ ڌُوڙ ٻُڌي آ،
سچ سان هتڙي تعدي ڇو آ؟

پيار امن جي پُوڄارين جي،
ڪسجي وئي آزادي ڇو آ؟

پاڻ ٻِني ٿو ڪائي جڏهين،
ڌارين جي آبادي ڇو آ؟

پنهنجن ڪان مُنهن موڙي ’زخمي‘،
غيرن جو اتحادي ڇو آ؟



www.sindhsalamat.com

توسان اڳتي ملندو ڪيرُ؟
آس اجا ڏَسِ رکندو ڪير؟

درد، الم ۾ دڙڪا تنھنجا،
روز متا پيو سھندو ڪير؟

دادُ نہ مُنھنجي دانھن جو تو وٽ،
رت اکين مان رُئندو ڪير؟

لُڙڪ اکين ۾ يار لِڪائي،
اڳتي مُرڪي پوندو ڪير؟

سيڪو سنگتي سُک جو آھي،
سار ڏکن ۾ لھندو ڪير؟





روز ڏُکن جي ڏاگھہ تي چڙھندي،
تنھنجي راڄ ۾ رھندو ڪير؟

الفت بدلي ڪُلفت ڪر تون،
توکان پيارا پُڇندو ڪيرُ؟

تو نہ اچڻ جو قسم ڪنيو آ،
ھاڻي واٽون ڏسندو ڪير؟

ٿاھي ڊاھين، ڊاھي ٿاھين،
ھاڻي توسان ٿھندو ڪير؟

'زخمي' شعر تہ ٿاھيو آ پر،
تنھنجي سامھون پڙھندو ڪير؟

ڏسين ٿو تہ ڏامر جيان پيو رِجان.
اجا پي نہ غيرت نہ ڪائي بُچان.

آهين سُک جو سنگتي مگر سار لهجان،
توڙي ٿلتي، مياٽي يا ڪرڙي هُجان.

وٺي رُوپ ڀيهر مدد خان جو تون،
ڪڏهن ڪين پنهنجن جو ويري ٿجان.

سڏي سنڌ سُڏڪي نہ پُهچان پرين!
بُجو پوءِ مون کي گهروڙي ڏِجان.

جڏهن ڪابہ اک ڪنهن جي ميري ڏِسين،
اُٿي باغي بڻجي بغاوت ڪجان.

متان چئين تہ ’زخمي‘ هُيو نانوَ جو،
مان تلوار جي ڌارَ تي ٿو نچان.


www.sindhsalamat.com



ناٽي تي هن ماٽا ساٿي.
ڪاٽا پي هن راٽا ساٿي.

نانءَ پُٽيان ڪيئن آهيون پريشان،
سَهڪي ٿيا هُون ساٽا ساٿي.

سچ جا موتي هتڙي آهن،
ڪوڏيءَ مُلهہ وِڪاٽا ساٿي.

مسڪينن لئہ قائم آهن،
هي سپ چوٺڪيون ٿاٽا ساٿي.

سينا ٿي ويا سنگينن ۾،
گيچڙ جهڙا چاٽا ساٿي.


www.sindhsalamat.com

ديس منهنجي جا ماٺهو آهن،
ڄڻ تہ مکڻ جا چاٽا ساٿي.

ڪنهنجي گھر ۾ ڪوٺ نہ آنَ جي،
ڪنهن وٽ ڪونهن داٽا ساٿي.

ناٽي جي هٿ نوڪ تي ڪيئي،
آگھيا انڌا ڪاٽا ساٿي.

ڏاڍن لئہ آ ايئرڪنڊيشن،
هيٺن لئہ هن گھاٽا ساٿي.

کھڙي توسان هامَ هٹئون مَن!
آهيون عيبن هاٽا ساٿي.

غير ٿو پاڙي ’زخمي‘ شايد،
پنهنجا پاندَ پُراٽا ساٿي.







مَجائڻ جي مون ڪي تون مستي چڏي ڏي.
اجايو اِيها هوڏ هستي چڏي ڏي.

مَنَهہُ مُنهنجو سارو جلائي چڏيئہ پر،
چڱو آ تہ منهنجي تون وستي چڏي ڏي.

اسان جو گھٹو خُون پيتو ٿئہ ظالم!
وٺڻ رت اسان جي تون سَستي چڏي ڏي.

ڪمايون اسان ۾ وچين تون ٿو ڪايون،
اِهو دم ۾ دود دستي چڏي ڏي.

پلي تون ڪٽي پوءِ جنت ۾ ئي رهجان،
مگر ديس منهنجي جي ڌرتي چڏي ڏي.

مجيندو نہ ’زخمي‘ ڪڏهن مات تنهنجي،
اهو چوهہُ شوخي ۾ شڪتي چڏي ڏي.

موٽي وري چمن ۾ موسم بهار آئي.
تون جو سڄڻ نہ پُهتين لوڪئون ميار آئي.

پرديس ويندي ڪهڙو اقرارُ وِيو ڪري هُئين،
پوءِ پِي نہ تنهنجو ڪو خط ۽ ڪائي نہ تار آئي.

ظاهر تہ مونکي واقعي ڪوئي بہ زخم ڪونهي،
دل کي ڳُجهي سڄڻ پر ڏاڍي آ مار آئي.

ڪهڙي بہ وقت آئي ڪاڏهئون بہ يار آئي،
جاڏهئون بہ يار آئي تنهنجي تنوار آئي.

ٿي آهَہ بي اثر ۽ بي چين ٿي حياتي،
جيڪا گهڙي بہ آئي سا غمَ گذار آئي.

’زخميءَ‘ سان ڪونہ پرتين آخر ويو مري هُو،
مِنٿون ڪندين اوهان کي ساري ڇمار آئي.






ماءُ تہ مُنهنجي ڌرتي آهي.
ڳالهہ اِها سربستي آهي.

تون ڇو منهنجي ديس ۾ ڏاريا،
ايڏي ڪئي اڄ مستي آهي.

اُوچا ڪوٽ ڏسي تون پنهنجا،
تاڙي منهنجي وستي آهي.

خُون وهائي مسڪينن جو،
ڳالهہ لڌي تو سَستي آهي.

ڇيرن جي ڇمڪار تي مورک!
هارِي تو اڄ دستي آهي.

ڳالهہ ٻُڌي ڇڏ ظالم جابر!
زنده قومپرستي آهي.

هوشوءَ جهڙي سنڌ ۾ ’زخمي‘،
جاڳي پيهر هستي آهي.

هيٺو سڀ جو حال ڏنو تم.
سُورن جو هِي سال ڏنو تم.

مسڪينن جو ڏاڍن اڳيان،
دامن رَت سان لال ڏنو تم.

ڪوئي ڪنهنجي خون جو پياسو،
ڪنهن تي ڪنهن جو پيال ڏنو تم.

لاش محبت جو بس هرجا،
تيندي اچ پائمال ڏنو تم.

دنيا ۾ اچ ڪالهہ وفا جو،
’زخمي‘ هر هنڌ ڪال ڏنو تم.





توسان جنگ مون جوتي آهي.
دنيا ۾ قڙقوتي آهي.

تنهنجي هٿ ۾ بڙچون پيالا،
منهنجي هٿ ۾ سوتي آهي.

تنهنجي لاش لَٽڻ لئہ مانِ پيي،
قبر هٿن سان ڪوتي آهي.

غيرت منهنجي جاڳي آهي،
ڏات بہ منهنجي موتي آهي.

’زخميءَ‘ جي لئہ ڏيهہ چوي ٿو،
مُڙس نہ هرگز توتي آهي.

منزل ماڻڻ آهنجي ناهي.
ڪاهہَ رُڳو بس پنهنجي ناهي.

”وَنحن اقرب“ پاڻ چوي ٿو،
وٿي ڏٺيءَ سُنهن نَنهن جي ناهي.

ڪيئن ٻُڌايان سُورن جي مان،
ڳالهہ ٻُڌائڻ سَهنجي ناهي.

هڪ مالڪ کان ڏڪندو آهيان،
ڪاڻِ ڪڍي ٻئي ڪنهنجي ناهي.

’زخمي چانڊيو‘ نالو آهي،
حاجت هِت ڪا غم جي ناهي.





ڪيو گهيرو غمن آهي، پڳل هڪ هڪ هَڏي آهي.
زبان تي آ لڳل تالو، اڏيل سامهون آڏي آهي.

گهرئون ٿا جيڪڏهن حق ڪو هٽي نعرو صداقت جو،
پڇا انگاس تي اٽڪيل سزا ويتر وڏي آهي.

سوين سِر تي ستم ءِ سُور سختيون سپ سهي وجبيون،
مگر بيعت قبوليان چو؟ اجان مون ۾ رَڏي آهي.

نہ ڪر ارمان اي ’زخمي‘ خدا توساڻ حامي آ،
نہ اڄ مون پِي سنڌوءَ جي پِر، ڊجي ڪنهن کان چڏي آهي.

ڪَـتـي بـازي وئـي آخـر عـداوت ڪـان مـحـبـت آ.
ڪَپائي مُون زبان پنهنجي، نڪي مون ڪان ٿي نوڙت آ.

ستم مان غير جو مُرڪي سَهي سِرَ تي مَري ويندس،
مگر هن ديس تي آگر سَهڻ ڪان مونکي نفرت آ.

غريبن ۾ ڪٿي فاقا، ڪٿي پاندا اناجن جا،
وٽن هيرا هزارين پر نہ ڪائي تن جي قيمت آ.

ڏگهي ڏاڙهي جُبو پائي، هٽن ايمان تي ڌاڙو،
ڏسڻ ۾ جيئن موسيٰ پر اصل شيطاني صورت آ.

وطن تي تون مري ’زخمي‘ هميشہ لئہ ٿجان سُرهو،
لڙِي جوڏا تو ورتو حق سلامت تنهنجي غيرت آ.





ڇم ڇم ڇيريون تون ۽ مان.
نينهن نبيريون تون ۽ مان.

ڪونہ ٻُڌڻ ٿا چاهيون هاڻي،
تيريون ميريون تون ۽ مان.

ياد اٿئي ڪيئن ننڍڙي هوندي،
ڏوٽيون ٻيريون تون ۽ مان.

پيارَ، آمُن جي الفاظن تي،
زبران زيريون تون ۽ مان.

ڏرتي سائو ويس ڍڪي پوءِ،
چاريون ڪيريون تون ۽ مان.

نفرت واريون سوچون ساڙي،
مُرڪون ميڙيون تون ۽ مان.

اڳ تہ ملڻ لئہ ڪين ڪيون هُون،
ايڏيون ديريون تون ۽ مان.

آءُ اُڏاريون برڪا رُت ۾،
ڳيرا ڳيريون تون ۽ مان.

هاڻ انا جي وڻ ڪي ’زخمي‘
گڏجي ڪيريون تون ۽ مان.

مسڪينن ۾ ماروئڙن لئه،
سُورن جا سامان به ساڳيا.

مُرڪ ڪسڻ ۾ لُڙڪ ڏيڻ جا،
مون تي هي احسان به ساڳيا.

پُونءِ سڄي ويا پيلي جيڪي،
تو وٽ پر مهمان به ساڳيا.

مسڪينن ڪي رانيوٽن جا،
ڏاڍن جا نيشان به ساڳيا.

ڪمپيوٽر جي دؤر ۾ ڪُوڙا،
امن سندا اعلان به ساڳيا.

تنهنجي پُڪي ۾ اڻ ڪُٿ خوشيون،
’زخمي‘ لئه ارمان به ساڳيا.





مَنَ ڪي اڄ مُونجهارو ٿي پيو.
ماٺهو ائٿ ستارو ٿي پيو.

مسڪينن جي زڪواتن مان،
صاحب لئه پيجارو ٿي پيو.

ڪمپيوٽر جي دؤر ۾ آدم،
ڳٿ ڳچيءَ ۾ ڳارو ٿي پيو.

پاپي ٻڄي پير ڪڍي ويو،
سنگتي اندر ڪارو ٿي پيو.

جنهن ڪي ڪلهه هُئي نفرت مونڪان،
سوئي جيءَ جيئارو ٿي پيو.

سارو ڏينهن ٿا لوڙيون پوءِ پي،
مس مس پيٽ گذارو ٿي پيو.

سِير سمنڊ جي پار ڪيم پر،
دشمن آهي ڪنارو ٿي پيو.

تنهنجو نظرِ ڪرمُ او سائين،
’زخميءَ‘ لاءِ سهارو ٿي پيو.

سڄڻ جي شڪايت ڪيان ڇو ڪيان؟
۽ تنهن سان بغاوت ڪيان ڇو ڪيان؟

ڇوي دل ٿي محبت پرينءَ تي لُٽايان،
پين تي عنايت ڪيان ڇو ڪيان؟

جڏهن منهنجو محبوب مونسان آ راضي،
تہ ان سان عداوت ڪيان ڇو ڪيان؟

جڏهن روز درشن سڄڻ جو ٿئي ٿو،
تہ ٻئي در سعادت ڪيان ڇو ڪيان؟

سخي، پِيچُ جو آ جڏهن ليڪو هڪڙو،
تہ باقي قناعت ڪيان ڇو ڪيان؟

ڪائي ڳڏ پوءِ ’زخمي‘ ڳلا جو ڪري ٿو،
تہ ان جي شناخت ڪيان ڇو ڪيان؟





ساڙ سَڙيو هُو ساڙي ٿي پيو.
جُونِ جي جڻ پوياڙي ٿي پيو.

هن سان رشتو اڻ ٽُٽ هو پر،
لُوسڻ ۾ ٻي پاڙي ٿي پيو.

ڪالھ ٿي مونکي سمجھايو جنهن،
سوئي پاڻ اناڙي ٿي پيو.

محبت جو ميدان ڇڏي ڇو،
تهمت ڏئي هُو پاڙي ٿي پيو.

رات ڪي ڏينهن ڇيو ئي ناهي،
’زخمي‘ پو ڪيئن ڊاڙي ٿي پيو.

مونکي نہ پنهنجو مَٽ ٿو سمجهين!
ايڏو ڇو تون گهٽ ٿو سمجهين!

هر مَسڪن مون خوب پڙهيو آ،
تون ڪيئن مونکي ڇٽ ٿو سمجهين!

ڏرتيءَ جي هن پيار ڪي پاپي،
شايد ڪوئي ڳَٽ ٿو سمجهين!

ساوا ساوا ڪيت سنڌوءَ جا،
بازيگر بَرپَٽ ٿو سمجهين.

مان ڪو ايڏو هيٺو ناهيان،
جيڏو مونکي ڇَٽ ٿو سمجهين.

’زخميءَ‘ ڪي ڇو ظالم ڪوٺو،
تارازيءَ جو وٽ ٿو سمجهين!





مَنهنجي مَٽي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

ساهہُ ٿو توکي ساري سائين.
ڪي تہ گهڙيون وچ گهاري سائين.

چين ڪٽي تون چاهہَ جو دل ۾،
پارڻ ويو آن پاري سائين.

دُور رهي تون دلبر مون ڪان،
هانءُ چڏيو آ ڏاري سائين.

جيڪر تون هڪ وار هلي آ،
قسمت جيتي هاري سائين.

تنهنجا رستا روز نهاريان،
آب اکين مان هاري سائين.

جيون سارو توبن ’زخمي‘،
تنهن ڪنئون ڇڏ تون ماري سائين.



www.sindhsalamat.com

جڏهن دردُ پنهنجن پيارن ڏنو.
تڏهن مونسان روئي سهارن ڏنو.

محبت جي ٻيڙي جڏهن پي ٻُڏي،
نہ ڪوئي سهارو ڪنارن ڏنو.

خزان دل جو گلشن اُجاڙي وئي،
وڏو دوکو مونکي بهارن ڏنو.

ڏسي ڏاڍُ تنهنجو زمين آسمان،
روئي چنڊ تارن نظارن ڏنو.

ڪري مونکي ’زخمي‘ جڏهن تون وئين،
چڏي ساٿ منهنجو قرارن ڏنو.





منهنجون ديدون تنهنجي دَرَ ۾.
تون تہ اچا آن ساڳيو ڍَرَ ۾.

حيف اٿئي جو عيش ڪرين ٿو،
قيامت برپا آهي ٿَرَ ۾.

توسان جو مان اٿڪِي پوندس،
جهيڙو پوندو پنهنجي گهر ۾.

ڪيئن پڙهي ڪاليج ۾ ڇورو!
جنهن کي پِستل هوندو وَرَ ۾

ايڏي ’زخمي‘ هاَم هڻان چو،
ڳالهہ تہ هوندئن آ ويتل تَرَ ۾.

لُريءَ ۾ غريبن جو سيارو ڏنو ٿئہ؟
ڇا ڪائيندي تن کي نہ ڏارو ڏنو ٿئہ؟

هُجي وِياج رُشوت تي جنهن جو گذارو،
ڪڏهن تنهن کي ڏيندي اُڌارو ڏنو ٿئہ؟

سَرنهن جي ڦولارن ۾ نارين جون جوڙيون،
پَليءَ جي پَٽڻ جو نظارو ڏنو ٿئہ؟

گُهمي ٻين جي محبوب سان ٿو کِلين پر،
رقيبن سان گهمندي پيارو ڏنو ٿئہ؟

ويهي ڪيئن ٿو بنگلن ۾ چمچن سان ڪائين،
ٿريچن جو ڏانئڻ گذارو ڏنو ٿئہ؟





وٺڻ پيار ۾ يار جو آزمودو!
صُفيءَ تان سَکيءَ جو اشارو ڏنو ٿئہ؟

اديبن جي قدڪاٺ ماپڻ ڪان پهريان،
سمنڊ جو ڪڏهن ٻيو ڪنارو ڏنو ٿئہ؟

گهٽن پائرن تي ڪرين ٿو تون بانور،
امڙ جو اڪيلو سهارو ڏنو ٿئہ؟

ٻاهر رعب جيڪي هٿيارن تي ڪن ٿا،
تنين جيل هٿ ۾ ٻُهارو ڏنو ٿئہ؟

ڪئي ڪيڏي سائنس ترقي آ 'زخمي'،
اسان وٽ اڃا ڪاري ڪارو ڏنو ٿئہ؟

ايـــڏي وارو واري ڇـــو آ؟
دهشــت هــي ڇــوڏاري ڇــو آ؟

اخــبــارن ۾ روز پــڙهــيــن ٿــو،
پــنـهـنجـن ڪـان بـيـزاري ڇـو آ؟

شــام صــبــح ٿــو خــون وِلــوڙي،
پــوءِ بــ قــرضــي هــاري ڇــو آ؟

نـاحق نـاري ڪـالهہ ڪُسـي وئـي،
ڪـيـرُ ڇـوي ٿـو ڪـاري ڇـو آ؟

هــاري جــي لـئـ ٿـاڻـي تـي اڄُ،
بــاهــ وڏيــري ٻــاري ڇــو آ؟



www.sindhsalamat.com



هــر شــيءِ ۾ آ خــوب مــلاوٽ،
ٽــيــڪــيــل هــر واپــاري ڇــو آ؟

ٻــن پــئــسـن تـي يـارُ وڪـامـيـو،
ڏات ڏٺـــي دريـــاري ڇـــو آ؟

روئـي روئـي مـان ئـي هـڪـڙي،
ويــهـــي رات گـــذاري ڇـــو آ؟

هــڪــڙي داءَ تــي ڏيءُ هـارائــي،
گــولــي تــي جُــوئـاري ڇــو آ؟

دنــيـا چــنـڊ تــي پــهـتــي آهــي،
ســنــڌ ڏكــن ۾ ســاري ڇــو آ؟

ســاري دنـــيـــا دوڪــو آهـــي،
يــارن مــنـجـهــ غـداري ڇـو آ؟

72



www.sindhsalamat.com

سُرمئي شام جي برڪا رُت ۾،
ڏات رُسي وئي آهي.

ناحق ناري ڪاري ٻڌجي،
ڪالهه ڪُسي وئي آهي.

معصومن جي مُنهن تان زوري،
مُرڪ ڪسي وئي آهي.

منهنجي موت جي رب ڪان شايد،
*ڏيٿ گُسي وئي آهي.

روئي روئي ’زخمي‘ دامن،
خوب پسي وئي آهي.

* = DATE تاريخ



www.sindhsalamat.com



پراوا ڪڏهن پنهنجا ٿيندي ڏٺا ٿي؟
ڪڏهن ٻير ٻٻرن ڪي ڏيندي ڏٺا ٿي؟

پنڊيءَ تي ٻہ نالو ناهي جن جو گهر ۾،
سي شهرن ۾ شهپر وٿيندي ڏٺا ٿي؟

سنڌي مُئي تي ڪالم لکڻ جا تہ ڪوڏيا،
مگر ڪنهن ڪي جيئري مَڃيندي ڏٺا ٿي؟

اسان ڏي تہ اچڻا نہ وڃڻا هئا پر،
مفادن لئہ هر هر سي ايندي ڏٺا ٿي؟

ٻُکن ۾ ڏکن سان ٻہ دل ٿي وڃي ٿي،
ڪڏهن مارُو ٿر مان لڏيندي ڏٺا ٿي؟

انا جي ڪٽي ڏور ليڪ هٿن ۾،
ادب جي لغڙ ڪي ڪَٽيندي ڏٺو ٿي؟



www.sindhsalamat.com

بيوفا تنهنجو فسانو ياد آ.
دل تي دردن جو زمانو ياد آ.

تو نه ڪنهن اقرار ڪي پاڙي ڏنو،
تنهنجو مونکي هر بهانو ياد آ.

دل ڪسي، پنهنجو ڪري، ڇو ڏار ٿئين؟
رولي ٿئين راهي روانو ياد آ.

دل جو گلشن هو سينگاريل يار پر،
اوچتو تنهن جو ويرانو ياد آ.

جاڻي ويهي تو ڪيو اقرار هو،
اڄ اهو ئي آستانو ياد آ.

باغ ۾ بُلبل مچايو شورُ هو،
ان جو ڳايل هر ترانو ياد آ.

تو ڪري 'زخمي' ڇڏيو تنهنجو ڪرم،
تنهنجي نظرن جو نشانو ياد آ.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

منهنجا توسان پيار وڌي ويا.
تنهنجا سڀ اختيار وڌي ويا.

تنهنجي اوسيئڙي ۾ سنگدل!
اڳ ڪان اڳرا نارَ وڌي ويا.

ڪانه پوي ٿي پُوري گهر ۾،
آهن نِنڍڙا ٻارَ وڌي ويا.

ڇڱن ڀلن ڪان ٻيڻا ٽيڻا،
هر گهر ۾ بيمار وڌي ويا.

رنگُ هٽي ٿا وڙ لِڪايون،
چانديءَ جهڙا وارَ وڌي ويا.

مانُ غريبن ڪي نه مِلي ٿو،
پئسي جا آزار وڌي ويا.

ڪهڙو واءُ گُهليو آ 'زخمي'،
پنهنجن جا تڪرارَ وڌي ويا.


www.sindhsalamat.com

نيت تہ ورندا وارا ساٿي.
ڪِرندا ڪوڙ طيارا ساٿي.

ڏاريا ٿيندا سمنڊ حوالي،
سنڌي رهندا سارا ساٿي.

نيت تہ هاڻي ٽُٽڻا آهن،
ڳت غلاميءَ وارا ساٿي.

جاڳيو آهي گهوٽ پٽائي،
نينهن جا لڳندا نعرا ساٿي.

آزاديءَ جي وات ڏَسي ويا،
ٿوڙي ڦاٽڪ وارا ساٿي.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانڀوءَ: زخمي چانڊيو

پل پل تنهنجا پُور الاڙي!
مَن سدا مجبور الاڙي!

تنهنجي دل جي ويجهو آهيان،
پوءِ پڻ سمجهين دور الاڙي!

پن ڇڻ رُت ۾ ڇوڙتو ڇيڙين،
محبت جا مذڪور الاڙي!

ڦوهہ جواني ۾ هي تنهنجا،
ٻاراڻا دستور الاڙي!

توکي جنهن بہ ڏنو او ساجن،
ٿي ويو چڪنا چُور الاڙي!

ظاهر واقعي ’زخمي‘ ناهيان،
نس نس آ ناسُور الاڙي‘


www.sindhsalamat.com

ستم مٿان ٻيو ستم ڪري ڏِسُ!
اوهان سان ناتو نڀائي وجبو.

هزار دل تي زخم سهي پيو،
اوهان کي پيارا ڪِلائي وجبو.

اوهان تي آڳر سِڌي ڪئي جنهن،
انهيءَ جو بازُو ڪَٽائي وجبو.

قدر نٿا ڪيو مرڻ ڪان پوءِ ئي،
اوهان جو دامن پسائي وجبو.

شناس جنهن ۾ ذرو بہ ناهي،
قدم انهيءَ کان گهٽائي وجبو.

مرڻ تہ ’زخمي‘ نہ آهي مِٺو،
مَري بہ ڏاڪو چَڙهائي وجبو.


www.sindhsalamat.com



اوهان جي نظر جو اثر ٿي ويو آ.
چريو مان نہ سارو شهر ٿي ويو آ.

هٽي ڪانَ ڦهري دنيا کي ٿا گهايو،
گهٽڻ جو اڏواڏ اندر ٿي ويو آ.

اوهان جي ئي تصوير دل ۾ رکي مان،
پيو پوڄيان مَنُ مندر ٿي ويو آ.

وسي ياد تنهنجيءَ ۾ منهنجي اکين جو،
لبِ خشڪ هاڻي ڪکر ٿي ويو آ.

ڇمڻ ڪان وٺي مان ڏسان ڏک ئي ڏک ٿو،
ستم، سُورَ مون لئہ ثمر ٿي ويو آ.

اڇي چوٽ ’زخمي‘ وئي آهہ اهڙي،
جيئڻ هاڻ منهنجو زهر ٿي ويو آ.


www.sindhsalamat.com

اڄ تہ اٽڪپورو سرجيل غزل ٿو لڳين.
وار اٽڪين ۾ جڻ ڪو بڪل ٿو لڳين.

تنهنجي جوڀن جي کهڙي ڪيان ڳالهہ مان،
ٻيرَ ڳاڙهن جيان تون پَڪل ٿو لڳين.

مُرڪي پاڪر ڊِلو تو جو پاتو پرين،
مونکي صدين کان ماندو ٿڪل ٿو لڳين.

چندُ توکي ڏسي ڪيئن نہ شرمائجي،
راءِ ڏياچ جهڙو قتل ٿو لڳين.

پنهنجي هٿ جي لڪيرن ۾ توکي پَسي،
هاءِ قبضي ۾ جڻ ڪو رمل ٿو لڳين.

ڇو ٿو مونکي ڇوين تون نہ مدهوش ٿي،
اڄ تہ تون پيي پگهر ۾ ٻُڏل ٿو لڳين.

ايترو پيي نہ وَڃُ منهنجا ماهہ لقا!
ڇو تہ ’زخميءَ‘ جي لئہ اڄ اجل ٿو لڳين.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُئي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

وفا ڪي جفا جو ازالو نہ ڏي.
اجايو سجايو حوالو نہ ڏي.

نہ ڪر وقت! جاڙون اسان جي هٿن ۾،
قلم جي تون عيوض ريوالو نہ ڏي.

ڪري مئہ نہ مدهوش مئخوار ڪي جا،
انهيءَ پري ڪو پيالو نہ ڏي.

آهي ياد مونکي پٽائي سمورو،
اجايو ٻئي ڪنهن جو رسالو نہ ڏي.

اڳي جا ڏنل گهاوَ مس مس ڇُٽا هِن،
زخم تون وري ڪو نرالو نہ ڏي.

ڏکيو وقت سِرَ تي اچي ويو تہ ڇا ٿيو؟
ڪري هيردل نيڻ آلو نہ ڏي.

حياتي محبت جو نالو آ ’زخمي‘،
اُٽي پيار گهر ڪي تون تالو نہ ڏي.


www.sindhsalamat.com

توکي هو پرچايو ڪيڏو.
پوءِ پيي تي تڙپايو ڪيڏو.

وقت ڏئي جو دَرُ به نه کوليئه،
بيٺي دَرُ ڪڙڪايو ڪيڏو.

غير جي چئي تي پيار پرينءَ جو،
ضايع تيو سرمايو ڪيڏو.

ياد اتئي جو ڏار تيو هُئين،
ڪوئل هو ڪُرلايو ڪيڏو.

هڪ ڏينهن توکي ٻار جيان ڪيئن،
سهڻا هو سمجهايو ڪيڏو.

راڻو جڏهين ڏاگهه چڙهيو هو،
مومل هو پڇتايو ڪيڏو.

مُئي ڪانپوءِ تو 'زخميءَ' کي چو،
روئندي هو سينگاريو ڪيڏو.





مهمانن جي ڳالهه نه ڪر.
نادانن جي ڳالهه نه ڪر.

تنهنجا قرب ڪروڙين مونتي،
احسانن جي ڳالهه نه ڪر.

پيار جي ٻولي سمجهڻ ڄاڻان،
دهمانن جي ڳالهه نه ڪر.

گهر جي پرسان مسجد بهتر،
آذانن جي ڳالهه نه ڪر.

ڌرتيءَ سرتيءَ لئه آ جيون،
زندانن جي ڳالهه نه ڪر.

رهجي ويا هن جيڪي 'زخمي'،
ارمانن جي ڳالهه نه ڪر.

ٻيڙي ٻُڏندي مائل ٿي پيو.
پوءِ پيءِ دشمن ساحل ٿي پيو.

ڪالهه اُڏارو ڪين ڏنو جنهن،
سو اڄ دَرَ تي سائل ٿي پيو.

جاهل تي الزام ڏيئون ڇا،
پڙهيل ڳڙهيل پيءِ جاهل ٿي پيو.

ڪالهه هنيون ٿي جنهن ٻه هنبوڇيون،
سوئي آهي ٻُزدل ٿي پيو.

جنهن کي نفرت ڪلهه هئي مونکان،
سوئي منهنجو قائل ٿي پيو.

جنهن کي جيون ارپيو هو مُون،
سوئي منهنجو قاتل ٿي پيو.

’زخمي‘ ديد دونالين سان اڄ،
تنهنجي گهُور جو گهايل ٿي پيو.



www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مٽي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

محبتون ڪاڏي ويون؟
چاهتون ڪاڏي ويون؟

گڏ رهڻ واريون سچڻ،
ساعتون ڪاڏي ويون؟

رسڻ ۽ پرچڻ سنديون،
عادتون ڪاڏي ويون؟

نينهن وارن جون اُهي،
نوڙتون ڪاڏي ويون؟

دُوريون اڄ ويون وڌي،
قربتون ڪاڏي ويون؟

پاڄهه ڪنهن ۾ ڪانه آ،
شفقتون ڪاڏي ويون؟

يا خدا، تُنهنجون پلا،
رحمتون ڪاڏي ويون؟

روح ٿو راڙيون ڪري،
راحتون ڪاڏي ويون؟

زخمي‘ دل جون دوستو!
حسرتون ڪاڏي ويون؟



www.sindhsalamat.com

اقرار بہ توئي ڪيو.
انڪار بہ توئي ڪيو.

الزام ڏئي ڪُوڙا،
آ، ڏار بہ توئي ڪيو.

محبوب! محبت جو،
اظهار بہ توئي ڪيو.

مان راز لِڪايو پر،
نروار بہ توئي ڪيو.

آ مونکي ڪُهڻ خاطر،
سينگار بہ توئي ڪيو.

برباد سڄڻ منهنجو،
سنسار بہ توئي ڪيو.

آ پيار ڪري مونسان،
تڪرار بہ توئي ڪيو.

’زخميءَ‘ کي ڏئي صدما،
بيمار بہ توئي ڪيو.





تو ڪري مون کي جُدا ماري ڇڏيو.
دل ڪسي چاٽي خُدا ماري ڇڏيو.

مون ڪئي توسان وفا منهنجا صنم،
تو ڏئي مون کي دغا ماري ڇڏيو.

در پنڻ آيس حُسن جو خيرُ مان،
تنهنجي دڙڪن جي سخا ماري ڇڏيو.

لوڪ ساري جو ستم سَهندو رهيس،
پر متا تنهنجي سزا ماري ڇڏيو.

تو رقيبن سان گهمي ”زخمي“ ڪيو،
تنهنجي ئي دارون دوا ماري ڇڏيو.

ڳالهہ ٻُڌائي ڳامون سچي.
توکي حيرت ڇو ٿي اچي.

سوچيو ٿئي تو سنڌ ۾ چالئہ،
روز نئون ٿو ممڻ مچي.

ڇئني پاسي باهہ وڪوڙيو،
ڄڄ پرائي احمق نچي.

رانديڪن سان ڪيڏي پوءِ ڇئہ،
لولو پڇي ٻيو پيي اچي.

پَڪ پَڪي ۾ ڪين رهي آ،
مارڻ مال سنباهيا ڪچي.

نانگ تريءَ تي پاليو ڇو ٿا،
ڏنگ انهيءَ ڪان ڪوڪو ٻچي.

ڪيئن ڪندين خاموش اسان کي،
ڳالهہ ٻُڌي آ ٻچي ٻچي.

سنڌ سڄي ٿي بوسنيا وئي آ،
جيون ’زخمي‘ پيو آ ڏچي.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

اقرار بہ ماري ٿو.
انڪار بہ ماري ٿو.

ٿو آئون لڪان سچ جي،
پوتار بہ ماري ٿو.

جيئان ٿو سهي غم پر،
آزار بہ ماري ٿو.

آ هُوءَ سُندر، هُن جو،
سينگار بہ ماري ٿو.

ڏاريا تہ رهيا ڏاريا،
پر يار بہ ماري ٿو.


www.sindhsalamat.com

مان جي ڪاري آهيان، پوءِ ڀلي مار تون.
پر ڀلاندن تي غيرت نہ واپار تون!

تنهنجي آهيان وَني مون کي چئہ نہ ڪِني،
پنهنجي ننگن کي ناحق نہ ڪر خوار تون!

ڪيترا ئي دفعا 'ڪارو' ٿيل آهين تون،
پوءِ ڪيئن ٿو ڪرين مون کي سنگسار تون!

مَردُ، عورت، ٻہ گاڏيءَ جا ڦيٿا آهن،
ورنہ جيون سفر ۾ آهين بار تون!

هڪڙي غيرت جي خاطر وئين جيل ۾،
ڪيئن غيرت جي لهندين پُٺيان سار تون!

مرد شادي شده ٿا سُريتيون رکن،
عورتن جي پسند کي بہ ويچار تون!

شعرُ 'زخمي چانڊئي' جو ٻُڌي ڪنهن چيو،
عورتن کي بہ ڀائو ڪيو پارتون.






پيار اسان پنهنجايو آهي.
باقي سڀ اجايو آهي.

منهنجو ڪهڙو حال پُڇو ٿا،
دل جو درد پِرايو آهي.

رمتي ڪي روڪي: تو زمانا!
پنهنجو فرض نڀايو آهي.

جنت جهڙو ديس اسانجو،
سيني جو سرمايو آهي.

آزاديءَ جي جنگ جياپو،
هر ڪنهن کي سمجهايو آهي.

هُو اسان کان نگاهَہ روڪن ٿا.
ايئن لڳي ٿو تہ ساهَہ روڪن ٿا.

هُونئن اسان روز اچڻ وارا هُون،
سخت جُملا بہ راهَہ روڪن ٿا.

عمر ڀر ڪيتري تلاش رهي،
چاهہ جهڙا بہ چاهَہ روڪن ٿا.

اڄ تہ رستي ۾ ٿڪي پيا آهيون،
ءِ هي رستا پناهَہ روڪن ٿا.

عمر ڀر جن سان پئي نڀايو آ،
اڄ وري سي گُناهَہ روڪن ٿا.





ٿوري همت ڌار تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.
هاڻُ نہ پنهنجو هارِ تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

لوڀي جاتي رهندا، اُتڙي نوڳي جام اچن،
پنهنجو پاڻ سُڌارِ تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“ ڀيهر چئہ،
هوشو ٿي ڏيڪارِ تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

پنهنجو سِرُ تہ وڃي پر سنڌ جي ميري سينڌ نہ ٿئي،
دودا کڻ هٿيار تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

سُرخ گلابن سان سڀ پنهنجا کيت سجائي ڇڏ،
آزادي اظهار تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

پٽ ڌٽيءَ جي هر آيت جو رُوح تہ سمجهہ کٽي،
سُورهيہ ٿي ڏيڪار تہ دشمن ڀڳاتي ڀَرِ ڪِرندا.

محبت ڪر پر مستيءَ سان.
جنت جهڙي ڌرتيءَ سان.

کهڙا ليکا ٿو سارين؟
ڌرتي جهڙي سرتيءَ سان.

جو ڪرڻو سو اڄ ئي ڪر،
ڇا ورڻو آ ڳڻتيءَ سان.

توسان فطرت گڏ ڳائي،
اهڙو ڳائج ٻنسيءَ سان.

انسانن کي او انسان!
مار نہ تون بيدرديءَ سان.

تنهنجو ساٿ ازل جو آ،
’زخمي‘ زخمي زخميءَ سان.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانڀوءِ: زخمي چانڊيو

يادگيريون نہ ٿيون ڌار ٿين.
شل ائين پنهنجا دلدار ٿين.

ڪيستائين اکين ٻوڙ ڪئي،
من ڪٿان خواب نروار ٿين.

اڄ ڏکين چونہ ٿي ڇِلولي!
ڇالئہ بدنام سينگار ٿين.

ڇئن اکڙين جو هڪ حادثو،
حادثا اهڙا ٻيهار ٿين.

حيرتن کي بہ حيرت هجي،
يار ڀي جيڪڏهن يار ٿين.

سپ اکين تي رکي ٿا گهمن،
بارُ ڪنهن تي نٿا پيار ٿين.


www.sindhsalamat.com

مان ڇڏيان پنهنجا يار پرچائي.
پل نہ ڪو منهنجا پيار پرپائي.

هي خزائون بہ دور ٿي ويندیون،
پيار ويندو بهار پرچائي.

هوءَ مصور جي تخيل جهڙي،
ڪيرُ هُن تان نهار ڦيرائي.

ٿيءُ پڃري جي قيد کان ٻاهر،
وَٽُ پرندا، اُڏار پرچائي.

وقت جي بي رحم روش گهايو،
سنڌ جو درد ڏار تڙپائي.

آئون منصور جو جنم آهيان،
ڪيرُ آهي جو، دار تي چاڙهي.


www.sindhsalamat.com



محبوب محبت کان وڌيرا نہ گذاريو.
ڪجھ خيال ڪيو، خيال ڪيو، ساھ سنواريو.

مغرور نہ ٿيو سُونهن تي ايڏو تہ اوهان پِي،
اڄ حُسن جي عاشق ڪي ذرا جهلڪ پَسايو.

هر وار ڏئي زخم خوشيون کوڙ ڪيو ٿا،
ڪجھ درد ڀري دل ڪي گهڙيءَ لاءِ ڪِلايو.

ڇو انتظار منجھ صليبن تي ٽنگيو ٿا،
ڪجھ مُرڪ ڀري نظر ڪٽي هاڻِ نهاريو.


www.sindhsalamat.com

زندگي موڪلائي وڃڻ ڏي.
موت جي مهرباني مڃڻ ڏي.

آخري هيءَ منزل نہ آهي،
مون کي ٻيهر ورڻ لئہ مرڻ ڏي.

تولئہ ميڙي رکيون روشنيون هِن،
مون کي صدين ۾ آلاپجڻ ڏي.

هيءَ ترتيب اتهاس جي آ،
منهنجي ايندڙ نسل کي پڙهڻ ڏي.

زندگي تون صحتمند ٿيندينءَ،
هڪڙي 'زخميءَ' کي قربان ٿيڻ ڏي.





خبر ناهي سانوڻ اچي ڪو وري پيي.
مزو ماڻيو هاڻي اي لوڪو وري پيي.

خبر ناهي ڪُلندو اسان لاءِ هاڻي،
اسان جي پريںءَ جو جهروڪو وري پيي.

اڙي وقت! اڪڙيون ڪلپنا گُهرن ٿيون،
هي آزاد سنڌو ڪلهوڪو وري پيي.

*"اياز" آيو آهي "ڀٽائيءَ" سان گڏجي،
ڏنو آهي "استاد" هوڪو وري پيي.

خبر ناهي پنهنجا پراوا بہ ٿيندا،
اڙي 'زخمي' ڪاڏءِ هي ڏوڪو وري پيي.

-*سنڌي ادب جا ٽي عظيم شاعر: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز ۽ استاد بخاري

اڄ چير ڪي چمڪاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.
محفل ڪي بہ مهڪاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.

نظرن مان پري جام اسان ڪي بہ پيئاريو،
مستن ڪي بہ پنهنجاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.

هِن حُسن هزارن ڪي ڪُٺو آهي الئہ ڇو؟
هيءَ ڳالهہ بہ سمجهاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.

اڄ ڪائنات تنهنجي اکين منجهہ لٿي آ،
اکڙين ۾ ڏينم جاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.

’زخميءَ‘ جي حسرتن ۾ رڳو صحرا سمايل،
درياءَ جهڙو ڳاءِ تہ ڪا رات ڪُٽي پئي.


www.sindhsalamat.com



مون ڪي قابو هو جذبات تي.
صبح چغلي هنئي رات تي.

جهوپڙيءَ جا تصور هئا،
نظر تِرڪي وئي محلات تي.

تنهنجا سپنا بہ سُواري ڪندا،
منهنجي نيڻن جي برسات تي.

هِن اڪيلائي ڪاڏو رحم،
منهنجي دلچسپ حالات تي.

سَچُ مونڪان لِڪائيندي پئي،
ڀروسو آهہ بس ڏات تي.

گوڙ ڪان ڏور ’زخمي‘ رهيو،
ايئن ٿوڪُون نہ ڪر سانت تي.


www.sindhsalamat.com

راهبر جي رهبريءَ تي سوچيون.
راهزن جي رهزنيءَ تي سوچيون.

پنهنجو نعرو عالمي انسانيت،
آءُ گڏجي پرٿويءَ تي سوچيون.

هر ڪوئي رشتو اڏي ديوار ٿو،
پائرن جي سرڪشيءَ تي سوچيون.

ديس جا حالات ڪهڙي موڙ تي،
ديس وارن جي خوشيءَ تي سوچيون.

رات ڪاريءَ ۾ ڏياتيون ٿيون جلن،
ڏينهن جي انڌيرگيءَ تي سوچيون.

سُرت ۾ ساڃاهه بخشي ڪيرُ ٿو،
شاعرن تي، شاعريءَ تي سوچيون.





اوءِ دل! پنهنجي سڪيءَ تي سوچيون.
چيرِ، چُوڙين ۾ سڳيءَ تي سوچيون.

هر سَمي، راههِ جفا تي ڊوڙ ڊُڪ،
دوستن جي دوستيءَ تي سوچيون.

سُونهن کي گهرجي نٿي ڪائي سَنوار،
سُونهن جي اڄ سادگيءَ تي سوچيون.

دلبري تنقيد ڪان بالا مگر،
پاڻ پنهنجي عاشقيءَ تي سوچيون.

نفرتن جي موت ڪان پهريان هلي،
محبتن جي زندگيءَ تي سوچيون.

سانوري آهي ڪيو اڄ الوداع،
آخري هُن جي چِٽيءَ تي سوچيون.

ڪالھ تنھنجا ئي نشانا ٿياسين.
اڄ تہ بدنامِ زمانا ٿياسين.

ڪيڏو قدرت ڪان آھي شرف مليو،
تنھنجي شھرت جا بھانا ٿياسين.

پنھنجي منزل ڪي ڇڏي آھي ڏنو،
تنھنجي منزل ڏي روانا ٿياسين.
\
تو جُدائيءَ ڏي ڇڏيو اڇلائي،
پوءِ ڪيڏا نہ بيگانا ٿياسين.

پاڻ ڪي پاڻ سڃاتو ناھي،
پيار تنھنجي جا خزانا ٿياسين.

ھاڻي "زخمي" ڪيئہ ڪسي يادون،
تون ڇا ڄاڻين تہ ڇا نہ ڇا ٿياسين.





## "ٻُڏي مَرُ"

اگر تون ڪمائي جي ڪائي سگھين ٿو!
تہ در در تي پٽڪِي پنڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
ٻُڌو ٿم تہ نياڻيون قرآنن مثل ھِن،
انھن جي لڄالُٽ ڪرڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
اگر تو ۾ ھمت آ اڳتي وڌڻ جي،
ويھي ساھہَ ٿڏڙا ڀرڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
خدا ڪي جي ھر شيءِ تي قادر ٿو سمجھين،
تہ پوءِ ڪنھن بہ ٻئي جي ڏڄڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
مصيبت ۾ ڪنھن ڪي ڏسي پوءِ ان جي،
مَٿا واڇَ ٽيڙي ڪِلڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
ذرو ڀي جي غيرت آھي يار توکي،
تہ پوءِ ڪنھن جي ننگ ڏي ڏسڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
ڏِڳين جيان وڪرو ڪري نياڻيون ڏائڻ!
يا تن کي ويھاري ڇڏڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
رقيبن ڪي مُنھن ڏي تون ميدان ۾ ئي،
ائين ڏئي پُٺي تون ڀڄڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
غريبن يتيمن جون چوريون ڪري تون،
انھن ڪان پو ڀُونگو گُھرڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
ڄَٽي ڏيھہُ توکي آھي جَن ڏيڪاريو،
اُنھن ڪان جُدا ٿي رھڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
آھي وياج، رُشوت تي جن جو گُذارو،
انھن سان تون ڪائڻ پيئڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.
سڏي ڪنھن ڪي سنگتي، رکي بُغض دل ۾،
ائين پيرَ ڪنھن جا ڪڍڻ ڪان ٻُڏي مَرُ.

نٿي جذبو ليڊر جي خدمت ڪرڻ جو،
تہ پوءِ ووٽ ٻيهر گهرڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
چوي جيڪو سَچُ توکي ٺهڪائي مُنهن تي،
چِڙي تنهن تي ڪِياڙي ڪَنَهڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
مصيبت ڪي مُنهن ڏي تون مردانگيءَ سان،
ايڏو سُست پي اڄ ٿيڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
ڌرمَ دينَ جي تون وٺي آڙَ احمق!
ٻِگَلا ڀائرن جا ڪَٽڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
مڃان ٿو تہ مُنهن ۾ مسلمان آهين،
مگر تورَ اگهہ ۾ هَٽڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
ڪري خوب موالي نشا ۽ پَتا تون،
امڙ، زالَ ڪي ايئن چَوڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
وٺي رُوپُ ٻيهر مدد خان وارو،
تون پنهنجن جو ويرِي ٿيڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
ڏِني پُٽ چُٽي تي ٿو ٿاٽو هَلائين،
غريبن ڪي گِهلي ٻَڌڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
دوائون بہ سرڪاري وڪرو ڪيون تو،
رُڳو نبض سَڪٽي ڏسڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
خبر آ سڄي ٺيڪَ يونين جي توکي،
مگر ڊينگو ڊيري ڪرڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
سڄي ٿر جي امداد لوپي ڳِهي وئين،
رُڳو سارَ رسمي لهڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
ٿي ڪُڪڙن ۽ ڏاندن جو شوقين ٻل پر،
انهن تي تون شرطون رکڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
عُشر ۽ زڪواتن جا پئسا وٺي پوءِ،
انڌن ۽ منڊن کي نہ ڏيڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.
ڪري چاٽي واٽي اسان کي تون ’زخمي‘،
پُڇين ٿو تہ خوش آن، پُڇڻ ڪان ٻُڌي مَرُ.






## ”سات“

مان نينهُن نڀائڻ چاهيان ٿو.
جي تنهنجو سات هُجي.
مان قوم بچائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان سنڌو وَهائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان ديمون ڊاهڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان ڏاريا ڏڪارڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان پانڌ بہ پاڙڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان جيل ڀَڃائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان ڪوٽ ڪيرائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.
مان محل ملهائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو سات هُجي.

مان ڳوٺَ ڀَڏائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان امن ڪرائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان سنڌي گَڏائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان نياڻيون پَڙهائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان ٻارَ کِلائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان مُرڪون ورهائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان بُک ڀڄائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
ءِ انُ اُپائڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان قوم جيئارڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.
مان سنڌ سنوارڻ چاهيان ٿو،
جي تنهنجو ساٿ هُجي.





## ”کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا“

کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!
کھڙو تنهنجو مانُ وڏيرا!

هارين کي ٿو هيٺو سمجهين، پاڻ کي پاڻ ٿو ڀيٽو سمجهين،
ڪُک ۾ لڱندءِ ڪانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

هاري ناري ڏاتا ڪٽندا، تُنهنجي سِرَ کي نيٺ تہ لُٽندا،
لهندو پوءِ ارمانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ووٽ وٺڻ لئہ واڇُون ٽيڙي، تَرَ سڄي جا ماڻهو ميڙي،
ٿيندو آن مهمان وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

تنهنجي غيرت آهہ مَري وئي، وينل نياڻي ڪالهہ ڀڄي وئي،
ڇا جو آهين خانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

تون تہ شرابي آهين زاني، چورن جي پڻ آهين ناني،
آهين ڪو شيطانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

هاريءَ جو آنُ سڀ ڪٽي وئين، ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙ هٽي وئين،
ناهين ڪو انسانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

تُنهنجي ٿاڻيدار سان ياري، ڀَوَ ڪان ڪرائين آڙو هاري،
سؤ ڏهہ ۾ چالانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ڪُوڙا ڪاتا پي تهرائي، مسڪينن جا گهر ڍهرائي،
ڳوٺ ڪيئہ ويرانُ وڏيرا، کھڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ڏينهن ڏٺي منشيات هلائي، اغوا، ڦُر ڀي جاءِ ڪرائي،
قومَ جو ڪيئہ نقصانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

مسڪينن جا ننگ ڀَڄائين، ٿاڻي تي ٿو ويمَ ڪرائين،
بيشڪ آن بيمانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

رِڇَ ڪُتا ويڙهائڻ ڄاڻين، ڪُڪڙن ڪي ڦڙڪائڻ ڄاڻين،
ساسِين جو ڪر ڏيانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

خانگي جيل هَلائي ڏانئڻ، مارُو قيد ڪرائي ڏانئڻ،
ٿيندو آن مستانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ٿاڻي تي ڀَڏ چوڙ ڪرائي، عيش لئہ پئسا خوب ڪمائي،
آهين ڪندو احسانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ڏاڙيلن جو ساٿاري تون، آهين هَلائيندو پاٿاري تون،
ڀين تي چو بُهتانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

ايڪويهين صديءَ ۾ داخل ٿيون ٿا، پوءِ ڀي توڪي پيرين پَئون چا،
غارُ ڪندئي رحمانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

نيث ڀہ پاڻي توسان ٿيندا، ڏڪَ ڏولاوا جان ڇڏيندا،
ٿيندو ڪَڙو طوفانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!

’زخمي چانڊيو‘ نالو آهي، ڪُوڙ تہ ڪڏهن لِکندو ناهي،
چو ٿو ٿئين حيرانُ وڏيرا، ڪهڙو تنهنجو شانُ وڏيرا!







# ”ماريا ويون ٿا“

اسان راهہَ ويندي ماريا وجون ٿا.
مگر ڪانہ ڪنهن ڪان شڪايت ڪيون ٿا.

اسان هر جنم ۾ ڪئي ديش سيوا،
جِيون هوشو بڻجي اُميدن تي ارڏا،
اذيت جي پاڇي ۾ پلجون مَرون ٿا.

اسانجو بلاول، اسانجو پتائي،
اسانجو آ سرمد، اسانجو گدائي،
اُنهن وانگي ڌرتيءَ جو پيغام ڏيون ٿا.

اسان ڪي نہ گهرجي ملڪيت نہ ڪُرسي،
نہ ئي پاپ پوڄيون، جيُون ڪاڻِ ڌرتي،
چڱاين جي عيوض بُرايون پَسون ٿا.

اسان پيارُ آڇيو، اسان چاهُہ آڇيو،
اسان ديس خاطر ڪٽي ساهُہ آڇيو،
سرتيءَ جي سُک جو نہ ويساهُہ ٿيون ٿا.

اسان پاڳ لوڙهيو رُڳو بارشن ۾،
مُخالف عناصر رهيا سازشن ۾،
اسان دارَ مرڪي مُرڪي چُمون ٿا.

اسان پوءِ ڪنهن جو سهارو نہ هوندو،
ءِ رشتن جي ’زخمي‘ نہ ڪو سار لهندو،
اسان پنهنجا ٻچڙا ننڌڪا ڇڏيون ٿا.

## ”سنڌ گدڙن ڪاڏي ناهہ اچان“

سنڌ گدڙن ڪاڏي ناهہ اچان.
جو گيدي تنهنجي آڻ مڃان،
تنهن ڪان ماءُ ڪي مان ها ڪونہ ڄمان.

ڦاهيون بہ ڏٺيون ڦٽڪا بہ هٽيون،
۽ بجليءَ جا جهٽڪا بہ ڏٺيون،
جيلن ۾ هزارين ويلَ ڪرين،
ٿو سيڻ اسانجا نيل ڪرين،
تو پاڻيو آ تہ مجي وڃبو،
۽ هر هڪ عهد پَچي وڃبو،
تاريخ پڙهي تو ناهہ ڏٺي،
ڪئي جوڌن ڪاٿي جان مِٽي،
مخدوم بلال جو پوئلڳ هان،
جو پيڙهيو ويو ارغون هٿان.


www.sindhsalamat.com



تنهنجا رُعب ۽ تاب بہ ڄاڻان ٿو،
۽ سن جا خواب بہ ڄاڻان ٿو،
تون گِرنهہ غريبن ڪان ٿو ڦُرين،
ڪيئن نيِنهُن نصيبن ڪان ٿو ڦُرين،
تون سِنڌوءَ ڪي بہ سُڪائين ٿو،
۽ منهنجا موهَہ مُڪائين ٿو،
بندوق جي زورَ تي بيٺو آن،
مان ڪيئن ڊِڄان مان ڪيئن پَڃان،
مان قسم امڙ سان ڪيئن پَڃان.
۽ موٽي ڪهڙي مُنهن سان وَڃان.

تون رستن تي قبضا ٿو ڪرين،
مَنَ مَستن سان چرچا ٿو ڪرين،
بدمعاش سدائين بدمعاشي،
تون ذهن ضمير جو آن فاشي،
تون سنڌ جا حق ڦبائين ٿو،
۽ مسلم پاءُ سڏائين ٿو،
تون پاءُ تہ ناهين ويري آن،
اڪڙين ۾ ڪوسي ڪيري آن،
مان توسان گڏجي ڪيئن رهان،
توساڻ ٿهان بہ تہ ڪيئن ٿهان؟


www.sindhsalamat.com

ڪو دينُ نہ ٿي ايمانُ نہ ٿي،
اخلاق نہ ٿي ارڪانُ نہ ٿي،
انسان نہ ٿئين انسان نہ ٿي،
پر گهٽ ۾ گهٽ شيطانُ نہ ٿي،
انسان جو حق آزادي آ،
۽ حق ڦُرڻ بيدادي آ،
تون بُلهي شاهہ جو دشمن آن،
۽ نبي الله جو دشمن آن،
مان توکي مومن ڪيئن مڃان؟
لاهور ميان لاحول ميان!

تون چاهين ٿو مان ڪين ڪُڇان،
تون ظلمَ ڪرين مان ڪين لُڇان،
پر توکان هڪڙي ڳالهہ پُڇان،
مان ڪيئن لِڪايان دل جي بُڇان،
هِن سِرَ ۾ جيسين ساهہُ اٿم،
آزاديءَ تي ويساهہُ اٿم،
هڪ سن جو سيّد وارث آ،
پيو وارث پٽ جو شاهہُ اٿم،
ٿو جيئان ’زخمي‘ شينهن جيان.
ها جيسين سنڌ تي ساهہُ ڏيان.
سنڌ گڏڙن ڪاڏي ناهہ اچان.
سنڌ گڏڙن ڪاڏي ناهہ اچان.


www.sindhsalamat.com



## ”فيل“

پائي پاڪر تو جڏهن پالو هنيو،
دوستيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

تُڪ بنديءَ کي شاعري ٿو چئين تہ پوءِ،
شاعريءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

چنڊَ! چوڏهينءَ رات جو جُهڙ ۾ لِڪي،
روشنيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

ٻارهوئي تنهنجو ٻُڏل ڪنڊ جو جهاز،
کِل خوشيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

ٿوري پيئڻ سان ڇڏائي ويئہ شناس،
مئڪشيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

مطلبي انسان لالچ جي ڪري،
عاشقيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!


www.sindhsalamat.com

جي نٿو تعليم ڏين يونين ڪري،
ماستريءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

ڏاڍ مُڙسي پائرن سان ٿو ڪرين،
سرڪشيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

آ دوا هوتي جڏهن مسڪين مُئو،
ڊاڪتريءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

دلبري دلجاءِ ڪان خالي ڪيئہ،
دل لڳيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

تو جڏهن واهيات ڳائي شاعري،
گائڪيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

سجدي ۾ توکي جڏهن پيا وسوسا،
بندگيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!

هونئن تہ آن فنڪارُ ’زخمي‘ تون مگر،
زندگيءَ جي پرچي ۾ ٿي فيل پئين!



www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

## ”ڊيم نہ گهرجي“

ڪو ڊيم نہ گهرجي،
ڪو ڊيم نہ گهرجي.

اهو ڊيم سنڌوءَ کي سُڪائيندو.
۽ سنڌ جي سِينڌ اُجاڙيندو.
هُو ڊيم اَڏائڻ چاهي ٿو،
۽ سنڌ سُڪائڻ چاهي ٿو،
هُو پاءُ وڏو بہ سَڏائي ٿو،
۽ زوري حق گهٻائي ٿو،
اهڙي پاءُ وڏي تي لعنت آ،
جنهن پاءُ تي آندي شامت آ،
پلي ايمرجنسي هڻرايو،
۽ انساني حق لٽرايو،
گولين سان سنڌين کي مارايو،
يا ڪُتر مشين ۾ ڏيارايو.
پر ڊيم نہ گهرجي.

تن صوبن جنهن کي رد ڪيو،
هُن پوءِ بہ آهي ضد ڪيو،
چي ٿو: بجليءَ جو بحران آهي،
ڏِسو ڪيڏو تہ هُو دِگران آهي،
تِي.ويءَ تي راڳ ٿو آلاپي،
نہ ئي ڪُوڙ منجهاران ٿو ڊاپي،
توسان پاڻيءَ جي لئہ پاڻي ڪبو،



www.sindhsalamat.com

ان ڏيم تي قائم مياڻي ڪبو،
پل سُورهيہ سُوليءَ چاڙهيو،
يا لاش ڳجهن کي ڪارايو.
پر ڏيم نہ گهرجي.

ڪالاڏيم جو جيڪو حامي آ،
غدار وڏو ۽ حرامي آ،
رنجيت جو پُٽ ٿو ظلم ڪري،
ون يُونٽ جهڙو ٿو خُلم ڪري،
لڪين سنڌي سروس مان لاهي،
پنجاب کي ڏِسُ ڪئن ٿو ناهي،
بجليءَ جون شاڪون ڏيارايو،
ڪل اُبتي توڙي لهرايو،
ڪٽي گهاٽي وجهي سنڌي پِيڙايو.
پر ڏيم نہ گهرجي.

تنهنجي ڳٽپ شماري دوڪو آ،
هٿ ٺوڪيا نتيجا رونشو آ،
تون بم هٽائي ڪيو داٻو،
ڏَس ڪاڏي ويو تنهنجو ضياءَ بابو،
تون تنگ ڪندين توسان جنگ ڪبي،
ڳالهہ مرڻ مارڻ تي دنگ ڪبي،
سنڌي ٻار يتيم ڪرائيندا،
۽ بيوهہ زالون ڀٽائيندا،
سِرَ سنگينن تي ٽنگرايو،
۽ ڏيم سينن تي ٺهرايو!
پر ڏيم نہ گهرجي.






سنڌ شاهہ لطيف، قلندر جي،
۽ دولهہ، دودي، حيدر جي،
سنڌ سچل، قيوم ۽ ساميءَ جي،
بيدل ۽ بيڪس، حاميءَ جي،
سنڌ شاهہ عنايت، راشد جي،
جي.ايم، بلاول، سرمد جي،
سنڌ سرڪش، تاجل، نياز جي آ،
قادر ۽ بشير، اياز جي آ،
سنڌ قمر ۽ تاج، پليجي جي،
آريسر، ادل، جوڻيجي جي،
سنڌ باغي، جُمن، تنوير جي آ،
علي بابا، سچڻ، شمشير جي آ،
سنڌ جوهر، زاهد، ارڏي جي،
نبي بخش، نصير ۽ بردي جي،
سنڌ مگسي، هارون، مجيديءَ جي،
ڪُولهي، ڪنور، حفيظ قريشيءَ جي،
سنڌ مُونڊر ۽ مختيار جي آ،
ڪوثر ۽ زميني، غفار جي آ،
سنڌ ظفر ۽ گل، امانَ جي آ،
هوشو شيديءَ جي اعلان جي آ،
سنڌ آهي راجا ڏاهر جي،
ٽوڙهي وارن جي، بختاور جي،
سنڌ سوڍي، نجم، بخاريءَ جي،
سنڌ جويي، يوسف لغاريءَ جي،
هت هرهڪ هوشو ۽ هيمون،
تون ڪيئن ڀٽائيندين ڏيمون؟
هيءُ ’زخمي چانڊيو‘ مارايو،
۽ گهر گهر ٻاهيون ٻارايو.
پر ڏيم نہ گهرجي.

## ”تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين!!“

ڳولي ڏيو مون کي ڳولي ڏيو،
منهنجي سنڌ جو امن مونکي ڳولي ڏيو،
اهو راز سچو مون کي کولي ڏيو.

سنڌ امن جو آ گهوارو رهي،
ڏسو صدين جي تاريخ پڙهي،
سنڌي ڪيڏا مُڙس مٿير آهن،
ڪندا پاند وٺڻ ۾ دير ناهن،
انگريز، عرب، ارغون ڏِٺوَ،
ترخان، مدد، مدفون ڏِٺوَ،
ءِ سندن پونيئر ملعون ڏِٺوَ،
هُو شريف جو پُٽ نہ شريف آهي،
ٿيو ماروئڙن جو حريف آهي،
ڪيئن بجليءَ بِلَ جي آڙ وٺي،
ٿا فوجي پون گهر منجهہ گِهڙِي!

سنڌ دِينُ بہ آ، ايمانُ بہ آ،
سنڌ عشق سندو عنوان بہ آ،
سنڌ مياڻيءَ جو ميدانُ بہ آ،
سنڌ آزاديءَ اعلان بہ آ،
ڪيئن سنڌوءَ جو رُخ موڙيندين؟






ڪيئن پُختا رشتا ٽوڙيندين؟
تون ڪهڙا ڪنڌ مروڙيندين؟
پر نيٺ بشير جي لوڙيندين!

ڪيڏي سنڌ ۾ بُک بدحالي آ،
اڇي دؤر ويو هي دجالي آ،
ٻن ويلن لئہ ٿا ماڻهو مرن،
مٿان ايف.آءِ.آر بہ تن تي ڪَٽن،
آپگهات جو سلسلو جاري آ،
وڏي ويل ۾ پورهيت هاري آ،
ڏِسو اسيمبليءَ ۾ ”گوگو“ آ،
لڳي نعرن جي پئي ”نو نو“ آ،
هن جابر جي قانون مٿان،
هر ناحق واري نُون مٿان،
لک وار چئو سي لعنت آ،
جنهن سنڌ تي آندي شامت آ.

هر فوجي بِل کي فيل ڪبو،
هر بودَ جي بِل کي فيل ڪبو،
تون بم هٽائي ڪيو داٻو،
ڏَس ڪاڏي ويو تنهنجو ضياءَ بابو،
تون تنگ ڪندين توسان جنگ ڪبي،
ڳالهہ مرڻ مارڻ تي دنگ ڪبي،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين؟
ءِ ديس ڏٺي روپوش ڪندين،
هر ماڻهو قيوم، بشير اٿئي،
هر ماڻهو ظهور نذير اٿئي.

# ”ايڪويهين صدي“

پُڇين ٿو پيو گڙ ٻڙ هي ڇالئہ وَڏي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

مِٽن مائٽن مان بہ محبت هلي وئي،
ننڍائي وڏائيءَ جي نوڙت هلي وئي،
سِڪن ڇَئن خاطر ڇو غيرت هلي وئي؟
اها يار دولت، اصل ڪان انڌي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

وَڏي خُون، اغوا ۽ ڌاڙا ويا هِن،
ٿي بيزار هڪٻئي ڪان پاڙا ويا هِن،
فحاشيءَ ڏي ڪيڏا ٿي لاڙا ويا هِن،
سَڏيل رات سينڌي صبح جو ادي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

ڪيئي ماڻهو حق پنهنجا گُهرندا رهن ٿا،
ڪٽي ڊگريون رُلندا ۽ ڦرندا رهن ٿا،
الئہ ڇا ٿي پيائر بہ پُلندا رهن ٿا،
رُشوت جي بازر اصل ڪان انڌي آ،
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.


www.sindhsalamat.com



دغاباز پِيرن جي پِيرِي کُلِي پئي،
وڏيرن جي پائو اميري کُلي پئي،
فقيرن جي ڦند جي فقيري کُلي پئي،
ڏسيان ڳالهہ تن جي تہ کهڙي گندي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

غريبن ۽ هيٺن جو کهڙو گُذر آ،
رهڻ لاءِ ڪان ڪکن جو ڇپر آ،
سُڪا پورَ ماني ۽ ساڳيو بصر آ،
اهو جوڳ آهي، نہ ڪئي جو ٻَڌي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

پوليس بہ پائو ڪيو ويل آهي،
غريبن کي ناحق ڪيو جيل آهي،
فريادي‌ءَ کي ڦيري وِڌو نيلُ آهي،
رُشوت بہ نانگن مان نوڙي ڪندي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.

گهمي سنڌ ’زخمي‘ مون ساري ڏٺي آ،
اڄوڪن مون يارن جي ياري ڏٺي آ،
نوي سيکڙو مون غداري ڏٺي آ،
ڇڱائيءَ جي بدلي ۾ ملندي بَدي آ.
ڇو سمجهين نٿو ايڪويهين صدي آ.


www.sindhsalamat.com

# ”منٿلي“

ڪٽي هيروئن واپار ڪيو،
يا ڏينهن ڏٺي ڦُرمار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
جوئا، پَنگ، چرس جو خيرُ آهي،
وجي خُوني ڪو تڪرار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
پڇو، رات ڪيٽيءَ تي ڇاپو اٿوَ،
وجي يارن کي هوشيار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
وڃو پنهنجي پرائي ويڙهي ۾،
چوري، اغوا جو آزار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
اهي چور ڇڏيو، هِن پاڳئي لئہ،
ڪيسُ تيرنهن ڊيءَ جو تيار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
ڪيئن ناحق ناري مارائي،
ڪارو ڳاڙهي کي پوتار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!
افسوس! امن ۽ چين تباهہ،
سڄي تر جو ٺاٽيدار ڪيو،
بس منٿليءَ جو اقرار ڪيو!






# ”ڏار ڪيو“

ڪچريءَ جي ڪوٺي ڪان،
هي مندر ڏار ڪيو،
ڏار ڪيو، ڏار ڪيو،
هيءُ مندر ڏار ڪيو!

ماريندا سين، ڪوڙ مُئاسين ماضيءَ ۾،
روئاريندا سين، ڪوڙ رُناسين ماضيءَ ۾،
نڪي مرٽو آ، نڪي رُئٽو آ،
هيءُ مندر ڏار ڪيو!

مُهين جي تهذيب بہ آهي خطري ۾،
سنڌوءَ جو سائو پيٽ بہ آهي خطري ۾،
موهن بہ بچي، سنڌو نہ سُڪي،
هيءُ مندر ڏار ڪيو!

او ٽوپيءَ وارا، پَٽڪي وارا گڏجي وڃو،
هيمونءَ جهڙا، هوشوءَ پارا گڏجي وڃو،
گڏجي بہ وڃو، جيئن ڏک نہ ڏسو،
هيءُ مندر ڏار ڪيو!

## ”يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي ؟“

گنجي گوڏ پاتل غريبن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟
لچالت جا واقعا وچن ٿا پيا وڌندا،
نوري، عابده جي نصيبن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟
ڏسيو هوشو، هيمون ۽ پونگر تي لکجي،
يا ڪُرسي جي بُکين وزيرن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟
سچي پونءِ پيلي ويا سامراجي،
اتر، لاڙ، ڪاچي ٿريچن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟
ڪُتا ڪالهه ڪونڊر ڪراچي ۾ ڏارين،
انهن بي سهارن صغيرن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟
ڏئي ريج رت جو ويا ڌرتيءَ کي جيڪي،
انهن ديس واسين شهيدن تي لکجي،
يا اي سيءَ ۾ ويٺل اميرن تي لکجي؟





## ”هاءِ زمانا.........!“

رسمي خوشين جا پوچاري!
تلخ حقيقت کان مُنهن موڙي
هٿرادو هن عيد خوشين جي
آشائن ۾
عيد کي سعيد جا نالا ڏيئي
مجروح دل کي ٿيڪ ڏيڻ لاءِ
گيت گلابي سرجيندو آن،
ويس نوان پهريندو آن،
ڪُوڙ ڪُپت کي دل ۾ سانڍي
سڪڻي عيد مبارڪ ڏيئي
ڏهه ڏهه پاڪُر پائيندو آن
ڏاڍو رُوح رنجائيندو آن،
ها پر، هاءِ زمانا تون پي
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
هُو جو هيڏو ڏوهه ڪري ٿو،
تاريخن سان ڌوهه ڪري ٿو،
پنهنجي ماتر پوميءَ تي ڏس،
ڏاريا لانگ بُوٽن سان ڪاهي،
ڪارا قانون هٿ جا ناهي
بيٺا آهن لاهي پاهي
سنڌ سڏي ٿي،
سَڏ ٻُڌين ٿو؟

پَڪ سان گُونگو ٻوڙو آهين،
ڏاڍو دل جو سوڙهو آهين،
هُو ڏِس مياڻي، ڪرڙي، ٽلٽي،
حيدرآباد، ڪراچيءَ جلدي
سرمد ۽ منصور پُڄي ويا
توکي ننڊ مان جاڳائن ٿا،
ڌرتيءَ جي لئه ٻاڏائن ٿا،
سنڌ وڃي ٿي، سنڌ بچايو!
سنڌ امڙ جي ٿڃ ملهايو!
جاڏي ڪاڏي روڄ ۽ راڙا،
پيارُ، امن ٿيو داڙا ڦاڙا،
نياڻين جا رانياٽ ٻُڌين ٿو؟
گولين جا گهوگهاٽ ٻُڌين ٿو؟
پوءِ پڻ تون خاموش رهين ٿو!
ها پر، هاءِ زمانا تون پڻ
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
ڪعبي ۾ جن گوليون هَلايون،
تنهنجون تن سان پوءِ ٻه پلايون،
پنهنجن دودن مارائڻ لئه،
خلجين ڪي ٿو گهر ۾ آڻين،
بي غيرت ٿو پر ۾ آڻين،
تنهنجو جي.ايم ڪي ڪنهن ماريو؟
پُٽي ڪي ڪنهن ڦاهيءَ چاڙهيو؟
ٿوڙهي سانحو ڪنهن هو ڪرايو؟
هُو ڏِسُ! مياڻي، ڪرڙي، ٽلٽي،
ٽامي وانگر وري تپي آ،
ڌاريا وحشي، فاشي ڪُتا،


www.sindhsalamat.com



سنڌ جا وسيلا نُوسي نُوسي،
شايد قابض ٿيڻ ٿا چاهن،
تنهنجي غيرت ڪاڏي وئي آ؟
تاريخن ۾ ڪين پڙهيو ٿئه!
”مَرسُون مَرسون سنڌ نه ڏيسُون“
هوشو شيديءَ وارو نعرو
ها پر، هاءِ زمانا تون پڻ
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
هُو جو سنڌ کسڻ ٿا چاهن
پنهنجا پيپ پرڻ ٿا چاهن
ڊرل مشين سان ماروماري
توکي لاش ڏيڻ ٿا چاهن
تنهنجي غيرت ڪاڏي وئي آ؟
آواندي تي ماٺهو مارن
پاند ٻه پنهنجا ڪين وسارن
سنڌ جو سڀ ڪجهه داءَ تي آهي
وقت ڏکيو اڄ ماءُ تي آهي
عدليه جا بُحران ڏٺئه ني!
ڇا ٿو سمجهين، ڇا ٿو سوچين؟
روز ٻِهاري سنڌ اڇن ٿا،
ڪُليا دهشتگرد گهمن ٿا،
سوين سنڌين جا وحشي قاتل،
پيرول تي آزاد ٿين ٿا،
خوشيءَ منجهاران خوب نچن ٿا،
نچي نچي پوءِ هيئن چون ٿا:
”وري ٻه قائد جي آرڊر تي
ساڳيا ساڳيا ڪم ڪنداسين“


www.sindhsalamat.com

ها پر، هاءِ زمانا تون ئي
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
جاڏي ڪاڏي رشوت خوري
اغوا، بيروزگاري، چوري،
ڌارين جي ڌس داداگيري،
پنهنجن جي ڍِس پيداگيري،
واهه مهانگائي تنهنجا جاوا،
سستو خُون مهانگا سودا،
غريب آهن ڏکن لئه چاوا،
جُوئا ۽ منشيات ڏِسين ٿو؟
ٿاڻن جا حالات ڏِسين ٿو؟
ذليل انسان ذات ڏسين ٿو؟
پوءِ ئي تون خاموش رهين ٿو!
ها پر، هاءِ زمانا تون ئي
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
بجليءَ جا هِن چور پنجابي،
پوءِ ئي ٿي شهزور پنجابي،
بجلي، فون جا بِلَ پُڇن ٿا،
ڌرتيءَ واسين ڏنڊ هڻن ٿا،
ورنه زوريءَ جيل وجهن ٿا،
ڪالاڊيم ٿا ناهڻ چاهن،
سنڌوءَ کي ٿا سُڪائڻ چاهن،
سنڌ بنجر ٿا ڪرائڻ چاهن،
ڳڻپ شماري ڪيئن قبوليئون؟
داداگيري ڪيئن قبوليئون؟
ماڻهو پنهنجو پاڻُ ٿا ساڙن،





۽ هُو ويٺا سنڌ اُجاڙن،
ڏينهن ڪلهوڪو آهي پيارا
ڌاڙيلن جا خان ڪچي ويو
منهنجو چڻ ايمان ڪچي ويو
ڀاءُ سان ڀاءُ ٻه ايئن ڪندو آ؟
عيد پچن سان ڪين ڪرڻ ڏي!
سُک ۾ سانگي ڪين ڏِسڻ ڏي!
اهڙي ڀاءُ تي لعنت آهي،
ها پر، هاءِ زمانا تون ئي
ڪيڏو پاپي ٿي ويو آهين،
ڪُوڙ جو ساٿي ٿي ويو آهين!
قلم ڏٽين ڪان لکرائين ٿو ”عيد قصيدا“،
”عيد حقيقي آهي اُن جي
جنهن سان گڏ گڏ دلبر هوندو
ديد سان ديد ملي ٿي جنهن جي
سوئي عيد ڪندو آ هتڙي“
ها پر هاءِ زمانا ٻُڌ تون!
عيد حقيقي اُن جي آهي
جيڪو امن جي لاءِ وڙهي ٿو،
جيڪو سنڌ جي لاءِ ڪڙهي ٿو،
جيڪو سچ جي لاءِ وڙهي ٿو،
جيڪو سُونهن جي لئه جهيڙي ٿو،
جيڪو حق جي لاءِ وڙهي ٿو،
غلام قومن جون ڪهڙيون عيدون؟
امن سوا هن ڪهڙيون عيدون؟

## ”وصيت“

پاپ نگر ۾
ارڏو ماڻهو
خون وِلوڙي،
نُور نچوڙي،
ڪن جُڳن کان ڪلڪُون پوڙي
لکندو آهي سُونهن ۽ سچ تي!
انسانيت جي آئيندي لئہ،
دين ڌرم کي ليڪا ڏيئي،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين
ٻج ڇٽي ٿو، محبت وارو!
ڌرتيءَ جي هن گولي تي جيئن
مارُو مُرڪي
سنڌ امڙ جي سينڌ سنوارن
اجرڪ ٽوپي پَٽڪا پائي
ڊيمون ڊاهي، سنڌ بچائن،
ها پر! پنهنجي نقشِ قدم تي
پنهنجا ٻچڙا تيار ڪري ٿو
پنهنجو مورچو تن کي ڏيئي
ڪن ۾ دل جون ڳالهيون تن سان
آزاديءَ ۽ موت جون ٻولي
چوندو آ او خالد، ساجد!
منهنجا پُٽ حلالي آهيو،
رکجو وصيت ياد سدائين
سنڌ سلامت رکڻي آهي
قوم سلامت رکڻي آهي.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مٽي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

## ”پاڳيو“

عيد جي ڏينهن وڏي تي ساجُهر
منهنجي در تي هڪڙو ماڻهو،
ڪپڙا ڦاٽل، پير اگهاڙا
گوڏ ٻَڌل، قرآن مٿي تي
پاڳيو هو ڪو، دانهن ڪيائين:
”ڏاند ويا ٿي چوري آهن
منهنجي ملڪيت، منهنجي مايا
ڏاندن جو ئي جوڙو آهي
جن سان ڌرتي کيڙيندو هان
جيون گاڏو گيڙيندو هان..“
ان جي گفتي کي ٽوڙيندي
قرآن مجيد وٺي مان هُن کان
چُمي ڏني ۽ سيني لاتو
ويهہ روپيا پوتيءَ جا ڏيئي

103


www.sindhsalamat.com

چيم: ”هي قرآن اٿن ڪيڏا!
جن اوهانجي عيد اُجاڙي
تن جي ڪيڏ آ ٻاهه اُماڙي
پڪ سان توکي ڏاند نہ لڀندا
چوتہ چورن کي شناس نہ آهي
چاچيءَ، ماميءَ توڙي ڀيڻ سڳيءَ
جي!
قرآن ڏسڻ سان چوندا آهن
پلا پلن ڏي ايندا آهن،
پا ڳيو ويو پر!
نيٺ خبر هيءَ شام جو پيئي،
قرآن واري جو پٽڪو لاهي
گارين سان گڏ
ڌمڪيون ڏيئي مارڻ جون
موٽايو هو چورن هُن کي
در پنهنجي تان، در پنهنجي تان.


www.sindhsalamat.com



# ”عيد مبارڪ“

عيد جي
ڏينهن وڏي تي سائين
عيد مِلڻ لئہ گڏ ٿيا آهيون،
ڀاڪر پائي هڪ ٻئي کي ٿا
عيد مبارڪ يار ڏيون،

پر
مان توکان عيد جي ڏڻ تي
پيارا هڪڙي ڳالهہ پُڇان ٿو،
مون کي ڀي تون پنهنجو سمجهي
مونسان هڪڙي ڳالهہ سچي ڪر:
”ڇا تون پنهنجي ڌرتيءَ تي
امن ۽ شانتي ساڻ
رهين ٿو؟
شهرن ۾ ڏِسُ روزانو ڪيئن
دهشتگرد ڪلهوڪا آيل
بارودن جي بُوءِ اُٿاري
خون وَهائي آدم جو ڪيئن
اڌ اڌ سنڌ ڪرڻ ٿا چاهن،
مسجدون، سُواريون
توڙي پريسُون
رت سان هن رنگين ڪيون ويون.“
پنهنجو سمجهي مون کي پيارا
هڪڙي مونسان ڳالهہ سچي ڪر:
”پنهنجن توکي
ڀاڪر پائي



www.sindhsalamat.com

ٻالا ڪُک ۾ ڪونہ هنيا هِن؟
ٻهراڙيءَ ۾ روزانو ڏِسُ
اغوا، ڦُر ۽ ڌاڙا آهن
گهر گهر روج ۽ راڙا آهن،
جهيڙا قبيلائي بہ وڏي ويا،
ذات پرستيءَ جي آڙاهہ ۾
گولين جو ٻَکُ ماڻهو ٿين ٿا،
ويڙهن جا ڏِسُ ويڙها ٿين ٿا،
هڪڙي گهر جا ٻاتي ٿين ٿا،
ڇا هي قومي وحدت جو
نقصان نہ پيو ٿئي؟“
ها پر!
مون کي پنهنجو سمجهي
هڪڙي مون سان ڳالهہ سچي ڪر:
جمهوريت جي آڙ ۾ توسان
ڪيڏا ڪيڏا ويل ٿيا هن
تنهنجي سنڌوءَ تي ٿا سائين
ڊيم اڏائڻ چاهن زوري
سا آ ڳالهہ اسان لئہ ڀوري،
پوءِ ٻِي ڊيم ٿا ناهڻ چاهن،
سنڌ بنجر ٿا ڪرائڻ چاهن.“
ها پر!
مون کي پنهنجو سمجهي
هڪڙي مون سان ڳالهہ سچي ڪر:
سنڌي ماڻهو قابل هوندي
بيروزگاريءَ ٻُک وگهي ٿا
فاقا ڪاٽن
ڪن تہ وچي





خودڪشيون ڪيون هن،
ڪي تہ وچي ڌاڙيل بڻيا هن،
لوئي لڄ بہ ثابت ناهي
پنهنجي پير، وڏيري ۽
پاپي پوليس جا تو ڪڏهن
ڪُڌا ڪرتوت ڏٺا هن
تن جي کهڙي
ڳالهہ ٻُڌايان!“
ها پر!
مون کي پنهنجو سمجهي
هڪڙي مون سان ڳالهہ سچي ڪر:
روزا نمازون
فرض الله ۽ پاڙي جا سڀ
پورا ڪيا ٿئي؟
انگ اُگهاڙن، مسڪينن کي
ڪار ايو ٿي ڪاڏو پيتو؟
پار ايو ٿي نئون ڪو جوڙو؟
منهنجون ڳالهيون
سڀ مٿيون جي سچيون آهن،
توکي پوءِ هي
واجب ناهي،
ويس نوان تون پائي پيارا
ڪائي ست رش طعام نيارا
منهن تي ماسڪ جون هي ڪوڙيون
مرڪون ميڙي، واڇون ٽيڙي
ٻانهون پڪيڙي
ڪيئن چوين ٿو؟
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!

## ”ڪاري“

روڙُو ماڻهو
ڪم جي ڳوُ ڪان
روز لنوائي
شهر وچي ٽا وقت گذارن
هوٽل تي
ٻار پراوا
ڪارن وينا
چانهه چُڪي ۽ بوتل تي،
پر
زالون تن جون
ڪم ڪنديون هِن
گهر سڄي جو
رونبي يا پيو ڪم ٻَنيءَ جو،
گاهه ڀَري
ڪٽائيندي جي
ڪنهن پل
مُڙس ڏٺو پوءِ جوڙس
ڪاري آهي
دگ ويندي سان.



مُنهنجي مُئي کانپوءِ :زخمي چانڊيو

## ”الوداع“

مُنهنجي
مارن ڪي
روئي نياپو ڏجو:
”ڄامُ“ تڙپي هتان
موڪلائي ويو
جيڪو
سڏبو هُيو
ڏات جي ڏيهه ۾
”زخمي چانڊيو“
ڪري اڄ ويو
الوداع
الوداع

## ”وڏا اديب“

ڪمپيوٽر جي دؤر ۾
پيلا وڏا اديب
ٻاراڻو ادب سرجن تہ ڇو؟
ٻاراڻو ادب لکندي
ٻارُ ٿيڻو پوي ٿو
پوءِ
وڏا اديب
ننڍڙن پتڪڙن ٻارن لاءِ
ٻاراڻو ادب لکي
ننڍڙا ڇو ٿين؟



مَنهنجي مَٽي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

## ”ڇيچڪا“

منهنجا
وحشي قاتلو!
آئون اوهان کان
پنهنجي زندگيءَ جي
خيرات
هرگز نہ گهرندس
ڇاڪاڻ تہ آئون
اهڙا ڇيچڪا
ڇَتي ڇُڪو آهيان
جن جي
نسل ڪشي ڪرڻ
اوهان جي وَس کان
ٻاهر آهي
ان ڪري جو
انهن جون پاڙون
پاتال تائين
پهچي چُڪيون آهن.


www.sindhsalamat.com

## ”ذميوار“

نوجوان
ڊگريون
ٻئن
اوور ايج
بيروزگاري
رشوت
سفارش
آڪهه
مهانگائي
شاعر
پيڙا
خودڪشي
ذميوار؟





## ”حڪم ۽ اعتبار“

”سائڻ!“
”هون...“
”عرض آ“
”حڪم ڪر“
”اوري آ“
”آيس، چئه! ڇا ڳالهه آهي؟“
”بس“
”نه نه ٻڌاءِ“
”ته پوءِ ڪَنُ اوري ڪر“
”ڇو ٻوڙي آهيان ڇا؟“
”بس حڪم ۽ اعتبار جي
سرحد تي پهتس“

## ”آزادي يا موت“

سگريٽ جو ڪش هڻندي
خيالن جي ساگر ۾ گُم:
انگريزن ۾ ارغون ڪان وٺي
سنڌي قوم غلام...
پر ڇو؟
شهرن ۾ ڳوٺن ۾
سنڌي اڀوجهه ماڻهو
لاوارث سرعام بيدرديءَ سان
ڪُتا ٿا وڃن!
پوءِ بہ ايڏي خاموشي ڇو؟
ڇا راجا ڏاهر، دولهہ دريا خان، مخدوم بلاول،
هوشو شيدي، هيمون ڪالاڻي، روپلو ڪولهي
ميار نہ ڏيندا؟
اي غيور سنڌيو!
جوان پينرن ۾ نياڻين جا اُرهہ
ڪپجندي ڏسي بہ خاموش آهيو!
ڇو اسان جي سونهري ورقن ۾ لکيل


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُئي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

تاريخ ٿا لڄايو؟
ڪاش!
هڪ دفعو زندگي ملي
۽ ڪلاچيءَ کان ڪشمور تائين
ڪو چارڻ چنگ چوري،
تہ پوءِ..... وري اسان ماتر ڀوميءَ جي حفاظت لاءِ
آزاديءَ جا متوالا بڻجي
سُوئر سامراج تي ڪڙڪي پئون
ڏاڍ جا ڏونگر ڏرن،
گوليون وسن، ڏاريا ڪُسن
ڍيمون ڍهن، ......۽ .....۽
غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي ڇڏيون
سگريٽ جي اڌڙ هٿ جلايو تہ ڇرڪ ڀريم
پوءِ..... اٽل ارادو ڪري ڇڏيم تہ
آزاديءَ جي منزل طرف وڌندڙ پانڌيئڙن جي
نقشِ قدم تي هلندي
اگر ٿياس تي بہ
ٽنگيو ويس تہ بہ منهنجي زبان تي
هڪ ئي نعرو هوندو،
”آزادي يا موت“


www.sindhsalamat.com

## ”دوستي“

دوستيءَ جو
پيو نالو دوکو ناهي
اي دوست!
اگر دنيا ۾
ڪامياب ٿيڻ جو راز
ڀروپي زندگيءَ جي ڏاڪڻ جا
ڏاڪا چڙهي
بلندين کي ڇُهڻ آهي
تہ پوءِ
تون ڀُليل آهين!



مُنهنجي مُئي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

## ”پيار“

آئون سسئيءَ جي روپ ۾
جبل ڪانہ جهاڳي سگهنديس...
آئون مومل ٻڻجڻ لاءِ
توکي تڪليفن واري
امتحان ۾ وجهڻ
نہ ٿي چاهيان،
آئون چري ئي سهي
پر پيار جي منزل
دور آهي....!

## "هوم ورڪ"

اڄ ڪلهه جو اُستاد ڏسان ٿو،
موڪل ڪان پوءِ
سانجهيءَ تائين
شاگردن سان ٻش ويهي ٿو
گڏ ڏسي،
پنهنجي پيرٻ ۾ ڪيئن
"هوم ورڪ" جي لاءِ پُڇي ٿو
جانڻ، پيرل،
طارق، قادو!
"هوم ورڪ" ڇالاءِ نہ ڪيو ٿَوَ؟
لڪڻ ڪٽي ٿو،
معصومن کي
ڏڪَ هڻي ٿو،
ڇيلهه جي هيٺان....!


www.sindhsalamat.com



## "خدا"

اي خُدا
مردن کي
عورتن جو
مجازي خُدا بڻائي
معتبر تہ ڪري ڇڏيئہ،
پر اُهي پاڻ کي
هاڻي عورتن جو
خدا سمجهڻ لڳا آهن...!


www.sindhsalamat.com

## ”اناپرستي“

پاڻ ڪي
آدرشي انسان
سڏائڻ وارا....!
تون پاڻ ڪي
هماليہ جبل ڪان بہ
بلند ۽ عظيم
سمجهين ٿو
پر تون تيسيتائين
شعوري سگهہ رکندڙ
ماڻهن جي
دلين جي ڌڙڪن
نہ ٿو ٻڌجي سگهين
جيستائين
تو ۾ اناپرستي
موجود آهي....!



www.sindhsalamat.com



## ”نقاب“

ڪاري نقاب ۾
سانئڻ!
تون ڪيڏو بہ پنهنجي
چنڊ جهڙي
چهري کي لِڪائين
مگر تنهنجا
ترڇي ۽ غزالي نيڻ
گهڙي ڪن لاءِ تہ
پرندڙ جبل جهڙو
زلزلو پيدا ڪن ٿا،
پر پڪ سان
چهري تي نقاب
چاڙهڻ جو مطلب
تنهنجي سُندر چهري تي
نہ ڏيکارڻ جهڙو ڪوئي
عيب آهي....!





www.sindhsalamat.com

## ”بد دعا“

هر ماڻهوءَ کي
ڏسي دعا ڪر،
اگر دُعا جي
دلجاءِ نہ ٿو ڏيڻ چاهين
تہ پوءِ بد دعا نہ ڪجانءِ
بد دعا ئي ڪرڻي اٿئي تہ
پوءِ
”شل ڪارو ٿئين“ واري
بد دعا نہ ڪجان!
ڇوتہ هن فرسوده نظام
۾
دقيانوسي ريتن رسمن پٽاندر
ڪارنهن جو مارڪيٽ
ڇوٽ چڙهيل آهي
۽
پيار نهايت غريب آهي....!





## ”پکين جي پارليامينٽ“

ڪاش!
اوهانجون سُندر سوچون
پکين جي
پاريامينٽ کي
پر ڪي ۽ پروڙي سگهن!
جيڪي قطارن جي صورت ۾
بجليءَ جي تارن تي ويهي
امن ۽ ڀائيچاري کي
قائم رکڻ لاءِ
مٺڙين ٻولين ۾
سلام محبت جا
گيت ٻوليندي
ائين چوندي ڀاسندا آهن:
اي آزادي ۽ امن لاءِ
جهيڙيندڙ نوجوانو!
هن جديد دؤر ۾
کوکلي نعري بازي
۽
گهبراهٽ کي ڇڏي
ايڪويهين صديءَ جو
استقبال
اوچي ڳاٽ سان ڪيو.

## ”وڏا ڪُتڙ“

نام نهاد
جمهوريت جي دعويدار
لانگ بوٽي خاڪي وردي وارن جي
ماٺيپي جي سرحدن تي
عين انهيءَ وقت پهچي ويس
جڏهن
بجليءَ بل جي آڙ ۾
ڏرتي ڌڻين جي تذليل ڪندي
ڪِن کي ڪُتڙ بنايو ويو
تہ ڪن کي سِج ڏانهن
مُنهن ڪري بيهاريو ويو هو،

پر
انهن ۾
هڪ ننڍڙي معصوم ٻار کي
ڪُتڙ ٿيل ڏسي
خون اکين ۾ لهي آيو،
هفتو اڳ ان ٻار جي ماءُ کي
ڪارنهن جي الزام ۾ قتل ڪري


www.sindhsalamat.com



سندس پيءُ
جيل وجي چُڪو هو.

”نٿو مرڻ چاهيان“
جنهن
سچي زندگي
حلال جو هڪ گرنهہ بہ
نہ کاڌو هجي
جنهن جو ذريعہ معاش
صرف ۽ صرف
چوري، ٺڳي، داداگيري
بليڪ ميلنگ، بدمعاشي
يا
بندوق جي داڪي
۽
غيرت جي آڙ ۾ بيغيرتي واري
دقيانوسي رسم
ڪاروڪاري تي هجي،
جنهن کي مِٺ مائٽ، يار دوست
ٻائر ٻائيتا تہ چا پر
ٻاڇائي
۽
ٻائيتيءَ جي بہ شناس نہ هجي
آئون اهڙي منحوس ماڻهوءَ هٿان
نٿو مرڻ چاهيان.


www.sindhsalamat.com

## "غيرت-ننڍ جون گوريون"

هن جي
غيرت کي
ڪِڪ ڏئي
اِستارٽ ڪرڻ جي
ناڪام ڪوشش نہ ڪر
چاڪاڻ تہ هُو
غيرت-ننڍ جون
گوريون ڪائي سُتو آهي
جنهن کي
ڪابہ زيادتي
بيدار ڪري
نہ ٿي سگهي.





## "شناس"

آئون
تڏهن
حيران ۽ دنگ رهجي ويس،
جڏهن منهنجي ئي
پاليل ڪُتن
مون تي
حملو ڪري ڏنو،
پُڇڪر ڏيڻ ڪانپوءِ
نُوس نُوس ڪري
پيرَ چَٽي
پُڇ لُٽڪائڻ لڳا،
پر!
اڄ جي گڏ ڪائيندڙن ۾
اها بہ
شناس
ڪانهي....

## ”روبوٽ“

”ڪتي آهي ماڻهو
ڪتي آهي ماڻهپو؟
جو ماڻهن جي
شناخت ڪري سگهجي“
مون پُڇيو.
”تہ ڇا
توکي سڀ
گھمندڙ ڦرندڙ ماڻهو
روبوٽ ٿا نظر اچن؟“
پرسان بيٺل وراڻيو.





## ”جمهوريت“

اي
جمهوريت جا
دعويدار حڪمرانو!
اگر
امن، سلامتي
۽
خوشحاليءَ لاءِ
اوهان جا
ڪيل اعلان
سچا آهن
تہ پوءِ
سنڌ ۾
پاڻي پيئڻ جي
نلڪن
۽
گلاسن کي
سنگهرن جي
ڇا معنيٰ آهي؟

هٿين هٿ ڪڙول، پيرن ۾ آ نيلُ،
آزاديءَ سان ميلُ، ٿيندو انهيءَ موڙ تي.

آزادي انسان جو، آهي فطري حق،
ايڏي بَڪَ نہ بَڪُ، وٺي ويندا سونءِ وڙهي.

وٺي ويندا سونءِ وڙهي، آزادي هڪ ڏينهن،
ڏُکر ويندو ڏيهہ مان، وَسي پوندا مِينهَن،
نوان ٿيندا نينهن، ماڻي امن آجپو.

ماڻي امن آجپو، ٿينداسون خوشحال،
ماڻهو باقي سال، ڪيڙي ڪائيندا پيا.

ڪيڙي ڪائيندا سُون پيا، پنهنجي هيءَ زمين،
تو واري ان دين، ويڙها ويڙهائي ڇڏيا.

فرقيواريت باهہ ۾، ٿڃڪي ٿو انسان،
ڪاڏي دين ايمان، ڪاڏي ماڻهوءَ ماڻهپو.

آزاديءَ جي نانءَ ڪان، وجي ٿو وَهلور،
ڪيڏو پنهنجي قوم سان، ڪري پيو ڪلور،
ادبي دنيا ٿي سَڏي، ان ڪي باشعور،
لِکي لِکي لوڪ ڪان، اندر چڪناچُور،
اديبڙو مجبور، گزيٽيڊ گريڊ ۾.






گزيٽيڊ گريڊ ۾، ڦاسي پيو اديب،
سچ لڪائي ڪُوڙ چئي، سو کھڙو آهہ خطيب،
ڪيڏو آهہ عجيب، اديب جي انهيءَ اگهہ تي.

اديب جي انهيءَ اگهہ تي، مَرمُ ٿو ماري،
ڪُرسي خاطر سنڌ جو، سودو ٿو ساري،
تنهن ڪي بيهاري، گوليون هڻجن چوڪ تي.

گوليون هڻجن چوڪ تي، ماريو سڀ اديب،
ناهي ڏُر غريب، سچا جي سرڪار سان.

سچا جي سرڪار سان، ٿي ويندا اديب،
ڪاڏي وڃن غريب، آجهو جن جو اديب هن.

پنهنجو پنهنجو ڪَمُ، هرڪو جي پُورو ڪري،
ناهي ڪنهن ۾ دم، آگَر ڪٽي اوپرو.

پنهنجي پيشي ڏي ڏِسو، آهيو جو اُستاد،
چوٿا ڪيو برباد، ٻيڙو پنهنجي قوم جو.

آزاديءَ جو او پرين، نيٿ اُپرندو سِجُ،
ڪين ميارون ڏِجُ، تہ مارُو هِن ماٿار ۾.

مارُو هن مانار ۾، ٿيندا نيٺ سُجاڳ،
غلامي اپاڳُ، سنڌي سهندا ڪيترو؟

سنڌي سهندا ڪيترو، ڏارين جو هي ويلُ،
ڪٽي ٿئو تيلُ، نيٺ ملندا تن ڪي.

جُزو آ ايمان جو، اصل آزادي،
ڪيسين هيءَ تعدي، سنڌي سهندي سُونهندا.

سنڌي سهندا پيا صديون، ڏارين جون جاڙون،
جيسين گڏبا ڪينڪي، ٿينديون ڪيئي تاڙون،
ٻٽبيون نہ پاڙون، تيسين پاپين پيڙهہ جون.

لطيف تنهنجي پونءِ تي، اچي ٿو مهمان،
تنهن کي ڏجانءِ مانُ، مهمان ٿئي مانائتو.

مهمانُ اٿئي مانائتو، شاعر شيخ اياز،
سنڌ سنڌين جو رازُ، توسان اورڻ ٿو اچي.

توسان اورڻ ٿو اچي، سنڌ سنڌين جا سُورَ،
جيڪي ٿين ڪَلُور، پونءِ وارن سان پٺ ڏٺي!
(مها ڪوي شيخ اياز کي پيٽا)



مُنهنجي مٽيءَ ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

رهبرن مان رهبري ڪاڏي وئي؟
دوستن مان دوستي ڪاڏي وئي؟
مونکي ڪولي تون ٻُڌاءِ ايڪيهين صدي!
دلبرن مان دلبري ڪاڏي وئي؟

ڊيمون ٺاهي سنڌ سُڪائڻ شرم شرم شرم.
سازش سان هي سنڌ ورهائڻ شرم شرم شرم.
انسانيت جي پاڇي ۾ اڄ آڙ وٺي،
انسانن جو ڪوسُ ڪرائڻ شرم شرم شرم.

يار جي اغيار ٿين پوءِ ڇا ڪجي؟
پنهنجا پي بيزار ٿين پوءِ ڇا ڪجي؟
ڪينسر ڪنهن کي مفادن جو لڳي،
دوستيون بيمار ٿين پوءِ ڇا ڪجي؟

گهاوَ گولين جا سَهي ڌرتي چُمان.
ڪاش! آزادي وَٺي سامي سُمهان.
لالُ جهنڊي جو ڪفن مونکي ڏجو،
پورجو پوءِ، ڇوته سنڌڙي آ امان.

رهبرن جي رهبري پرکيان اجان ڪهڙي طرح؟
دوستن جي دوستي پرکيان اجان ڪهڙي طرح؟
جلد مولا آڻ قيامت ساهہ ٿو گهٽجي هتي،
دلبرن جي دلبري پرکيان اجان ڪهڙي طرح؟

وڏيرن ۽ پيرن کي پرکي ڏٺوسين.
پنهي داداگيرن کي پرکي ڏٺوسين.
اُنهن کان چڱائي نہ ٿي آ نہ ٿيندي،
اُنهن بي ضميرن کي پرکي ڏٺوسين.

ان غلاميءَ جي جيئڻ کان وچ بغاوت ۾ مَري،
ماٺ ۾ پيي موت آ، ڪا آجپي جي ڳالهہ ڪر.
چو اجايو ٿو ڪرين هي زندگي پنهنجي تباهہ،
ماٺو آهي ماٺپي سان، ماٺپي جي ڳالهہ ڪر.

هي دودن دلارن دليرن جي دنيا.
ختم نيٺ ٿيندي وڏيرن جي دنيا.
جڏهن پوڙ جا پاڳيا اُٿي پوندا ’زخمي‘،
تڏهن ٿيندي غائب لُٽيرن جي دنيا.





ماري ويو مهمان ٿي افسوس آ.
بڻجي پيو بيمان ٿي افسوس آ.
جن ڏنو دوکو وڏو تن جي مٿان،
ڇو رکيو ايمان ٿي افسوس آ.

وري ووٽ هاڻي وٺڻ آيو آهي.
پُراڻا عُذر ڪيئن چوڻ آيو آهي.
شرابي وڏيرو مفادن جي خاطر،
غريبن کي پانهون ٻڌڻ آيو آهي.

امن روڊ، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪونهي.
سُڪون دل جي پلڪن ۽ پهرن ۾ ڪونهي.
ڏيئون ڏوهہ ڏارين تي چالاءِ ’زخمي‘،
ڏسو گهٽ جتوئين ۽ مهرن ۾ ڪونهي.

واهَہ وڏيرا، مسڪينن کي ٿاڻن تي ٻَڌرائي ڄاڻين.
ڏنڊ پرائي، ڏاڙهيون پٽائي، ڏوهي پيي ٺهرائي ڄاڻين.
ووٽ جي خاطر مسڪينن جا پَٽڪا پيي لهرائي ڄاڻين.
’زخمي‘ پارن مسڪينن جا گهرڙا پيي ڊهرائي ڄاڻين.

سَچَ ٻُڌڻ ڪان ٿو لنوائين ڪِيس ڪِيس!
پاڻ کي پيو ٿو پَڌائين ڪِيس ڪِيس!
تنهنجي ڪرتوتن جي مونکي آ خبر،
معتبر چو ٿو سَڏائين ڪِيس ڪِيس!

مندر خاطر مسجد ڊاهڻ شرم شرم شرم.
مسجد خاطر قوم کُهائڻ شرم شرم شرم.
دين ڌرم جي جُنونيت جي دوکي ۾،
تاريخي نقصان ڪرائڻ شرم شرم شرم.

سنڌ سنڌين جي آهي رهڻي آمرُ چا ٿو ڄاڻي؟
پاڻ نہ پالي ڪُتا ڌاري، روز ٻِهاري آڻي.
اهڙي ويساهہ گهاتي ’زخمي‘ ڪيرُ ڀلا هِت سهندو،
ديس ڏٺي آ ڪئمپن ۾ ءِ ڌاريو موجون ماڻي.

ڏِسو ڪيئن وڏيرو گُهري ووٽ ٿو.
مفادن جي خاطر سَڏي سؤٽ ٿو.
ڇڏيوسينس ڇُونڊي چڱو مُڙس سمجهي،
غضب نوڪرين لئہ گُهري نوٽ ٿو.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

بچايو تہ پِيرن جي پِيرِي بچايو.
ابي ڏاڏي وارَي اميري بچايو.
لچالت جا واقعا مسئلو نہ آهي،
وجي پئي ٿي ڪُرسي وزيري بچايو.

مِليو مانُ آهي، وڏيو حوصلو.
جو پورهيت کي جلدي مِلي ويو صِلو.
سَتا گهاوَ جي ڪالهہ ’زخمي‘ ڪِلي،
انهن تي بہ مرهم جو ٿي ويو ٻِلو.

ها! پنهنجي ڪنن ۾ پري ڇڏ تون سِيهو،
اسان جي زبانن تي تالا نہ هَڻُ.
آهي توکي همت تہ سامهون هلي آ،
ائين پويان چوري تون ڀالا نہ هَڻُ.

اصلاح بنا مون تي تنقيد ڪرين چو ٿو!
تنقيد ڪري اُن جي ترديد ڪرين چو ٿو!
جنهن چؤڪ تي پهچان ٿو، پٿر ٿو هڻين مون کي،
پوءِ مونکان گُلن جي تون اُميد ڪري چو ٿو؟


www.sindhsalamat.com

توکي پنهنجي ڪيڏي آهي، يار پياري زندگي.
چوڪرين ٿو پوءِ ٻين جي، زهر ساري زندگي.
ٻين جي خوشين کي لُٽيندڙ ڪَنُ ڏئي ٻُڌ اي بخيل!
ٻين کي جيئارڻ سان جيئندين شان واري زندگي.

استحصالي قوتن سان جنگ رکي جاري،
انساني سماج ۾ نئون انقلاب آڻ.
فرسوده رسمن کي ليڪ ڏئي ’زخمي‘،
حقيقي تاريخ جو ڪو نئون مثال آڻ.

ڪَسُ ڪشر ٻيي ڪائڻ وارو،
دوست ڪو ڪو آهي.
پير ڪڍي ڪو پيارو آخر،
ڏيندو دوڪو آهي.

روز هو مغرور ٿيندو ٿو وڃي.
قوم لئه ناسُور ٿيندو ٿو وڃي.
تيز تر تحريڪ آهي ڏينهن رات،
سنڌي ڏِسُ مجبور ٿيندو ٿو وڃي.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

او ڏاريا دهشتگرد! خُدا برباد ڪرئي.
آهين حرامي فرد، خُدا برباد ڪرئي.
تن ديس ڏٽين جي مار پوئي، توجن جا ڪيا،
گُل ڦُل چهرا زرد، خُدا برباد ڪرئي.

ڪالهہ وڏيري ڪُڙمياٽيءَ جي لڄ لُٽي زاري.
تر سچي جي ماٺهن ۾ چڻ سڪتو ٿيو طاري.
قدرت جو قانون بہ پيارا ڪيڏو آهي عجيب،
ڪيئن وڏيري نوڪر سان اڄ زال ڪئي ڪاري.

وقت تنهنجو ڏوهي ناهي ڏوهي آهين وقت جو.
بخت تنهنجو ڏوهي ناهي ڏوهي آهين بخت جو.
دور پنهنجي ۾ چڱائي تو ڪنهين سان ڪانہ ڪئي،
تخت تنهنجو ڏوهي ناهي ڏوهي آهين تخت جو.

سنڌ سان آزار آ، ڏَس ڇا ڪجي؟
قوم سان تڪرار آ، ڏس ڇا ڪجي؟
ڪيئن غيرن کي ڏجي مُنهن ۾ لغامُ،
پنهنجو ئي غدار آ، ڏس ڇا ڪجي؟


www.sindhsalamat.com

ڪُجهہ تہ سَهپ پِي ڏاريو سائين!
ذاتي انائون ماريو سائين!
ڳالهہ نِنڊيءَ تي مُنهن ڳاڙهي جا،
تيوَرَ ٿا ڏيکاريو سائين!

هوءَ جيڪا ٿاٻڙي ٿڙندي اچي.
جڻ مَڱيءَ سان ڊيل پئي ٿلندي اچي.
منهنجي ’زخمي‘ دل جيان هُن جي بہ ڇا؟
دل تلاشِ يار ۾ رهندي اچي.

روهڙيءَ ڏي ريل پئي هلندي اچي.
منظرن جي سُونهن پئي وڌندي وڃي.
ها مگر ساري سفر ۾ دوستو!
دل تلاشِ يار ۾ لُڇندي اچي.

پُهچي نہ حرف ظرف تي ايڏو بلند رَهُہ.
رَهُہ دوستيءَ جي رُوح جو احسانمند رَهُہ.
جنهن مان محبتن جا سَوين سُرَ ڦُٽي پَون،
’زخمي‘ تون اهڙي ساز جي ٿي تارَ تندُ رهُہ.


www.sindhsalamat.com



وري واتُ ڦاڙي اُٿيا واڳون سيسرَ.
وٺڻ ووٽ خاطر ڪٽي آيا چادر.
جڏهن سنڌ سُڏڪي پُڪاري ٿي ’زخمي‘،
تڏهن ساٿ سنڌ سان ڏين ٿا ڏهيسرَ.

او پِير وڏيرا، ڪنڌُ پَچئي پو جاڳين مَن!
هٿڙن ۾ ڪو نيلُ لڳئي پو جاڳين مَن!
روز ڦُرون اغوائون ڪرائي موٽائين،
پنهنجو پيي ڪو ٻارُ ڪڄئي پو جاڳين مَن!

سنڌ جو نعرو جيئي سنڌ،
پيو ڪو نعرو هٽڙو ناهي.
سنڌ جو نغمو جيئي سنڌ،
پيو ڪو نغمو چوٽو ناهي.

”عيد ڪيئن ڪيئہ؟“
يار مونکان پُڇيو.
ٿاڪَ ٿرَ جا ڏِسي،
مون هو روئي ڏنو.


www.sindhsalamat.com

انڌو يا ڪو ٻوڙو ناهيان.
ڪٽڇيءَ منجهہ پڪوڙو ناهيان.
هنٽر تنهنجو پُٺي آ منهنجي،
ماڻهو آهيان گهوڙو ناهيان.

ڌرتي ساري دوزخ ٿي پئي،
ماڻهو آئٿ ستارو ٿي پيو.
ڪالهہ ٿي جنهن کي خون پيئاريم،
سوئي اندرَ ڪارو ٿي پيو.

چيائين تہ: توکي ٻَڌائي ڇڏيندس.
چيم: پوءِ بہ توکي ڏڪائي ڇڏيندس.
چيائين تہ: توکي لَڏائي ڇڏيندس.
چيم: جُوءِ توکان ڇڏائي ڇڏيندس.

”زندگي خُواب آ صنم ڪوئي“.
جڻ مَواليءَ جو وزم ڪوئي.
مان تہ ڌرتيءَ لاءِ لڪندس پيو،
پل ڪري مونکي پو ختم ڪوئي.



www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ :زخمي چانڊيو

ڪري زيادتي پوءِ معافي گهرڻ جي،
اها هوندي عادت آ ماڻهن گهڻن ۾.
ڪرڻ معاف تن کي سُٺي ڳالهہ آ پر،
ڏُڏل ڪيرُ پوندو نہ آهي ٿڻن ۾.

نہ ٿس ويسو ٻنيءَ جو ڪو، نہ ئي ٿس مالُ ۾ ملڪيت.
گُذارو جنهن جو چوريءَ تي، ڪري سو ڪيڏي پيو فوڪيت.
وڙهڻ جي لئہ عزيزن سان ڪُهاڙي ٿو وتي چيريون،
ڊِجن ٿا ماڻهو سڀ اُن کان، خدا سائين جي آ قدرت.

ڪَپائي چانورن جي لَپ، پري ٿو حاضري ڪورٽ،
عجب آ سو عزيزن لئہ ڪُهاڙي ٿو وتي چيريون.
نہ ٿس نالو پنڊيءَ تي گهرِ، ڪري ٿو ڳوٺ تي داپا،
اهڙي منحوس ماڻهوءَ جون ڪڍي ڇڏجن اکيون ميريون.

توسانِ پيار ڪرڻ ٿو چاهيان.
ورنہ آئون مَرڻ ٿو چاهيان.
سنڌڙي تنهنجي سِينڌ سنواري،
تنهنجي سينڌ چُمڻ ٿو چاهيان.

123



www.sindhsalamat.com

اڄ جو ماڻھو نوي سيڪڙو،
سَچُ ٻُڌڻ ڪان ٻوڙو ٿي پيو.
جيون آهي ڪوڙو ’زخمي‘،
گُلوءَ وارو ڪوڙو ٿي پيو.

ٻَڌايو وڏيري تہ آزاد ٿي ويس.
لَڏايو وڏيري بہ آباد ٿي ويس.
جڏهن ڏرتي پيرن منجهان کِسڪي ويندس،
تڏهن پاڻ چوندو تہ: برباد ٿي ويس.

سماج رسمن جي وَرِ چڙهيل آهي.
ماڻهپو ڪيترو ڪڙهيل آهي.
”سنڌ مهان نواز“ مشهور پر،
مٿان ڪارنهن چُٽو مڙهيل آهي.

وري ايڏ ڪنهن ڪان ٻي وننڌؤ اُڏاري؟
سڄي سنڌ گِروي رکي ٿَوَ قهاري!
وڏا قرب ڪيا ٿو سنڌي قوم تي هي،
رُڳو ڏيمون ناهي گُهرايو ٻِهاري.






گهاٽي ۾ وجهي تيل ڪري ڏِسُ تہ خبر پئي.
گهرڙن ڪي پلي جيل ڪري ڏِسُ تہ خبر پئي.
هر روز ستم تنهنجا سَهُون ڪيڏا زمانا!
هن پونءِ مٿان ٻيل ڪري ڏِسُ تہ خبر پئي.

رهبرن لئہ ٿو چوين رهزن سراسر آ غلط.
قوم کي ٿو تون ڪرين بدظن سراسر آ غلط.
تنهنجا هي الفاظ آهن يار بلڪل بي بُنياد،
تنهنجو هي آواز ۾ موشن سراسر آ غلط.

هيءَ بہ ڪهڙي ڪامريڊي آهي.
جو سُڌاري نہ ليڊي آهي.
پاڻ ٻولي، ثقافت جا علمبردار،
پر زال تہ اردو ٿيڊي آهي.

وڏيرن ۾ پيرن تي لعنت هُجي.
ٻنهي داداگيرن تي لعنت هُجي.
غريبن جو ناحق جيڪي خُون چُوسن،
انهن بي ضميرن تي لعنت هُجي.

تياسن تي تنگرائي ڏِسجان.
گهاٽن ۾ پيڙائي ڏِسجان.
سونَ تي سيڻ مَتيندا ناهيون،
جيلن ۾ واڙائي ڏِسجان.

ڊيمون ناهي سنڌ سُڪائڻ بند ڪريو.
روز ٻهاري سنڌ گُهرائڻ بند ڪريو.
لانگ مارچ ۽ هڙتالون جي سمجهو ٿي،
دهشتگردي روز ڪرائڻ بند ڪريو.

ديس مانِ دهشتگرد ڌڪاريا ويندا.
ڏاڍ جا ڏُونگر نيٺ ته ڏاريا ويندا.
ديس ڌٽين ڪي ڪُچلي ڪُچلي ماريو جن،
مظلومن کان نيٺ ته ماريا ويندا.

ستم تون به پنهنجو گهٽائي نه سگهندين.
مگر منهنجي ٻولي مٽائي نه سگهندين.
جڏهن منهنجو هٿ پيو گريبان تي پُهتئي،
ستمگر تري پوءِ ٻَٽائي نه سگهندين.





تتل تيل ڪٽيءَ ۾ ڪاڙهي ڏنئه.
ڪيئي سال جيلن ۾ واڙي ڏنئه.
اجان آزمائڻ اسان کي ٿو چاهين،
توڙي گهر ڪکاوان به ساڙي ڏنئه.

ڌرتيءَ لاءِ سپاهي آهيان.
غيرن لاءِ تباهي آهيان.
تو چيا 'زخميءَ' کي سمجهيو آ،
پينڊ پتر جو واهي آهيان.

پوتر عورت ڪاري ڪندڙ،
غيرت ماپو چاهي ڙي؟
ڪيترا پيرا ڪارو تيل آن،
ان جو ڪاتو چاهي ڙي؟

قبر تي گُل رکو نه رکو پر ڏيئا ته ٻارجو.
ڏيئا نه ٻاري سگهو ته گهر ويٺي ئي سارجو.
ماٺ پي ڪي مون ڏني آ زندگي اڄ،
منهنجي تُربت تي نه ڳوڙها هارجو.

چيائين تہ: تعليم ٽئين اک آهي،
چيم: چار اکڙيون مِلي ٿيون وڃن.
چيائين: طرف چار آهن تڏهن؟
چيم: هائو! راهون کُلي ٿيون وڃن.

ذاتي خوشين کي ڇڏي هر آدميءَ جي ڳالهہ ڪر.
ڏيهہ کي روشن رکڻ لئہ روشنيءَ جي ڳالهہ ڪر.
سِيٽ سَڪڻيءَ ۾ رکيو چاهي وڃي تاريخ پڙهہ،
قوم جو دشمن نہ ٿي تون، دوستيءَ جي ڳالهہ ڪر.

مستقبل جي معمارن جو قاتل آهين.
پنهنجي ڳوٺ ۾ تَرَ وارن جو قاتل آهين.
مانائتو استاد آهين اسڪول بہ وڃ،
ورنہ پنهنجن ئي ٻارن جو قاتل آهين.

چئي چا ٻُڌايان تہ مان ڪيئن جيئان پيو.
سڄڻ هونءَ جيئان پيو سڄڻ هيئن جيئان پيو.
زخم زندگيءَ جا جيئڻ ئي نٿا ڏين،
ها تولاءِ جڳ ۾ جيئن تيئن جيئان پيو.





اڄ تہ ويران دل جو چمن ٿو لڳي.
مونکي منهنجو ئي ڳورو بدن ٿو لڳي.
ٿئي شروع هي ڪٿان ۽ ڪٿي ٿئي ختم،
سچ تہ صدين کان 'زخمي' دفن ٿو لڳي.

هيءَ بہ ڪهڙي ماستري آهي؟
جو نہ جيئڻ جي خاطري آهي.
ٻارنهن ئي مهينا قرضي ڪيا هن،
تڏهن تہ ڇڏي شاعري آهي.

وات جو توڙي گرنهہ ڪنهن کي ڏجي.
پوءِ بہ رُسوا ٿو زماني ۾ ٿجي.
ٿي چڱاين جو زمانو ويو ختم،
پوءِ بہ اي زخمي! چڱائي پئي ڪجي.

سچ لکيو آ، سچ لکئون پيا، لکبو رهبو.
سنڌ امڙ لئہ خوب وڙهيا هُون، وڙهبو رهبو.
ڪين جُهڪائي تنهنجا سگهندا ڪُوڙا ڪيس،
ڪرڙي، تلتي، مياڻي توسان مِلبو رهبو.

دوست دشمن چاڻان ٿو سڀ،
ايڏو ناهيان سادو سائين!
ڪيئن ٿيان مان سامهون هُن جي،
آخر گڏ آ، ڪاڏو سائين!

”عيد ڪيئن ڪيئہ؟“
يار مون کان پُڇيو.
ڏاڍو روئي ڏنم!!
ڪين مون هو کُڇيو.

ڪَتي سِرَ رکو پل سنگينن مٿان.
ءِ ٿاهي چڏيو ٻيم سينن مٿان.
اسان ٻيم ٿهندي ويهون چُپ ڪري،
وڏي گار آهي ضميرن مٿان.

ٻَمَ هٽائڻ، جُهمريون پائڻ، شرم شرم شرم.
ٻيمون ٿاهڻ، سنڌ سُڪائڻ، شرم شرم شرم.
بيروزگاري، بُک، مهانگائي چوٽ تي آ،
ايمرجنسي لاڳو ڪرائڻ، شرم شرم شرم.






هيءَ ڪهڙي نوڪري آهي.
بس گِلا جي ٿوڪري آهي.
ٻيا تہ مسئلا پنهنجي جاءِ پر،
نہ پرٽائي سگهي ڇوڪري آهي.

وقت! اسان ڪان ڪين پري وَڃُ.
گهايل دل جا گهاوَ پري وَڃُ.
آهي زماني ڏاڍو ستايو،
’زخميءَ‘ تي احسان ڪري وڃ.

هيءُ بہ ڪهڙو آجپو آهي؟
جو نہ تنهنجو رابطو آهي.
نہ نياپو، نہ خط، نہ فون ڪيئہ،
پوءِ هي ڇا جو راضپو آهي؟

ڪاٽُ تنهنجو هُجي.
ڪنڌ منهنجو هُجي.
ڳوٺ تنهنجي سدا،
پنڌ منهنجو هُجي.

چيائين ڪڏي نَنهن، ڪندين سنڌ سنڌ؟
چيم: هائو ڏاڏاڻ! آهي سنڌ جِندُ،
ڏيئي شاڪ پاور جو چيئين: چئه ڙي سنڌ،
چيم: گيدي ٻُڌندين، جيئي سنڌ، جيئي سنڌ.

سڄي رات اُبتو ٽنگي لاهي چيئين:
بتاؤ تمهاري ڪهان هين سنڌي؟
هٽي ڪيس مُنهن ۾ ڪانگهارو چيم:
اري بَڪتي ڪيا هو يَهان هي سنڌي.

چيائين ته: ٻيهر بغاوت ڪندين؟
چيم: تون به سنڌ سان عداوت ڪندين؟
چيائين ته: ملندءِ سزا عمر قيد،
چيم: ڪيئن پو پنهنجي حفاظت ڪندين؟

بغاوت جي ڪيسن جي پرواهه ناهه.
جيئي سنڌ چئبو، ڏنو ساهه ناهه.
هُو ماڻهو آ، ماڻهوءَ جي پرواهه ڪهڙي؟
نبي ناهي ڪوئي يا الله ناهه.


www.sindhsalamat.com



چيائين ته ڏَسِ: هو مزو جيل ۾؟
چيم: ٻيو به پندرهو رکو جيل ۾.
چيائين ته: ڪهڙي خوشيءَ ۾ ٻلا،
چيم: تيار ٿئي ٻيو جَتو جيل ۾.

پُڇيائين ته: جيلن ۾ عيدون ڪيئه؟
ڪِليس ۾ چيم: ڪونه اُلڪو نه ٿيم.
چيائين: ڪڏي ڇڏيون تنهنجون اکيون،
جيئي سنڌ جي نعري کي اُوچو ڪيم.

مڙهي ڪيس ڪُوڙا رکو قيد ۾.
سوين سُور سختيون ڏيو قيد ۾.
ٽُٽي نيٺ پوندو غلاميءَ سنگهرُ،
ڪيو تيار آهي جَتو جيل ۾.

تون ۾ تنهنجا ڪيس به ڪُوڙا.
عهدا ڪُوڙا، ويس به ڪُوڙا.
تنهنجو ٿيو ايمان آ پئسو،
پِير به ڪُوڙا، رئيس به ڪُوڙا.


www.sindhsalamat.com

جيلُ هو يا هاسٽل.
هئي طبيعت نارمل.
لِڪُ لِڪان جاري رکي،
دل هُئي يا ڪارگل.

جيل ۾ سُڌرڻ ناممڪن.
سُڌري نڪرڻ ناممڪن.
سيئي بُرايون جيل ۾ هن،
تن کي ڪُچلڻ ناممڪن.

جيل سُهراب ڳوٺ هو.
منشيات کي بس ڇوٽ هو.
پئسي تي ”بي ڪلاس“ ته ڇا،
سُپريڊنٽ جڻ سؤٽ هو.

جيل هو يا سرڪس هئي.
روڊ ڪَڇڻ ورزش هئي.
ڪي ته مڇي ٿيا مانگر مَڇَ،
ڪن جي اکين ۾ بارش هئي.






جيل ۾ ڪَسُ ۽ ڪشر ناهي.
ڀاڙئي، جُوان جي خبر ناهي.
پئسي تي ايمان آ وڪاميو،
پيو ته ڪو هتي چڪر ناهي.

ڪو ٿو ٽوپيون اڳٽ ناهي.
ڪو ٿو ويٺل ڳالهه وڃائي.
ڪوئي ناحق جيل ۾ قاتل،
ٻچڙن جي لئه هانءُ ٿو لاهي.

جيل ۾ ڪي جُوان ٻه پيا هِن.
سُورن جا سامان ٻه پيا هِن.
پڃرن ۾ جڻ شينهن پيا هِن،
دشمن تي دهمان ٻه پيا هِن.

ديس ڌڻي جي گڏ ٿي ويندا،
ڌرتيءَ تي غدارُ نه رهندو.
جنهن پي هٿ ۾ قلم اچي ويو،
تنهن هٿ ۾ هٿيارُ نه رهندو.

هڪ امن هُجي، پيو پيار هُجي.
ٿيون ديس پنهنجو آزاد هُجي
هر مارُو عيد تي مُرڪي پئي،
جي ايڪو زنده باد هُجي.

منهنجا لطيف تو وٽ مهمان ٿو اچي.
ويهين صديءَ جي سنڌ جو ارمان ٿو اچي.
توسان ڪرڻ ڪچهريون تنهنجي ئي ڳوٺ ۾،
تو جيئن عظيم شاعر، انسان ٿو اچي.
**(عظيم ڪوي شيخ اياز کي پيٽا)**

حُسين تنهنجو حسين منهنجو، حُسين حق جو امام آهي.
صبر ۽ تقويٰ بهادريءَ ۾، وڏو سيد جو مقام آهي.
يزيدي لشڪر ويهوڙو هو پر، عليءَ جي پُٽ پي ڪئي نه بيعت،
جبر سان وڙهندي شهيد ٿي ويو، تڏهن سيد کي سلام آهي.

ڪيڏا ستم ڪيا شامين آلِ رسُول تي.
آيو نه رحم تن کي، سانئڻ بتول تي.
زينب جو گهر ويو اُجڙي، پوءِ پي ڏسو حسينڻ،
ثابت قدم رهيو آ، پنهنجي اصول تي.





آهي سين جي دل ۾ محبت حُسين جي.
بس ڳالهه هڪ تي ماري غربت حُسين جي.
ڪربل جي رڻ ۾ سيدن ڇا ڇا سَٺو نه هوندو،
پوءِ پي ڪئي آ مولا، عزت حُسين جي.

حُرَ کي چيو حُسينڻ، تيسين نه ٿيندين ڪامل.
لشڪر حُسينيءَ ۾ تون، جيسين نه ٿيندين شامل.
آخر چيو وني حُر، پاسي حُسين جي ٿيو،
حق جي فتح ٿي ويئي، هارائجي ويو باطل.

اسلام ۾ نه ڪنهن کي اهڙي ملي سگهي آ،
جهڙي مِلي وئي پائو عزت حُسين کي.
ڪربل سجو کُهايئين، پنهنجو ڪُٽنب ڇو جو،
سُونهين نه پيئي 'زخمي'، بيعت حُسين کي.

ڪُوفين پئي گهرايو، خطڙا لکي حُسين.
مُسلم شهيد ڪيائون، ٿي ويو دُکي حسين.
ناني جي دين کي جنهن قرباني ڏئي بچايو،
ڇو جو نه هئي عليءَ کان بيعت سڪي حُسين.

شمر ۽ يزيد هُئا ٻئي، راضي فساد تي.
تڏهين ظلم ستم ڪيئون ٻچڙي سجاد تي.
زينب جي ويئي اُجڙي چادر، الله اڪبر،
لعنت هجي هميشہ ابنِ زياد تي.

عظمت بيانُ ڇا ڪري عالي مقام جي.
مدحت زبان ڇا ڪري حق جي امام جي.
شيرِ خُدا جو ساهُہ، نواسو رسول جو،
گوشئہ جگر بتول ڪي، پارت غلام جي.

دنيا جو هر ستم بہ تہ آلِ رسول تي.
آلِ رسول پوءِ بہ قائم اَصول تي.
مريم هجي، حوا هجي يا آسيہ هجي،
ٻڌجي رهي ٿي خادمہ، درِ بتول تي.

مظلوميت جو شانُ آ، فطرت حسين جي.
عظمت جو آستانُ آ، عظمت حسين جي.
ڪنهن جي ڪنن تي پهتو نہ ڪربوبلا جو نانءُ،
صحرا کي بخشيو مانُ آ، غربت حسين جي.


www.sindhsalamat.com



قرآن جي زبان آ، مدحت حسين جي.
ڪهڙي بيان ٿيندي، عظمت حسين جي.
ڪهڙو خُدا جو دشمن، ڪهڙو خدا جو دوست،
مومن جو امتحان آ، الفت حسين جي.

ٻات اونده ڪفر واري، روشني آهي حسين.
دين تان قربان ڪيئي، زندگي آهي حُسين.
ٻاڙيءَ جي عيوض سَٺا ها تير معصومن سوين،
پوءِ بہ تيرن جي سائي ڪئي، بندگي آهي حُسين.


www.sindhsalamat.com

ادبي سنگت جي چُونڊ.
ڪن جا مُنهن ڀڪن پيا،
ڪن جي مُنهن ۾ سُونڊ.

سگريٽي انسانُ.
ڪلاس ۾ ٿو ڪش هڻي،
توڙي آ رمضانُ.

بي.بي.سيءَ تي ڪَنُ.
خبرون ٻڌان شل خير جون،
سنڌ ۾ رهي امنُ.

سکر، حيدرآباد.
مارُو سڄيءَ سنڌ جا،
شال هُجن آباد.

ڪراچيءَ ۾ ڪوسُ.
ڏرتي ڏٽين جو ٿئي،
آهي پر افسوس.





زاري ڙي زاري.
پڌري ٿي پئي پٽ تي،
يارن جي ياري.

چپٽيءَ جو چڻ ڪيلُ.
پابندين هوندي پرين،
تنهنجو منهنجو ميلُ.

رُنس زارو زار.
ويگن چيپاٽي ڇڏيو،
پينو اپاهج پارُ.

ڀرين مئي جو ڏينهن.
شڪاگو جي شهر ۾،
مزدورن سان نينهن.

ڀرين مئي جي شام.
ريتيل جهنڊا رت سان،
اُڀي ۾ ڦڙڪيا عام.

ڀرين مئي جي رات.
شڪاگو جي شهر ۾،
گولين جي برسات.

پهرين مئي جو پَهرُ.
شڪاگو جي شهر ۾،
قاتلن جو قهر.

پهرين مئي جي باک.
رت ڏيڍ سان ئي رهي،
مزدورن جي ساک.

آيو انقلاب.
مزدورن جي خون سان،
’زخمي‘ لاجواب.

يورپ جو آدم.
شڪاگو جي شهر ۾،
ٿانڊن تي ماتم.


www.sindhsalamat.com



حال اسان جو ٿئه هي،
ڏک ۾ اچي ڏيڍ ڏي.

توريءَ منهنجو ڪيرُ ٻه ناهي،
جيڪو ڏکن ۾ سَڏ ورنائي،
دانهن ڏيان ڪنهن کي؟
ڏک ۾ اچي ڏيڍ ڏي.

هرڪو هتڙي بيتي جو آهي،
ڪِريل سان هِت ڪنهن جو چاهي؟
ڪوئي نڏٽڪو نه ٿئي.
ڏک ۾ اچي ڏيڍ ڏي.

’زخميءَ‘ جو دم آهه لبن تي،
ديد ڪُتل آ تنهنجي دڳن تي،
نياپو وجي ڪو ني.
ڏک ۾ اچي ڏيڍ ڏي.


www.sindhsalamat.com

چو اڄڻ پيي چڏي وئين، چو مِلڻ پيي چڏي وئين.
ٻئي ٽئين مهيني پيرو، ڪرڻ پيي چڏي وئين.

گڏجي رهڻ جا مون سان، ڪيا قول ها تو،
جيئڻ ۽ مرڻ جا سائين، ٻَڌا ٻول ها تو،
پيو تہ نهيو پر خطڙو، لکڻ پيي چڏي وئين.

اڳ تہ گهڙي پيي مون ڪان، نہ ٽيندو پري هُئين،
ڪهڙي سبب تون هاڻي، دُوري ڪري وئين،
پري ڪان رُڳو تون هاڻي، ڏسڻ پيي چڏي وئين.

شايد رقيبن توکي، آهي ڀُلايو،
انهن جي چَوڻ تي مون سان سچڻ ٽا ڦِٽايو،
اسان جون ٻہ ڳالهيون سچ جون، ٻُڌڻ پيي چڏي وئين.

جيئري نہ آئين ٻُڌندين، 'زخمي' مري ويو،
تولاءِ تڙپي سُڏڪي نياپو ڏئي ويو،
ارمان آهي سَڪڻو، پُڇڻ پيي چڏي وئين.






اچڻو اٿئي تہ اڄ تون،
مِلڻو اٿئي تہ مِل تون،
مُئي پوءِ نہ سارجان.
مُئي پوءِ نہ سارجان، هنجون پيي نہ هارجان.

تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس،
جيسين جڳ ۾ جيئرو رهندس،
تون پيي واعدو پاڙجان، مون کي نہ وسارجان.

پُڇڻ آيا پيارا ماڻهو،
ڪيئي جيءَ جيارا ماڻهو،
مهل تون مَلهائجان، نہ خلقون کِلائجان.

مُئي ڪان پو ميلو ڪهڙو،
قبر تي اويلو ڪهڙو،
گُل نہ چَٽائجان، ڏيئا نہ ٻارجان.

توکي ياد ڪري هاريان نِير مٺا.
پُوڄيان تنهنجي ملڻ لئہ پِير مٺا.

اچ نامِ خُدا توکي ساريان ٿو،
غم گُوندر منجهہ گُذاريان ٿو،
تنهنجون راهون مٺا مان نهاريان ٿو،
تاريو ترهو اچي وِچ سِير مٺا.

قول پنهنجا پرين تون نہ پاڙي وئين،
ٻَڌي ٻول پَڪا ڇو وساري وئين،
مونکي ڪنهن جي چِڙِي تون سهاري وئين،
وڃي ويٺين هَٽي ڇو تِيرَ مِٺا.

وئين ڇاڪئون ڇڏي، ڏسيو ڪائي خطا،
جنهن جي ايڏي ملي آ مون کي سزا،
جي تون مون سان ملين ڇاٽي هڪڙو خدا،
تولئہ ڪنڊون ورهايان ڪير مٺا.

پَڪا ٻول نہ جي تون ٻولين ها،
نہ ئي ’زخمي چانڊئي‘ کي رولين ها،
نہ ئي زخم پُراڻا کولين ها،
وڃ مرهم ڪري، ڏِسي جهير مٺا.


www.sindhsalamat.com



عشق تہ آهي عقاب،
ماسُ هڏن تان خُوب ٿو کائي.

عشق فقيري يار ڪرائي،
توڙي هُجي کو نواب.
ماسُ هڏن تان خُوب ٿو کائي.

عشق حقيقي آڻ مجائي،
ڪيئن تہ پڇي ٿو حجاب.
ماسُ هڏن تان خُوب ٿو کائي.

عشق عقل کي اهڙو مُنجهايو،
جنهن جو ناهہ جواب.
ماسُ هڏن تان خُوب ٿو کائي.

عشق عبادت آهي ’زخمي‘،
تنهن کي سمجهہ ثواب.
ماسُ هڏن تان خُوب ٿو کائي.


www.sindhsalamat.com

اڄ مجبور نہ ڪر تون ايڏو، دور ڇو مون ڪان گُذارين ٿو.
پيارُ ڪري پرديس ويهي تون، واه جو نينهُن نڀائين ٿو.

پاڻُ پليان تہ پلي ٿو سگهان پر، پيار تہ ڪونہ ٿو پَلجي،
توکئون سوا هِت ڪنهن سان جاني رُوح بہ ڪونہ ٿو رَلجي،
ڇا جي ڪري ٻلا ايڏو ستمگر، ساهہ منهنجي ڪي سِڪائين ٿو.

لوڪ جي ٽوڪ تي سهڻا سائين، ڪين ڪڏهن مان ڪُڇان ٿو،
ديوانن جان پل پل پيارا، تنهنجو پيار پُڇان ٿو،
ڪابہ گهڙي نہ وساريان توکي، مون کي ڇو يار وسارين ٿو.

تنهنجي جُدائي جان جلائي، ويس ڪرايا ڪارا،
چاهُہ ڏئي ڪري ’زخمي‘ دل تون، چينُ ڪٺي وئين پيارا،
ڪُجهہ تہ رحم ڪر مُنهنجي مٿان تون، ساري خدائي کِلائين ٿو.


www.sindhsalamat.com



وڃي ويهي رهين ڇو وساري وو يار.
تڪي نيڻ ٿڪي پيا نهاري وو يار.

غم گوندر منجهہ گُذاريان ٿو،
تنهنجون راهون سدا مان نهاريان ٿو،
انهي ڳڻتي ڇڏيو آهي ڳاري وو يار.

ڪسي چين وئين، ڏئي چاهُہ مٺا،
سدا تولئہ سِڪي پيو ساهُہ مٺا،
مَڇُ محبت جو وئين ٻاري وو يار.

تنهنجي فرقت ۾ هيڻا حال ٿيا،
لڏي سار نہ تو، ڪيئي سال ٿيا،
مٿي مُنهڙو اسان کي وئين ماري وو يار.

ڏک ڏاڍو مٺا توکي ٿيندو پو،
جڏهن ’زخمي‘ مري هتان ويندو پو،
روئي پوندين تڏهن، هانءُ ڏاري وو يار.


www.sindhsalamat.com

اي متا آءُ تون منهنجي تڏي،
توتان سِرُ ساھُہ صدقي ڪيان.
مون کي تنهنجو قسم، تنهنجي سِرَ جو قسم.

اڄ پير پيارا پري،
رهہ ايڏو نہ مون کان پَري،
آءُ منهنجا متا، ڏي نہ ايڏي سزا،
پل توکئون جُدا ڪيئن ٿيان.

پلي لوڪ جلي تہ جلي،
رُڳو تنهنجو سهارو مِلي،
ڪندو تڪرار ڇا، هتي اغيار ڇا،
تنهنجي دم سان ٿو دلبر جِيان.

هاڻي 'زخميءَ' تي ڪر ڪو ڪرم،
ماري تنهنجو ٿو مون کي مرم،
حال محرم بہ تون، منهنجو همدم بہ تون،
تڏهن تنهنجي اڳيان ٿو رُئان.



مُنهنجي مُئي ڪانپوءِ: زخمي چانڊيو

متڙا منهنجو ٿيءُ،
راڻا رُسي ڇو مُنهنڙو مَٽين وئين؟

سَڏڙا ڪرئي ٿي نڌر نماڻي،
سڏ ۾ سڏ ڏي جيءُ،
راڻا رُسي ڇو مُنهنڙو مَٽين وئين؟

مون سان سُتل هئي پيٽ او راڻا!
دل ۾ نہ ڪو پيو سيءُ،
راڻا رُسي ڇو مُنهنڙو مَٽين وئين؟

وهم وساري سڀ دل جا تون،
پِرت جو پيالو پيءُ،
راڻا رُسي ڇو مُنهنڙو مَٽين وئين؟

دردن ماري دل 'زخميءَ' جو،
حالُ ڏسي وڃ هيءُ،
راڻا رُسي ڇو مُنهنڙو مَٽين وئين؟

مون ڪان مُنهنڙو نہ مَٽ، منٿار وو يار.
ڪرين ڪهڙي سبب ٿو، ڏار وو يار.

سوا توڪان پرين، گهڙي ڪين سري،
تن من ۾ تنهنجي آهي، تار وو يار.

تنهنجي فرقت ۾ هيٺا حال ٿيا،
ائين ڳٽتين ۾ تون نہ ڳار وو يار.

اقرار نہ پنهنجا پاڙي وئين،
تنهنجا ڪهڙا ڪجن ويچار وو يار.

دل درد وندي ٿي دانهون ڪري،
لهُہ ’زخميءَ‘ جي ڪا سار وو يار.






راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو،
ڪنهن جي لڳان مان لاري؟

ميڙون منٿون نامِ خدا مڃ،
چڏيو ڳٽتي تنهنجي آ ڳاري.
راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو؟

ريءَ سڄڻ تو ڪهڙو جياپو،
مڇ اندر ۾ وئين ٻاري.
راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو؟

تو جي ڏنو هو ڏاريو سُتل ڪو،
چونہ مَٽُ ڪيئہ ٻئي ماري.
راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو؟

سُومل پيڻ سيج سُتل هئي،
سوچي ڏسين ها نهاري.
راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو؟

’زخمي چانڊيو‘ چئي ڏاڍ پلي ڪر،
چڏيئہ ڏاگهہ جو ڏيل ڏيڪاري.
راڻا رُسي چو دُور رهين ٿو؟

ڪري دلبر وچ نہ ڪنارا
توسان گهاريل سانوڻ سيارا
اجان پيي ياد هِن.

تنهنجي مُنهنجي پيار جا آهن، شاهد چنڊ ستارا،
توڏي ايندي پير پِٿون ٿيا، سي پيي رستا چارا،
اجان پيي ياد هِن.

دلڙي ڪسي ايئن نہ ڪر، مُنهنجا دلبر يار دلارا،
ڪاري ويس ۾ ڪوٺي تي بيهي، تو جو ڪيا ها اشارا،
اجان پيي ياد هِن.

اڳ تہ گهڙي پيي ڪانہ هَئہ سَرندي، مونڪان پري منهنجا پيارا،
ڪينجهر، سمنڊ ڪناري گڏ ٻنهي جيڪي ڏٺا ها نظارا،
اجان پيي ياد هِن.

پَرچ اچي نہ تہ ’زخميءَ‘ ڪان وٺ، واپس پنهنجا سمورا،
فوٽو، خط ۽ تنهنجا ڏنل مونکي پاڪر بوسا اڌارا،
اجان پيي ياد هِن.


www.sindhsalamat.com

مُنهنجي مُئي کانپوءِ: زخمي چانڊيو

مون ڪان مٿا نامِ خدا، پَلُ نہ پري ٿي.
سائين ڪونہ سَري ٿي.
تنهنجي جُدائيءَ ۾ دل دانهون ڪري ٿي.
الا ڪونہ سَري ٿي.
مون سانِ ملڻ لئہ ٿو چوين اڄ نہ سُڀاڻي،
آءُ هاڻي جو هاڻي،
چونہ سڄي خلق دل تي مُڱ ڏري ٿي،
الا ڪونہ سَري ٿي.
ياد اٿئي منهنجي رُئڻ تي تون رُنو هُئين،
جنهن ڏينهن چنو هُئين،
ڪهڙي خطا ۾ هي سزا ڪين ٽري ٿي،
الا ڪونہ سَري ٿي.
مُنهنجي اڳيان چالئہ رقيبن سان گهمين ٿو،
الا ڪين نهين ٿو،
تنهنجي محبت ۾ لڳل باهہ ٻري ٿي،
الا ڪونہ سَري ٿي.
منهنجي مُئي ڪانپوءِ هٿّ ڏاڍا تون هٽندين،
ڏينهن رات پيو رُئندين،
چوتہ ’زخمي‘ وَيَل شيءَ ڪانہ وري ٿي،
الا ڪونہ سَري ٿي.


www.sindhsalamat.com

تون بہ اڪيلو مان بہ اڪيلو، سُورن ۾ آهيون تون مان ٻئي.
آءُ تہ گهڙيون ڪي گڏجي گهاري، نينهن نڀايون تون مان ٻئي.

تنهنجو منهنجو پيار پُراڻو، ڏار نہ ڪر ڪُجھہ ٿيءُ سياڻو،
چاچي ڪري پنهنجي پيار تي پيارا، خلق کِلايون تون مان ٻئي.

تنهنجي مُنهنجي پيار تي پيارا، ماڻهو سَڙن ساڙولي سارا،
آءُ تہ گهمي سرِعام مٺا گڏ، غير جلايون تون مان ٻئي.

مهل اٿئي مِلُ يار تون هاڻي، روز چوين ٿو اڄ نہ سياڻي،
جُوانيءَ جو آ ڏاڪو ٻنهي جو، پاڪر پايون تون مان ٻئي.

’زخمي چانڊيو‘ تنهنجو آهي، پيار ٻئي سان ڪرڻو ناهي،
آءُ تہ ملي ڪي گيت خوشيءَ جا، دلبر ڳايون تون مان ٻئي.



www.sindhsalamat.com



هيلَ تہ اچجانءِ، هيلَ تہ اچجانءِ.
دردَ وندن جي سار تہ لهجانءِ.

سال ويا گذري ڪيئي سِڪ ۾،
ڪين ڏنو آ توڪي پِڪَ ۾،
نامِ خدا تون پيرو نہ پيجانءِ، هيلَ تہ اچجانءِ.

حال ويا ٿي مُنهنجا هيڻا،
غم بہ وڏي ٿيا توٻن ٻيڻا،
پَتِ نہ اچئي تہ لوڪ کان پُڇجانءِ، هيلَ تہ اچجانءِ.

موتي چمن ۾ آيون ٻهارُون،
هيل نہ ايندين مِلنديون ميارون،
پيار جو پيارا ڀَرم ڪو رکجانءِ، هيلَ تہ اچجانءِ.

مرڻ ڪنڌيءَ تي ’زخمي‘ آهي،
پوءِ پِي اوهان ڪي اُلڪو ناهي،
مَرڻ پُڄاڻان سَندرو نہ ٻَڌجان، هيلَ تہ اچجانءِ.



www.sindhsalamat.com

آ ٿيڻ تي پورِي مُنهنجي زندگي.
پوءِ ٻہ تنهنجي ايڏي مونسان بيرُخي.

ياد اٿئي تو سينڌ هُئي مونکي ڏني،
پوءِ وئين ڇالاءِ تون ناتو ڇني،
چاهہ ڏئي ساري کسي وئين تون خوشي.

واهہ جي آ تنهنجي پيارا دل لڳي،
دل ڦري ايڏي ڪري وئين ڪيئن ٺڳي،
پيو ڪري ڪنهن سان ڪٿي توڪان پُڄي.

آءُ پرين ڪيئون پيچ پُختو پيار جو،
درد دلبر ڏي نہ مون کي ڏار جو،
ڇئہ پلا ڪا مُون ڪئي مون سان ٺڳي.

من اچين تون موت تي مُنهنجا سڄڻ،
روئي اوڇنگارون ڏيندي پَوندءِ ڏندڻ،
لاش کي چوندين: هاڻي ’زخمي‘ اُٿي.


www.sindhsalamat.com



# سمبارا پبليڪيشن جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي |
| 5. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي |
| 7. اوجاڳيل آڱريون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | ”شاد“ جلباڻي |
| 9. رڻ رڙيون ٿو ڪري | (شاعري) | نسرين الطاف |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو |
| 11. شاهہ لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ |
| 12. ڪنيس ڪويچن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين ”فدا“ |
| 14. سويرن جا اُلڪا | (شاعري) | ملزم سومرو |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اڇڻ |
| 19. اکين ۾ مند ميهنوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو |
| 20. سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي |
| 21. بڇهڙي آنکھہ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو |
| 22. ٻانڊي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن ”پياسي“ گبول |
| 24. هينئڙي منجهہ هڳاءُ | (شاعري) | مخمور رضا |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي |
| 27. ٻهہ ٻهہ ڪندڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو |
| 28. جاڳ ازل جي | (شاعري) | جاويد سوز هالائي |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساڻي |
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو |
| 31. گيڙوءَ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح |
| 32. من گهريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو |
| 33. مُنهنجي مُئي کانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو |



www.sindhsalamat.com